
ڪربلا
نورالهديٰ شاهه
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

ڪربلا

ڪهاڻيون

نورالهديٰ شاهه

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

سنڌ جا سڄڻ سلام ....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو اٽيتاليهون (39) ڪتاب ڪربلا اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪربلا سنڌ جي ناليواري ڪهاڻيڪاره ۽ ليکڪا نورالهديٰ شاهه جي 80 جي ڏهاڪي ۾ لکيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي. سندس هن ڪتاب جا ڇهه کان مٿي ايڊيشن ڇپيا آهن. سڀ کان پهرين نيو فيلڊس پبليڪيسن پاران ڇپايو ويو ۽ آخري دفعو روشني پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو.

سندس هن ڪتاب ۾ سندس مشهور ڪهاڻيون منهنجو من پنيور، زم زم، گورکن، پن ڇڻ جي رُت ۾ ۽ ڪربلا سميت يارنهن ڪهاڻيون شامل آهن. مهربانيون سنڌي ادبي بورڊ جي ويبسائيٽ جون جتي هي ڪتاب موجود آهي. ڪتاب جو ٽائيٽل سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر آفتاب ڪوهارو ڊزائن ڪيو آهي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ

مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

salamatsindh@gmail.com

www.sindhsalamat.com

فهرست

ٻه اکر	5
منهنجو من پنيور	7
زم زم	25
گورڪن	34
پن ڇڻ جي رُت ۾	40
منهنجي زندگيءَ جو جنم قيد	47
مندر، اداس ڏيئو، اذرات، ديوداسي	56
زندگيءَ جو زهر	68
انسان	75
ڪربلا	83
پيڙا	98
تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون	103

www.sindhsalamat.com

پہ اکر

ليکڪ تي هڪڙو دور بي حد جذباتي نوع جو ايندو آهي. اوچتو، هن جي احساسن جي وهڪري ۾ عام حالتن کان وڌيڪ تيزي اچي ويندي آهي. جيئن اوچتو دريا چڙهي اچي، اُٿلي پوي ۽ ڪَڪ پن بنا ڪنهن الڳ الڳ سڃاڻپ جي پوڙهيندو وڃي.

ان نارمل نوع کان هٽيل وهڪري کي ڇا چئبو آهي!؟

ان شدت جو Re-action ڇا هوندو آهي!؟

انهن سوالن جو جواب آهي بہ ۽ ناهي بہ.

جيتوڻيڪ اهي احساس بنهين ذاتي هوندا آهن.

جيتوڻيڪ ان وهڪري جي تيزيءَ جا ڪارڻ ليکڪ جي بنهين اندر، ٻاهرين حالتن کان ڪٽيل، نفسياتي طرح سان مُنجهيل، نہ ليڻ برابر ليندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ جي ڪٽَ گهٽو پوءِ ليکڪ پنهنجي نفسياتي ۽ جذباتي چند چاڻ ڪانپوءِ لڳائيندو آهي، پر گهٽو اڳتي هلي. گهربل ضرورت مطابق Mature ٿيڻ ڪانپوءِ.

ان حالت ۾ بہ صورتون جنمجي سگهن ٿيون.

يا تہ ان جذباتي وهڪري ۾ لکيل پنهنجون سموريون لکٽيون Disown ڪجن يا تہMature نقاد جي حيثيت سان بي دردي‌ءَ سان ان تي منتيئڙا پائي، ڪنهن حد تائين قبول ڪرڻ جوڳو بڻائجي.

ٻي صورت کي ئي مون بهتر سمجهيو، پر ائين ڪندي بہ پاڻ تي اخلاقي ذميداري محسوس ٿئي ٿي، ان پس منظر کي ڪنهن چور جيان نہ لڪائجي، جيڪو ان ڊوڙ ۾ لکڻ جو ڪارڻ بڻيو.

ڪجهہ سال پهرين تائين پنهنجين ڪهاڻين جي پس منظر ۾ پنهنجي Personal involvement جو ذڪر/ اعتراف- گناهہ جي اعتراف جيان مُشڪل لڳندو هو. اڄ مون لاءِ اهو ذڪر/اعتراف ڪنهن نئين ۽ حسين منظر جيان نکور ۽ حيران ڪندڙ آهي. اڄ جڏهن آئون داخلي احساسن هيٺ پنهنجي اندر جي ڳُڙکي کولي، اندر ۾ ليئو پايان ٿي تہ ڪنهن ٻار جيان حيران ٿي سوچيان ٿي. اڃا ايترو ڪجهہ آهي مُنهنجي اندر!؟ ساڻ ئي هڪڙو بور ڪندڙ احساس تہ هيل تائين محض ٻاهر جا منظر لکيا پي شايد!!

اجنبيت!!

پنهنجي پاڻ کان اجنبيت!!

www.sindhsalamat.com

مون هن مجموعي ۾ شامل گهٽي پاڳي ڪهاڻيون 1980ع ۾ لکيون. مسلسل ۽ مسلسل، بنا ڪنهن Gap جي.

Pregnancy جي حالت ۾ (جڏهن گرڀ ۾ پيل ٻارَ لاءِ ڊاڪٽرن وٽ زندگيءَ جي ڪائي ضمانت نہ هئي).

مون تي طاري ٿيل موت جهڙي بوريت.

بستري تي پئي پئي اها پوائتي سوچ تہ مون وٽ ڪنهن بہ ايندڙ پل لاءِ ڪائي ضمانت ڪانهي.

گرڀَ ۾ پيل ٻار مون سان ڊائيلاگ نٿي ڪيو.

گرڀَ ۾ ڦهلجندڙ پولار ۽ ان ۾ ٻولاٽيون ڪائيندڙ ٻار.

ٻار، جنهن کي مون هر حالت ۾ جنمڻ ٿي چاهيو.

اِها خواهش منهنجي اندر جي سگهہ بڻجي ويل، بوريئت ويڙهہ جي صورت اختيار ڪري ويل ۽ فرار لاءِ داخلي/ خارجي سطح تي Romance هڪ نفسياتي ضرورت بڻجي ويل. اها ضرورت پنهنجي اندر جي عورت جي Inner Satisfaction لاءِ بہ تہ مان آهيان پنهنجي گرڀ جي حقيقت سميت. مان آهيان موت سان وڙهڻ لاءِ- مان آهيان زندگيءَ کي پائڻ لاءِ-

۽ مون ڪربلا ۾ شامل ڪهاڻيون لکيون.

هينئر سال 1991ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران ڪتاب جي نئين ايڊيشن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ جڏهن مون ڪهاڻين کي نئين سري ڪان پڙهيو. انهن تي منديڙا پاتا. انهن جي جذباتي شدت کي گهٽائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي. ان ڪانپوءِ بہ ڪارڻ/ اڪارڻ پڙهندڙ سان ڊسڪس ڪرڻ لنوائي نہ سگهي آهيان. جلاوطن جون ڪهاڻيون لکڻ ڪانپوءِ، داخليئت ڏانهن شعوري/ اڻ شعوري لاڙي کي ڪنهن صحيح ڏگ پهچائڻ کان پهرين، ان تبديليءَ کي محض تجربي جي حوالي ڪرڻ ڪانسواءِ، گهٽو اڳتي هلي مان ”رڻ ۽ رَڃ جو اتهاس“ لکي نہ سگهان ها- ڪربلا جون ڪهاڻيون منهنجو اهو تجربو ئي آهن.

نورالهديٰ شاهه

04 سيپٽمبر 1991ع
حيدرآباد

www.sindhsalamat.com

منهنجو من پنپور

ڌرتيءَ جي ٻرندڙ گولي تي ڪو رهجي ويل سپنو آهيان آئون (يا – صليب جو نشان آهيان).
ڌرتيءَ جي پوڙهيءَ ڇاتيءَ تي اگهاڙن پيرن ڊوڙان تي، جنم جنم کان. پير پٿون ۽ اکيون آڳ اُلا. ڪو پريم پل آيو ئي نه زندگيءَ ۾. ڏک جي دائري ۾ ڦرندي رهي آهيان. هاڻ ته ڪارن ڪڪر وارن ۾ چانديءَ جون تارون ٿيون جرڪن، جڻ هڪ ڊگهو لينگهو پئجي ويو هجي منهنجي جوانيءَ جي نرڙ تي.
هڪ ڀيري (۽ سال گذريا اُنهيءَ هڪ ڀيري کي) ريلوي لائن جي ڪناري – ڪناري هلندي چيو هئم هن کي (جنهن جو من منهنجي اندر ۽ جنهن جو تن سرحد پار ٿو پٽڪي) ته آئون تيزيءَ سان ڊوڙندڙ انهيءَ ريل هينان اچي آپگهار ڪنديس، جيڪا تنهنجي هر گس کي منهنجي هر گس تان ڪٽيندي ويندي. منهنجو تن ٽڪر – ٽڪر تي ڦهلجي ويندو ڌرتيءَ جي چوڏسائن ۾، ۽ منهنجو ٻانورو من رهجي ويندو مڪليءَ جي قبرستان ۾.
موت ۾ هو مُرڪي پيو هو: ”الاءِ چو سمجهان ٿو ته تون آپگهات ڪري نه سگهندينءَ سنڌا!“
چيو هئم: ”زندگيءَ جا هاجا هلي مون پويان ناهن آيا – مون ڪيو آهي هر ڏک جو پيڇو ۽ چا آپگهات ڪو بيحد ڏکي ڪندڙ هاجو ناهي گوتم!؟“
”سنڌا!“ پولارن ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي هن چيو هو: ”الاءِ چو ائين ٿو محسوس ٿئيم جڻ جنهن ڏينهن تون آپگهات ڪندينءَ، سو ڏينهن حشر جو هوندو. ڪم از ڪم مون لاءِ – ڏس نه سنڌا! جنهن پل اسان آپگهات ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندا آهيون، انهيءَ پل اسان جي اندر جي ماڻهوءَ جو آپگهات ٿي ويندو آهي. باقي رهندو آهي تن، جيڪو زندگيءَ جي رسم نڀائڻ لاءِ پيو تڳندو آهي. پوءِ ڇا ضروري آهي ته انهيءَ کي ٻه آٽي ڇڏجي تيزيءَ سان ڊوڙندڙ ڪنهن ريل هينان؟“
اسان چپ چاپ هلندا رهيا هئاسون، ريل جي پٽين تان. هن پل سوچيان ٿي ته درد جي درياهه منجهان پل – پل لنگهڻ کان پوءِ ٻه آئون آپگهات ڪري نه سگهي آهيان (چو!!؟) سلو پوائزن وانگر جيئان ٿي، جڻ هوريان – هوريان مرندي هجان. سپنو ڏسندي آهيان ته باهه جي سُرخ اُلن ۾ سڙي ٿو منهنجو تن. سسئي وانگر رڻ ۾ ٿي واڪا ڪرڻ چاهيان، پر دروازا سيئي بند آهن. جنم قيد جي انهيءَ مسلسل ڪيفيت ۾ آئون جيئان ٿي اڄ تائين. ائين پائيندي آهيان، جڻ منهنجي چوڌاري ڪوٽ ڦهليل هجي، اُين ڪاون سان.

www.sindhsalamat.com

ائين محسوس ٿيندو اٿم ڄڻ آئون ڏک جي مٽيءَ منجهان تخليق ٿي هجان. سک جي مٽي منهنجي پٽيءَ جي ئي نه هئي. سو بس انهيءَ جو سپنو ئي ڏٺو هئم. سک ڌرتيءَ جو اڻپورو سپنو آهي ۽ ڏک درياهه آهي، جيڪو وهندو ٿو وجي تن جي رڳ – رڳ مان.

هر نئون صبح نئين آس من ۾ پالي ڏني هوندم. شايد اهو صبح هجي منهنجي حصي جو! هر رات جي ڪاري ڏائڻ کي پاڪر پائي سٽي آهيان. هر نئون سج اميد جا هزار ڏيئا ٻاري ڏنو اٿم. هر سج اُلهي وڃڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن جا سپنا پاليا هوندم من ۾.

ياد اٿم ڄامشوري جي هيٺين ٽتل پٿرن تي گوتم سامتاڻيءَ سان هلندي سوچيو هئم: ”جو پل موجود آهي، آئون انهيءَ پل جي ڪنوار آهيان. جو پل گذري ويو، سو ڏهاڳڻ جيان آهي.“ سامهون سنڌ يونيورسٽيءَ جون عمارتون بيٺيون هيون. هيٺين پٿرن تي اسان جا پاڇولا هڪٻئي سان ٽڪرائجي رهيا هئا.

”ڇا ٿي سوچين!“ چوڏاري ڦهليل ٻي انت سانت ۾ هن مون کي پڪاريو هو.

”سوچيان ٿي گوتم! تون هليو ويندين. تنهنجو ۽ منهنجو ساٿ ويزا جي تاريخ تائين آهي. نجاڻ انهيءَ کان پوءِ جيئڻ ڪيڏو اوکو هجي! تون جنم – جنم جلا وطن آهين ۽ مون پنهنجي ذات اندر جلاوطنيءَ جو عذاب سَنو آهي. جڏهن توکي پهريون ڀيرو ڏٺو هئم، تڏهن پهريون ڀيرو ڀانيو هئم ته منهنجي اندر ۾ به وطن آباد آهي شايد.“

ڏامر جي ڪاري روڊ جي ٻنهي ڪنارن تي بيٺل وڻن جي ڇانوَ مان لنگهي رهيا هئاسون. هلندي هلندي هن ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ تان ٿي پن پٽيو. منهنجي ڳالهه جي ورندي ڪيترا پل گذري وڃڻ کان پوءِ ڏني هئائين. ٽاريءَ تان پيلو پن ٽوڙيندي چيو هئائين: ”مون توسان وصل جي لمحن ۾ به وڇوڙي جو عذاب سَنو آهي سنڌ!“ هن جي اداس اکين ۾ پيڙاؤن ٿي لٽيون انهيءَ پل. ”جلاوطن ته هاڻي ٿيو آهيان. جڏهن ته توکان ڌار ٿيڻ جو عذاب اڳ ۾ ئي پيو سهان. آئون سرحد پار پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ ۾ هليو ويندس ۽ منهنجو من، اتي ڪٿي، تنهنجي اندر، موئن جي دڙي جي ڪنڊرن ۾، سنڌوءَ جي ڇولين ۾، مڪليءَ جي قبرستان ۾ رهجي ويندو. ٻڌين ٿي نه سنڌ!“ انهيءَ پل پهريون ڀيرو پاڻ کي اندر ئي اندر، سنڌ جي ٻيرانن ۾ سسئي وانگر واڪا ڪندي ٻڌو هئم گوتم – گو – تم – گ – و – ت – م – گو – و – تم – تم – تم – اهي ڏينهن جيڪي هن ساڻ سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڏکيا – ڏکيا پنڌ ڪري گهاريا هئم، اڄ به جيئڻ جو ڪارڻ پائيندي آهيان. دل جلاوطنيءَ جي ٿياس تي ٿنگجي ويندي آهي. هڪ اداس نما شام جي ٽڪل ٽڪل لمحن ۾ هن ڪاري مارڪر سان منهنجي هٿ تريءَ تي لکيو هو:

الا – ڏاهي مَ ٿيان – ڏاهيون ڏک ڏسن – ڏاهيون ڏک ڏسن – مون سان مون پرين- پورائيءَ ۾ پال ڪيا – مون سان مون پرين – ڏاهيون ڏک ڏسن – الا – ڏاهي مَ ٿيان.

www.sindhsalamat.com

اکين منجهاران ٻه ٻوندون هٿ تريءَ تي وجي ڪريون هئم. گوتم! زندگي اڄ ٻه زنده رهڻ جي رسم تي نڀائي، پر تو ڇيو هو نه ته ڏس سنڌ! ڪيڏو نه وڏو هاڃو آهي جو تن ته هڪڙيءَ پونءَ تي جيئي ۽ من ڪنهن ٻئي ديس ۾ ڀٽڪندو رهي! تن من ڪان ڌار رهي ڪيئن ٿو جيئي سنڌ! ۽ ڪيئن جيئنداسون پاڻ! پر گوتم! توکان وڇڙڻ کان پوءِ زندگيءَ جون سڀ حقيقتون ڇاتيون اٿم. ماڻهو هر انداز ۾ جيئي ٿو. ڦاسي اچڻ کان هڪ رات اڳ ٻه جيئي ٿو ۽ جلاوطن تي ٻه جيئي ٿو. تن ۽ من جي ونڊ ته ازل کان ٿيندي آئي آهي.
تن ۽ من وچان جيڪا سرحد لنگهي ٿي، ماڻهو انهيءَ کي پاڳ جي ازلي ليڪ جيان ڊاهي نٿو سگهي. بس جيئي ٿو انهيءَ لاءِ جو موت جو اوسيئڙو ڪرڻو آهي. ڪڏهن ڪنهن مهاڀاري جنگ ۾ ڪو ايٽم – بم ڪو نيوٽران بم تن ۽ من جو حساب ڪتاب برابر ڪري ڇڏيندو. سو گوتم سامتاڻي! اهو ئي آهي اُهو الميو، جيڪو تنهنجا ۽ منهنجا گس ڌار – ڌار ٿو جوڙي. تو ڪڏهن سوچيو گوتم سامتاڻي! صرف هڪ ٻئي جا چپ چمڻ لاءِ ماڻهوءَ کي تاريخ جي ڪيڏين خوني جنگين مان ٿو لنگهڻو پوي.
سو تون ۽ آئون هڪ ٻئي جا چپ چمي نه سگهنداسون. ڪنهن ٻئي جنم ۾ به نه. سنڌ اڃڻ کان اڳ هن لکيو هو:
”سنڌ! جنم – جنم کان جلاوطنيءَ جو عذاب من ۾ پالي جيئاں پيو. بمبئي منهنجي جنم ڀومي، پر ائين ٿو ڀانيان جڻ جمڻ مهل رڳو تن هو منهنجو ۽ من، سو نه ڄاڻ دنيا ۾ ايندي – ايندي ڪٿي ڪوئجي ويو هئم؟ ڀٽڪڙو هئس اڃا، جڏهن امي اکين ۾ ڍير سارو پاڻي ڪنو ڪري سنڌ جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئم ۽ ساڻ ساڻ منهنجو ٻانورو من سنڌ جي ٻيرانن ۾ پيو ڀٽڪندو هو. ڀٽ شاهه تي – درازا شريف جي ڳلين ۾ - موئن جي دڙي جي ڪنڊرن ۾ - مڪليءَ جي قبرستان ۾ - مياڻيءَ جي ٻيلي ۾ - ڀتاجيءَ کي ٻاروتڻ کان ٻڌائيءَ جا بيت جهونگاريندي ٻڌو هئم. جڏهن سانجهيءَ جا پاڇولا پرڙا پکيڙيندا هئا، تڏهن هو اڱڻ ۾ اچي ويهندو هو ۽ آلين اکين ساں پيو جهونگاريندو هو: سج لهي سانجهي ٿي – پکين ڪوڙيا پڪ – ڪن ميڙيا ماڻڪ موتي – ڪن ميڙيا ڪک – مون کي پرور ڏيج پڪ – ته اڏامي اوڏڙي ٿيان – امي چوندي هئي: سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار – دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين – تڏهن سنڌ! منهنجو ٻانورو من سنڌ جي ٻيرانن ۾ پوئر جيان پون – پون ڪندو اُڏامندو هو. سرحد جي هن پار ويهي جڏهن دوستن کان ٻيڪ ۾ مليل سنڌ جي رسالن ۾ تنهنجي شاعري پڙهندو آهيان، تڏهن سوچيندو آهيان، تنهنجن پيرن هيٺ ڌرتي آهي، انهيءَ ڪري تنهنجو ناءُ به سنڌ آهي. منهنجي پيرن هيٺ جلاوطنيءَ جو مسلسل عذاب آهي، انهيءَ ڪري ائين ٿو ڀانيان جڻ ڪوبه ناءُ نه هجيم.“

www.sindhsalamat.com

”آئون ڀارت جو هندو سنڌي ڪهاڻيڪار، پر ڇا ڪنهن اهڙي ڌرتيءَ تي اندر جو ڏات ڏٺي جيئرو رهي سگهي ٿو، جتي هن جو من نه هجي! مهيني کن لاءِ اچان پيو. امي ۽ پتاجيءَ جي جوانيءَ جي ديس ۾، بلڪل اوپرو بڻجي. مرڻ کان اڳ اميءَ ۽ پتاجيءَ چيو هو ته اسان جي چتائن جي رک سنڌوءَ ۾ هارڻ لاءِ ڪڏهن سنڌ ضرور وڃجانءِ ۽ آئون انهن پاڳل ڪنڌڙ احساسن جون چتائون ڪنيو پيو اچان، جتي منهنجو من ڪوئجي ويو آهي — گوتم سامتاڻي.“
ڪراچي ايئرپورٽ تي بيئنل بي پناهه هجوم ۾ هو هٿ ٻڌي ائين بيهي رهيو هو مون اڳيان، ڄڻ ڪنهن عبادتگاهه جي چائنٽ هجان. آس پاس بيئنل ماڻهن جي اکين جي گهور تکي تي وئي هئي. پاڻ اڳيان جوڙيل سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليندي، انهيءَ هڪڙي پل، دل سيني مان نڪري هٿن ۾ ڌڙڪندي پاڻي هيم — عينڪ جي اڇن اجرن شيشن اندر، سندس اکين ۾ سنڌو درياهه پرجي آيو هو ڄڻ.
ماڻهن جي هجوم مان نڪري آيا هئاسون. ٻاهر چوڏاري نهاريندي چيو هئائين: ”آئون چو اوپرو آهيان هن ڌرتيءَ تي! آهي نه تاريخ جو سڀ کان وڏو هاڃو!“
ڌرتيءَ مهل حيدرآباد ويندي، بس جي سيٽ تي گوتم سامتاڻي جي ايڏو ويجهو ويٺي پانيو هئم، ڄڻ ڪجهه آهي، جيڪو من ۾ چيندو هجيم.
هو ڳڙڪيءَ کان ٻاهر تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو هو، سنڌ جون پٽون ۽ ٻر. نانگ جهڙو ور وڪڙ ڪائيندڙ رستو، جيڪو سڌو سنڌ جي ڇاتيءَ ۾ ٿي لٿو.
”ڪٿي رهندين تون؟ منهنجو نڪاٽو نه مارئي هاسٽل آهي.“
موٽ ۾ هن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريو: ”آئون نه بلڪل اوپرو آهيان هن ديس ۾ - مون وٽ هيرآباد جي انهيءَ گهر جو به پتو آهي سنڌ! جيڪو پتاجي نجاڻ ڪيترا سپنا من ۾ سانڍي جوڙايو هو. امي انهيءَ گهر جا ساروڻا ساري سڏڪي پوندي هئي. پر اهو گهر ڪيئن ٿو منهنجو ٿي سگهي — جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا ئي گهر پنهنجي لاءِ درد جو درياهه بڻجي ويندا آهن، جنهن کي ڪڏهن به اُڪري نه ٿو سگهجي.“
بس تيزيءَ سان روڊ جي ڇاتيءَ تي ڊوڙندي رهي هئي. پر ڪجهه به نه چئي سگهي هيس.
اهي سڀ ڳالهيون، جيڪي اندر جو عذاب آهن، چئي نه سگهبيون آهن.
”آئون هوٽل ۾ ئي رهندس. اوپرا ماڻهو هوٽلن ۾ رهندا آهن نه!“ هن کي هوٽل تي ڇڏي جڏهن يونيورسٽيءَ جي بس ۾ ڄامشوري ڏانهن واپس موٽي هئس، تڏهن پانيو هئم نه پنهنجي صدين جي تاريخ پويان ڇڏي آئي هجان. هوٽل جي بند ڪمري ۾ ڄڻ منهنجي سمورن بيتن جي معنيٰ ڪوئجي وئي هجي. گوتم انهيءَ ڏينهن ڇاتو هئم نه وطن آباد هوندو آهي ماڻهوءَ جي اندر. بظاهر جيڪو زمين جو ٽڪر آهي، سو نه روپ آهي اندر ۾ آباد وطن جو. زمين جي ٽڪر تي جيڪو هاڃو ٿئي ٿو، انهيءَ جو عذاب من اندر آباد وطن تي پوڳي.

www.sindhsalamat.com

اڄ تائين اها ڪٿ نہ لڳائي سگهي آهيان تہ منهنجو اهو پاڳل پڻو تو لاءِ آهي يا سنڌ ڌرتيءَ لاءِ؟. نجاڻ تو مون ڪي چاهيو هو يا سنڌ جي اُداس ڌرتيءَ ڪي؟ ٻئي ڏينهن جڏهن هوٽل پهتي هيس تہ هو دريءَ ۾ بيٺو هو. دريءَ کان ٻاهر ڦهليل هو حيدرآباد جو شهر.

”رات آئون سمهي نہ سگهيو آهيان سنڌ! رات اُهي سڀ لڙڪ اکين ۾ چُڀندا پانيا اٿم، جيڪي جنم – جنم کان اميءَ جي اکين ۾ ڪنا تيندا ڏٺا هئم.“ هن جي اکين ۾ رات جو اوجاڳو هو. آئون ٽڪ ٽڪ وکون کڻندي دريءَ وٽ هن جي ويجهو اچي بيٺي هيس. هيٺ روڊ تي ڊوڙندڙ تيز رفتار موٽرون – رڪشائون – ٽانگا – جائين جا منگهہ – ورهاڱي کان اڳ جا اداس گهر ۽ پوءِ جون عمارتون – ماڻهو – اجرڪن وارا ۽ ڳاڙهن واتن وارا.

”ڇا تو ڏسين گوتم؟“

هن ڇرڪي مون ڏانهن نهاريو. ”حيدرآباد جي تن ۾ انهيءَ حيدرآباد جو من پيو ڳولهيان، جنهن جون ساروڻيون ساري پتاجي ۽ اميءَ ڪي ٻاروتڻ کان سڏڪندي ڏٺو هئم. سنڌ! ڪٿي آهي اُها حيدرآباد؟ منهنجي اکين ۾ تہ رڳو ڳاڙها وات ٿا ڇين.“

هوٽل مان نڪري رستن تي هليا آيا هئاسون. هو ميڙ ۾ وڃائجي ويل ٻار وانگر اُداس ۽ گم سم. روڊ تي اسان جا پاڇولا هڪٻئي سان ٽڪرائجي رهيا هئا.

”سنڌ!“

”هل – هلون منهنجي گهر – آئون اُنهيءَ جي هر ديوار کي تو چمڻ چاهيان. پتاجي ۽ اميءَ جا اڻپورا سپنا تو ڏسڻ چاهيان.“ روڊ تي هلندي – هلندي هو بيهي رهيو. هن پتلون جي کيسي مان گهر جو پتو ڪڍي منهنجي هٿ ترئيءَ تي رکندي چيو هو: ”ائين سمجهہ تہ ڪنهن ڪوئجي ويل ٻار کي گهر ڏيکارڻ ٿي هلين.“

هيرآباد ۾ جلد ئي هن جو گهر ليي پيو هو. سرخ رنگ جون ديوارون، اڃا بہ ديوار تي اڃو پٿر لڳل هو. ”سندري هائوس“ هو انيڪ پل تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو هو انهيءَ اڇي پٿر کي. نہ ڄاڻ ڪهڙي طوفان ۾ گهيرجي ويو هو هن جو من! آئون چپ چاپ ڳاڙهي يٽ کي ٽيڪ ڏيو هن کي ڏسندي رهيس. هو رنو نہ هو. عينڪ جي فريم اندر هن پنهنجيون اکيون پوري ڇڏيون هيون.

اسان ڄڻ ڪنهن مقدس عبادت گاهہ جي چائنٽ تي اچي بيٺا هئاسون.

”سنڌ!“

”هون!“

”سندري منهنجي وڏي ڀيڻ هوندي هئي. اميءَ کان ٻڌو هئم تہ هوءَ ٻنهين سهڻي هئي. ايتري جو جيڪو بہ ڏسندو هئس، سو مٿس موهت ٿي پوندو هو. ڏاڍو مٺو هوندو هئس آواز، جڏهن هوءَ اوچن سُرن ۾ پتائيءَ جون وايون ڳائيندي هئي، تڏهن ڄڻ هر شيءِ سانت ۾ اچي

www.sindhsalamat.com

ويندي هئي. ڏاڍي سٺ هوندي هئس پٽائيءَ جو سمورو رسالو ياد ڪرڻ جي. سچ لٽي جي ويلا ۾ هوءَ انهيءَ گهر جي اڱڻ ۾ ويهي بيت ياد ڪندي هئي، پر پٽائيءَ جو رسالو ياد ٿيڻ کان اڳ ئي هوءَ جوانيءَ ۾ مري وئي. ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ ورهاڱو ٿي ويو. سڀ گهر وارا هن گهر ۾ هن جون ساروڻيون ڇڏي پارت هليا ويا. مون پارت ۾ جنم ورتو. مون ڪڏهن هن جي تصوير به نه ڏٺي، پر هن پل ائين ٿو لڳيم جڻ هوءَ سامهون بيٺي هجي، ٻانهون ڦهلايو. جڻ هوءَ چوندي هجي ته اڙي – گوتم! – ڇريا! ايڏو وائڙو ڇو بيٺو آهين؟ اچ – توکي پاڪر پايان – تنهنجو مک چمان – ڪيڏو سندر آهين تون. ائين ٿو لڳيم جڻ اهي سرخ ديوارون سندريءَ جون ٻانهون آهن. هي دروازو هن جو سينو آهي، جنهن تي سِرُ ڌري آئون سڀ ڏک روئڻ ٿو چاهيان. هن گهر اندر سندريءَ جو من ٿو ڌڙڪي ۽ آئون هتي پيو ٻڌان هن جي ڌڙڪندڙ من جو آواز.“

مون ڪنڌ متي ڪٽي انهيءَ اڇي پٿر کي ڏٺو، جنهن تي ”سندري هائوس“ اُڪريل هو. سمجهي نه سگهي هئس ته ڪهڙو هاجو آهي اهو، ڪهڙي پلصراط آهي جنهن تي انسان جو انبوهه ٿو ڊوڙي؟ ائين ڇو ٿيندو آهي ته سندريءَ جي آتما ته سنڌ ۾ تي ڀٽڪي ۽ گوتم پارت ۾ ٿو جنم وٺي. سوچيو هئم – زمين جي جنهن ٽڪر جي حصول لاءِ ماڻهو تاريخ جون سڀ خوني جنگيون ٿو ڪري، زمين جي انهيءَ ٽڪر جيان اهم اهو ماڻهو به هو، جيڪو انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويو. پر اها ڳالهه ڪوئي ڪيئن سمجهي سگهندو؟ اهو ليکو ڪيئن ڪري سگهبو ته ڪيترا ماڻهو پارت کان هيڏانهن ايندي مارجي ويا ۽ ڪيترا ماڻهو پارت ويندي مارجي ويا؟ اهي ليکا جيڪر رجسٽرڊ تي سگهن ها ته ڪر ماڻهو ماڻهوءَ جو رت نه چوسي ها.

سندري هائوس جي ڪال بيل تي آڱر رکي پانيو هئم ته هوريان هوريان ڪو طوفان آهي، جو اندر گهڙندو ٿو اچي. هو مون پويان چپ چاپ بيٺو هو. ڪيتري اوسيئڙي کان پوءِ دروازو کليو. دروازو ڪنهن سندريءَ نه کوليو هو. اهو ئي ڳاڙهو وات ۽ ڪنور اکيون.

”کس سي ملنا هي آپ کو؟“ گوتم چپ چاپ هن کي ڏسندو رهيو. جو نه تي هن کي چئي سگهيو ته هي گهر منهنجو آهي ڳهلا! منهنجي اميءَ ۽ پتاجيءَ جو اٽپورو سپنو آهي. هت منهنجي پيڻ جي آتما تي ڀٽڪي. ڇا ائين اوچتو ئي اوچتو پنهنجي هر ڪا شيءِ ڌارين تي پوندي آهي، سيئي سگ سياڪا ڇجي پوندا آهن؟.

”کون هين آپ؟.“

گوتم چپ پيڙي ڇڏيا. ڪنور اکين جي گهور کان گهبرائجي هن کي ٻڌايو هئم ته: ”هي گوتم سامتاڻي آهي. پارت مان آيو آهي. هي گهر هن جي ماءُ ۽ پيءُ جو اٽپورو سپنو آهي.

www.sindhsalamat.com

هي ڏسڻ تو چاهي هن گهر کي، چمڻ تو چاهي انهيءَ جي هر ديوار کي. هت هن جي پيڻ سندريءَ جا ساروڻا آهن.“

هن ڪنور اکين سان گوتم کي ڏٺو. ڇڻ چوندو هجي پڇي وچ هتان. هي گهر تنهنجو ڪونهي، هي ديس تنهجو ڪونهي، اوپرو آهين تون. چيائين: ”آپ کي پاس ڪوئي ثبوت؟.“

گوتم انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ڇڏيو. ڀلا پنهنجي سپنن لاءِ به ڪي ثبوت هٿ ڪبا آهن؟ پنهنجي گهر جي ديوارن کي چمڻ لاءِ به ڪي ثبوت ساڻ آڻبا آهن؟.

”آپ ڪو غلط فهمي هوئي هي، يه گهر آپ ڪا نهين.“ در نڪاءُ ڏئي بند ٿي ويو. سرخ ڏاڪڻين تي بيٺل اسان جا وجود ڄڻ پاپ نه بخشرائي سگهيا هئا. ڄڻ عبادتگاهه جي چائنٺ تان ڌڪاريو ويو هجي اسان کي. هن اجهامندڙ اکين سان مون کي ڏٺو. مٿي ڏٺائين، جتي سندري هائوس جو اڃو ڪتبو لڳل هو ۽ موٽڻ لاءِ منهنجو هٿ پڪڙي ورتائين.

اجهامندڙ نما شام جي پڇاڙڪن لمحن ۾ ڄامشوري جي پل تي بتيون ٻرڻ لڳيون هيون. پاڻيءَ ۾ پوندڙ روشنين جو عڪس. هيٺ سنڌو تي وهيو. جهڙالو آسمان. هن الائي ڪائون پيرو پٽر اڇلايو هو دريا ۾. انيڪ پل ڪجهه به نه ڳالهايو هوسين. ريلنگ ڪناري هلندي هلندي مون هن کي اهي بيت ٻڌايا هئا، جيڪي ڄامشوري جي اُڀن ڪاون جهڙن هيدن پٿرن تي اگهاڙن پيرن هلندي سوچيا هئم. پريان مهاڻن جون ٻيڙيون ٽي موٽيون.

اونداهي ۾ اڇي بينا هئاسون. سامهون روشنيون هيون ۽ دور نيڻ نهار ڪان تي شروع ٿيو حيدرآباد جو شهر.

”سنڌ! جڏهن هليو ويندس هتان ۽ منهنجي ويزا جي تاريخ ختم ٿي ويندي، تڏهن تون ڪيئن سارينديءَ مون کي – ڪهڙي انداز ۾ - ڪهڙن لمحن ۾؟!“

پل هيٺان سنڌو درياهه وهندو ٿي ويو. ڪنارن تي مهاڻن جون ٻيڙيون بيٺيون هيون. ڪنهن مهاڻي جي ريڊيو تي – دور ڪان آواز ٿي آيو. آيل ڪريان ڪيئن منهنجو نينهن پليو نا رهي – الله هو – هو – الا – الا – آيل ڪريان ڪيئن – منهنجو نينهن. ريلنگ تان نمي دريا جي پاڻيءَ ۾ ليئو پاتو هئم. چيو هئم: ”گوتم! توکي سارڻ وارن لمحن ۾ آئون سنڌوءَ جي ڪناري اچي بيهنديس. درياهه جي پاڻيءَ ۾ تنهنجو عڪس ڳولهينديس. جيستائين جيئنديس، انهيءَ آس تي ته شايد ڪنهن نه ڪنهن جنم ۾ تنهنجو عڪس سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ ليي پوي. توکي ڪهڙي ڄاڻ ته هن لمحي ۾ به آئون تنهنجو عڪس تي ڳولهيان، سڌوءَ جي جرڪندڙ پاڻيءَ ۾.“

هو به ريلنگ تان نمي هيٺ پاڻيءَ ۾ لياڪا پائڻ لڳو. نتي ڄاڻان ته هن جي اکين منجهه ڇا هوندو انهيءَ پل! پر منهنجين اکين منجهاران به بوندون هيون، جيڪي درياهه جي پاڻيءَ ۾ ڳڏجي وهنديون ويون هونديون عربي سمنڊ تائين، ستن سمنڊ جي ڇاتيءَ منجهه.

تن ڏينهن برساتيون پوڻ شروع ٿيون هيون. جهڙالو آسمان ۾ هر شيءِ تي ڦهليل آلاڻ. جڻ ڪو هر شيءِ تي سر ڏري رنو هجي. ٻاروتڻ هئم تڏهن، جڏهن شڪارپور ۾ وٽن ۾ چينگهلا ٻڌي برسات وارا ڏينهن گهاريندا هئاسون. جواڻي آئي تہ برسات وارا ڏينهن ۾ راتيون اداسيءَ جو ختم نہ ٿيندڙ سلسلو ساڻ ڪنيو آيون. انهيءَ اداس راتين ۾ - جڏهن ٻاهر تيز برسات ٿي پئي، مون پهريون – پهريون بيت لکيو هو. ان ڪان پوءِ راتيون جاڳي بيت لکيا هئم سنڌ جي ناءَ سان. جائي هيس تہ بابا متم ناءُ رکيو هو زيب النساءُ ۽ زيب النساءِ وري ڪڏهن واٽ ويندي بہ نہ ڏٺم.

ان برسات جي ڪنهن پنل پهر ۾ پنڌ ڪندا سينٽرل جيل اڳيان لنگهيا هئاسون. پيرن ۾ جڻ سنگهر پئجي وئي هئم. بيهي رهي هيس سينٽرل جيل جي ڪوٽ اڳيان. بند گيٽ اڳيان پوليس واري گهوري ڏٺو هو مون ڪي.

”ڇا ٿيو سنڌ! ڇو بيهي رهي آهين؟“ گوتم حيران ٿي پڇيو. منهنجيون اکيون ڪوٽ اُڪرنديون سي ڪلاس جي تاريڪ ڪوليءَ منجهہ وڃي اڙيون هيون. انهيءَ تاريڪ ڪوليءَ ۾ گذريل پنجن سالن ڪان ادا وڏو بند هو. سندس جوانيءَ جي نرڙ تي گهُنج پئجي ويا هئا. هڪ اداس صبح پاپيءَ ادا وڏي تي ٿيندڙ ڏاڍ خلاف احتجاج ڪندي آپگهات ڪيو هو. پاپيءَ جي سيرانديءَ کان اگربتيون ٻاريندي چاهيو هئم تہ سسيءَ وانگر واڪا ڪندي نڪري وڃان سنڌ جي بيرانن ۾، پر ٿيو ائين هو جو آئون چپ چاپ چپ پڪوڙي اگربتيون ٻاريندي رهي هيس. اها سڄي رات مون بند ڪمري ۾ ويهي سر ڪيڏارو پڙهيو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ٽٽندڙ دل جا هزار ٽڪر هٿ تريءَ تي سجائي، جيل جي مضبوط لوهي سيخن جي هن پار بيٺل ادا وڏي ڪي پاپيءَ جي آپگهات جو هاجو ٻڌايو هئم، تڏهن هو نستو ٿي پٽ تي ويهي رهيو هو. اکيون پوري، گوڏن تي سر ڏري نجاڻ ڪيترا پل رئندو رهيو هو. ملاقات جو وقت ختم ٿيو. وڃڻ لڳيس تہ هو اُٿي بيٺو. اکين منجهہ سنڌو درياهہ هئس. لوهي سيخن منجهان منهنجا هٿ پڪڙي مُرڪي پيو هو. چوڻ لڳو: ”سڪان جي قبر تي وڃين تہ چئجانس – اجا مئو ناهيان – اجا اجهاڻو ناهيان – “ آئون نڙيءَ ۾ سڏڪا گهٽي موٽي آئي هيس.

اهو سڀ ڪجهہ سينٽرل جيل جي اوچي ڪوٽ اڳيان بيهي گوتم سامتاڻيءَ ڪي ٻڌايو هئم. برسات جي بوندن ۾ اسان جا چهرا پُسي رهيا هئا. مون جهُڙالي آسمان ڏانهن اکيون ڪٽي نهاريو ۽ اکيون پوري ڇڏيم.

زندگيءَ ۾ ڪيترين شين سان محبت ڪيم. انهن منجهان حيدرآباد جو سينٽرل جيل بہ آهي. گوتم سامتاڻيءَ ڪي سينٽرل جيل جي اڳيان لنگهندي ٻڌايو هئم تہ جڏهن سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا يا سنڌ جا ٻيا نوجوان پريا ويندا آهن انهيءَ جيل اندر، تڏهن آئون

www.sindhsalamat.com

ڏرتتيءَ مهل جيل جي اڳيان لنگهندي ڪن پل لاءِ بيهي رهندي آهيان. لڳندو اٿم تہ انهيءَ جيل اندر منهنجو روح تو پرڙا هڻي. گوتم هلندي – هلندي بيهي رهيو.

هو پاڳلن وانگر تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو هو مون ڪي.

انهن ڏينهن ڪنهن – ڪنهن پل سج نڪرندو هو. نہ تہ آسمان تي تن ڏينهين بادلن جو واسو هوندو هو.

سنڌوءَ ڪناري هلڻ مهل هو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي چتائن جي رک بہ ساڻ کڻي هليو هو. برنين ۾ بند اُها پوتر رک ڏسي سوچيو هئم – بس! – اها ئي آهي هيڏيءَ ساريءَ زندگيءَ جي پڇاڙي! – جنهن لاءِ ايڏي ڊڪ ڊوڙ تو ڪري ماڻهو – متيءَ مٽ ۽ ايڏا جتن جيئڻ لاءِ! – تاريخ جا سيئي پنا ماڻهو چاڪاڻ تو رت مان سرخ ڪري ڇڏي – سوچيو هئم جڏهن گوتم جا ماءُ پيءُ بہ نڪتا هوندا – پنهنجو پريو پريو گهر ڇڏي – سندريءَ جا ساروٽا ڇڏي، تڏهن ڪيئن – ڪيئن نہ رنا هوندا. ديوارن ڪي ڀاڪر پائي – سرحد پار ڪئي هونداٿون، ائين جيئن دنيا مان ڪنهن زندگيءَ جي سموري حاصلات جنازو ٻڌجي ڪڄندي آهي – هن پل اُنهن جي چتائن جي رک آئون ۽ گوتم سامتاٽي سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ تا هارڻ وڃون – ماڻهو ڪيئن ڪيئن نہ پنهنجي جنم ڀوميءَ سان پيو ناتا جوڙيندو آهي. جيئري نہ سهي – مرڻ ڪان پوءِ سهي. سنڌوءَ ڪناري هلندي هلندي هن منهنجو هٿ پڪڙي ورتو هو. ”تنهنجو هٿ پڪڙي هلندو آهيان تہ اڪيلائپ جو احساس گهٽجي ويندو آهي – سنڌ!“ سنڌوءَ جو پاڻي جهڙالي آسمان هيٺ وهندو تي ويو.

”سنڌ! – اها رک تون هارجانءِ پاڻيءَ ۾.“ هن جو آواز پرجي آيو هو – چوڻ لڳو: ”ٻي جنم ۾ چئي تہ سگهندس تہ سندن چتائن جي رک سنڌ جي هڪ اداس شاعره سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ هاري هئي – جنهن جو نانءُ بہ سنڌ هو.“ هو سنڌوءَ جي ڪناري پٽ تي پاتولي ماري ويهي رهيو هو.

دور ٻيڙيون تري رهيون هيون. نوجوان آيا هئا پڪنڪ تي. انهن جو شور تهائين وڏي ويو هو. هو هڪ ٻئي جي پويان سنڌوءَ جي ڪناري ڊوڙي رهيا هئا.

سرد هٿن سان اهي برنيون کوليون هئم (ائين پانيو هئم جڻ اهو ئي پل آهي زندگيءَ جو آخري پل)- هوريان هوريان رک هاريندي رهي هيس، پاڻيءَ ۾. برنيون خالي ٿينديون تي ويون. انهيءَ پل هو واريءَ تي ليٽي پيو هو ۽ بند اکين تي منهنجي ساڙهيءَ جو پلاند رکي ڇڏيو هئائين.

گوتم!

سنڌوءَ جو پاڻي هن لمحي بہ وهندو تو وڃي سنڌ ڌرتيءَ جو سينو چيريندو.

www.sindhsalamat.com

تنهنجي اميءَ ۽ پتاجيءَ جي رک انهيءَ پاڻيءَ ۾ گڏجي پاڻي ٻڻجي چڪي. نتي جاڻان ته اجا ڪيترين چتائون جلاوطنيءَ جو عذاب ڪٽي سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ ۽ دنيا ۾ جيترا به درياهه آهن، سمنڊ آهن، انهن ۾ وهنديون. ماڻهو مري ويندا آهن ۽ پويان ڌرتيءَ تي گهڻو ڪجهه رهجي ويندو آهي. ڪينجهر جا ڪنارا – ڄامشوري واري پل – ڪوٽڙيءَ جي پل هيٺان وهندڙ درياهه ۽ انهيءَ جي ڪنارن تي آباد سنڌي مهاڻن جا ڳوٺ – سنڌ جون پٽون ۽ بر – مڪليءَ جو قبرستان – شاهه جو رسالو – سچل جون ڪافيون – سنڌ جا لوڪ گيت – مائي ڀاڳي ۽ علڻ فقير جو آواز – گهڻو ڪجهه جيڪو آئون هٿ تريءَ تي سجائي پوءِ مرڻ چاهينديس. مون کان پوءِ انهيءَ ڌرتيءَ تي انيڪ اداس دل شاعرائون ۽ ڪهاڻيڪارائون اينديون، جن جو آواز منهنجي آواز جو پڙلاءُ هوندو. سچ جن جي پيشانين تي اڀرندا. آئون نه هونديس پر منهنجو نانءُ ۽ منهنجا بيت اُنهن جي هٿ تريءَ تي رهجي ويندا. پر گوتم! حياتيءَ جي انهيءَ فيصلي ۾ وقت جا فيصلا شامل ناهن. مرنديس، پر ڪو هڪڙو پل آئون پنهنجي هٿ ترئيءَ تي ضرور لڪرائينديس، جنهن ۾ تون ۽ آئون هٿ هٿ ۾ ڏئي ڪينجهر ڪناري هلندا رهون. ڪڏهن به تنهنجي ويزا جي تاريخ ختم نه ٿئي.

ڏينهن جيڪي هن ساڻ منسوب ڪيا هئم، سي هوريان هوريان پر ڪري اُڏامندا ٿي ويا. هو روز ٻڌائيندو هئم ته باقي هيترا ڏينهن آهيان تنهنجي ديس ۾. آئون روز انهيءَ ختم ٿي ويل ڏينهن جو عذاب ڪلهن تي کڻي موٽي ايندي هئس هاسٽل ۾.

ان کان پوءِ موئن جي دڙي جي اجاڙ کنڊرن تي هن سان هلندي نجاڻ ڇو من دکي ٿي پيو هئم. سوچيو هئم ڇا ڪڏهن منهنجو دور به موئن جي دڙي جيان کنڊر – کنڊر ٿڻجي ويندو؟ شڪارپور ۾ منهنجو گهر – سنڌري هائوس – مارئي هاسٽل – سنڌ يونيورسٽي جون عمارتون – تڏهن انهن کنڊرن منجهان جيڪر ڪڏهن منهنجي تن جو هڏ لڌو ته ڪنهن کي ڪيئن ڪَل پوندي ته هيءُ ماضيءَ جي هڪ اُداس سنڌي شاعره جو رهجي ويل نشان آهي. هزارين سال اڳ جنهن سنڌ جي نانءَ سان بيت لکيا هئا، تڏهن ڪنهن ميوزم جي شوڪيس ۾ رکيل منهنجو اهو رهجي ويل نشان ڏسي ڪوئي ڪيئن سمجهي سگهندو ته سنڌ جي رڳ رڳ ۾ گوتم سامتاڻيءَ جو واسو هو؟ ڪنهن کي ڪيئن سُڌ پوندي ته هي سنڌري هائوس جا کنڊر آهن، جنهن جي بند دروازي تان هزارين سال اڳ گوتم سامتاڻي نڙيءَ ۾ انيڪ سڏڪا گهٽي موٽي ويو هو؟ ڪير ڪيئن ڄاڻندو ته هيءَ مارئي هاسٽل آهي، سنڌ جي اداس شهزادين جو مسڪن. ڪير ڪجهه به نه سمجهي سگهندو. آئون ۽ گوتم گڏرون ٿا انهن کنڊرن مٿان. ڪهڙي ڄاڻ انهن کنڊرن منجهه ڪنهن ڪنهن جا سپنا – محبتون – ساروڻيون دفن آهن؟ ڪيترن ڪهاڻيڪارن جون باغي ڪهاڻيون ۽ ڪيترن شاعرن جي اداس شاعري. ڪو گوتم سامتاڻي – ڪا سنڌ – ڪو سنڌري هائوس – ڪا

www.sindhsalamat.com

مارئي هاسٽل. ڪير ڄاڻي، انهيءَ ڳس تان ڪوئي هٿ هٿ ۾ ڏئي لنگهيو هجي. ڪا اداس دل شهزادي، ڪو خوبصورت دل وارو شهزادو. اهي وقت جا الميا آهن – جن جو ڪو انت ڪونهي.

”سنڌ!“ جُڳ پراڻيءَ ڊنل ديوار ڪي گوتم سامتاڻي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو، ڄڻ اڄهو هن پل انهيءَ ديوار منجهاران نڪتو هجي.

”سنڌ! دل چوي ٿي انهن ڪنڊرن منجهه دفن ٿي وڃون. صديون پوءِ جڏهن پنهنجا هڏ لين ته انهن تي هڪ ٻئي جو نانءُ اُڪريل هجي.“ موٽ ۾ اکيون پوري چڏيون هئم.

هلندي – هلندي هن موئن جي دڙي جي مٽي ٻُڪ ۾ ڀري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي هئي، ڄڻ ماڻڪ موتي چونڊيندو هجي.

موئن جي دڙي جي ڪنڊرن جي پاڇولي ۾، هيٺ پٽ تي پٽ ڪي ٽيڪ ڏئي انهيءَ ڏينهن انيڪ ڳالهيون ڪيون هيوسين. نجاڻ ڪنهن مهل هن جو هٿ پڪڙي ورتو هئم. هو منهنجي ساڙهيءَ جو پلاند اکين تي رکي ڳالهائيندو رهيو. بي معنيٰ ڳالهيون، جن جون هزارين معنائون هونديون آهن.

”سنڌ! دل ٿي چوي دنيا تياڳي هتي ڪنڊرن ۾ اچي ويهي رهان. دائرو ناهي ڇڏيان چوڌاري ۽ انهيءَ دائري اندر ائين ئي توسان وينو رهان. تنهنجي پوتيءَ جو پلاند اکين تي رکيو، تيستائين، جيستائين جيئان.“ سندس هٿ ڪٽي پنهنجي اکين تي رکي ڇڏيو هئم. ياد اٿم ته جڏهن اهو هٿ اکين تان هٽايو هئم، تڏهن برسات جي پينل رُت وانگر آلو هو اُهو هٿ.

گوتم جي ويزا تي لکيل تاريخ ويجهي ايندي ٿي وئي. چوندو هو: ”روز ويزا جي تاريخ تو ياد ڪريان – روز تو مران – روز تو جيئان.“

ڪيس اهو ٻڌائي نه سگهي هئس ته آئون ته پل – پل تي جيئان ۽ پل – پل تي مران – پل پل جو اهو حساب تاريخ جي ڪهڙي پني تي لکبو؟ نٿي ڄاڻان، لکبو به يا نه!؟

ڀٽائي جي مقبري تي بيٺل هزارن انسانن جي انبوهه ۾ پاڻ کي تنها پانيو هئم. چوڌاري بيٺل ڀٽائيءَ جا مست الست فقير. اجرڪ اندر لڳ ڪاندارجي ويا هئم. وڃوڙي جو عذاب ۽ پر ۾ بيٺل گوتم سامتاڻيءَ جو وجود اکين ۾ جرڪڻ لڳو هئم. ياد آيو هئم، فقير عبدالغفور يونيورسٽيءَ جي اسٽيج تي بيهي جڏهن واڪا ڪري ڳائيندو هو – ڄاڳ ڀٽائي گهوٽ – توکي سنڌڙي ٿي سڏڙا ڪري – او – مرن ٿيون مارويون – قابو آهن ڪوٽ - ۽ جهول جهلي جنهن وقت ڀٽائي – ڪرندا ڪنڊ هزار او يار – سنڌڙيءَ تي سير ڪير نه ڏيندو – سهندو ڪير ميار او يار – ڪاتيءَ هينان ڪنڌ – پوءِ به نعرا نينهن جا – سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ – مرنداسين – پر – مرڪندي – انهيءَ پل منهنجو بانورو من ڪنهن زخمي پاريل جيان ڀٽائيءَ جي مقبري تي اچي نستو ٿي ڪِرندو هو. گوتم سامتاڻيءَ سان گڏ پهريون

www.sindhsalamat.com

پيرو پٽائيءَ وٽ آئي هئس. ڇاريءَ منجهان ليئو پائي اندر ڏٺو هئم، جت پٽائي ستل هو – چاهيو هئم واڪا ڪري چوان: جاڳ پٽائي گهوٽ – توکي سنڌڙي تي سڏڙا ڪري – پر ٿيو ائين هو جو ڇاريءَ تي سر ڌري اکيون پوري ڇڏيون هئم. سوچيو هئم ته پٽ تي ويهنديس ته هڪڙي ئي دعا گهرندي سانس، وصل جي لمحن جي. گوتم جي ويزا جي تاريخ ڪڏهن به ختم نه ٿئي. پر اُتي هر پل هڪڙو ئي بيت هانوَ تي هرندو رهيو هئم. ڳولهيان – ڳولهيان مَ لهان – شال مَ ملان هوت – من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سان ماني ٿئي - شال مَ ملان هوتَ - شال مَ ملان هوتَ.

گوتم ڇاريءَ تي سر ڌري انيڪ پل ويٺو رهيو. ٻاهر مست الست فقير اوچن سُرن ۾ ڳائي رهيا هئا.

ٻاهر نڪتا هئاسون. ڏٺو هئم ته هن جون اکيون ٻرندڙ انگارين سمان سرخ هيون. ٻاهر اچي هن ٻه ڳانا ورتا هئا. هڪ پنهنجي ڳچيءَ ۾ ۽ ٻيو منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو هئائين. اهي محبتن جون نشانيون آهن، وڇڙي وڃڻ ڪان پوءِ جيئڻ جو ڪارڻ بڻبيون آهن. بس ۾ هو سڄي واٽ ستو رهيو. سڪون جي ڇانوَ هئي سندس چهري تي. آئون ڳڙڪيءَ ڪان ٻاهر ڏسندي رهي هيس. حيدرآباد ۾ بس مان لهي پنڌ هوٽل ڏانهن هليا هئاسون.

واٽ تي چيو هئائين: "اڄ شانتي ملي وئي آهي من کي . ائين ٿو ڀانيان ڄڻ درد جو درياهہ اُڪري آيو آهيان."

هن کي هوٽل جي گيٽ تي ڇڏي موٽي آئي هيس هاسٽل. سڀر هاءِ وي جي چانيءَ تي لهندڙ سج جا پاڇولا تري رهيا هئا. هڪ صبح انڪشاف ڪيو هئائين ته ٽنڊي محمد خان ۾ سندس اميءَ جي پاءُ جو گهر آهي ۽ وٽس هن جو پتو به آهي.

پڇيو هومانس: "ته هيترا ڏينهن چو نه هلئين؟."

چيائين: "وساري ويٺو هئس سڀ ڪجهه ."

هڪ ڳرم ٻه پهريءَ، بس ۾ ٽنڊي محمد خان وڃي رهيا هئاسون. واٽ تي چوندو هليو: "سوچيان ٿو ڪيئن سڃاڻي سگهندس ماما کي ۽ الاءِ مون کي پاڻ سڃاڻي به سگهندو يا نه! الاءِ جيئرو به هوندو!؟ ڪيئن ملندس هن سان؟ مامي ۽ سندس ٻار سرحد اُڪري هليا ويا هئا. ماما ڪوڪرا پار تائين اچي موٽي ويو هو ۽ مامي انهيءَ دک ۾ پاڳل ٿي پئي هئي. انهيءَ پاڳلپڻيءَ ۾ واٽ تي پنهنجو پٽ اشوڪ به وڃائي ويني. مون سدائين ماميءَ کي انهيءَ پاڳل پڻي ۾ ماما ۽ اشوڪ کي پڪاريندي ڏٺو. امان ماما جي تصوير هٿن ۾ ڪٽي چوندي هئي: 'ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج – ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي'-" بس مان لهي ٽانگو ڪري نڪتا هئاسين تيرٿ رام جو گهر ڳولڻ. جلد ئي گهر لڀي پيو هو. هيڊي رنگ جي ورهاڱي کان اڳ جي جوڙيل جاءِ. جيڪو ماڻهو گهر ڏيکارڻ

www.sindhsalamat.com

لاءِ ساڻ آيو هو، انهيءَ بند دروازي جي اڳيان بيهي پڪاريو هو ”ڪاڪا تيرٿ رام – او – ڪا – ڪا!“ انيڪ پل سانت ڪان پوءِ در ڪليو. دروازي تي ڪاڪو تيرٿ رام بيٺو هو. اڇي گوڏ ۾ ويڙهيل ڏٻرو ڏيل. ڪٽڪائون رنگ ۽ وڪريل وار. اسي ورهين جي جمار. هن جي چهري تي ڦهليل گهنجن ۾ وقت جي ڊوڙ تي اُڏاٽي – اڇا برف جهڙا وار. نڪ تي رکيل عينڪ جي گول شيشن منجهاران لياڪا پائيندڙ ٻه اجهاٽل بي رنگ اکيون.

”تنهنجا مزمان آيا آهن، ڪاڪا!“ ساڻ آيل ماڻهو اسان ڏانهن اشارو ڪري هليو ويو. هن عينڪ منجهان اسان ڪي گهور ڪري ڏٺو. ”ڪير آهيو اوهين؟“

”آئون گوتم آهيان – گوتم سامتاڻي.“ گوتم وڌي اچي هن جي ويجهو بيٺو. ائين محسوس ٿيو هئم جڻ گوتم روئي پوندو هن پل.

”گوتم!“ هن حيران ٿي ڏانهس نهاريو. ”الاءِ ڪير آهين تون! نٿو سڃاڻان توکي.“

گوتم بيحد دکي ٿي مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ وري هن سان ڳالهائڻ لڳو. چيائين: ”اندر اچڻ لاءِ ٻه نه چوندين؟.“

ڪن پل لاءِ هن گهٻرائجي اسان ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ در تان هٽي لنگهڻ جي جاءِ ڪندي چيائين: ”اچو – اندر اچو – پوڙهو آهيان نه انهيءَ ڪري نٿو سڃاڻي سگهان هر ڪنهن ڪي.“

اسين اندر هليا آياسين. اجڙيل – اجڙيل سنسان قبرستان جهڙو گهر. صفحي ۾ رکيل پڳل ڪرسيءَ تي ويهندي ٽڪجي اکيون پوري ڇڏيون هئم. گوتم هن ساڻ ڳالهائي رهيو هو.

”آئون – ڪرشن جو پٽ آهيان – ماما!“

”ڪرشن!!؟.“

”اوهان جي ننڍي ڀيڻ ڪملا جو پٽ آهيان – گوتم، آئون ڀارت ۾ جائو هئس ماما!“

”تون! تون ڪملا جو پٽ آهين – اڙي! ڪملا جو پٽ آهين تون!“ مون اکيون پٽي نهاريو. تيرٿ رام جي پوڙهي اُجهامندڙ اکين ۾ انيڪ ڏيئا ٻري پيا هئا. هو ڪرسيءَ تان اُٿي ڪٽ تي وينل گوتم جي پيرن ۾، هيٺ پٽ تي ويهي رهيو هو. ڏڪندڙ هٿن ۾ گوتم جا هٿ پڪڙي ورتا هئائين. اکين ۾ هوريان هوريان لڙڪ پرجي آيس. ”تون – تون – ڪميءَ جو پٽ آهين؟!“ هو گوتم جي هٿن ڪي پاڳلن وانگر چمڻ لڳو. ”تون – ڪملا جو پٽ آهين!“ هٿ ترڻ سان لڙڪ اُگهندي هن هيڪر وري گوتم ڏانهن نهاريو. ”ڇا نالو ٻڌايئي پنهنجو!؟“

”گوتم!“

”اڙي! ڏس ته – آئون ٻه ڪيڏو پاڳل آهيان – ڪملا جي پٽ ڪي سڃاڻي ئي نه سگهيس – تو دل ۾ ته نه ڪيو پٽ!“

www.sindhsalamat.com

گوتم ڪٽ تان اُٿي ٻيهي رهيو. هن کي ٻانهن کان جهلي مٿي ڪٽ تي ويهاريندي چيو هئائين: ”جنهن کي ڪڏهن ڏٺو ئي نہ هجي – انهيءَ کي سڃاڻڻ ڏاڍو اوکو هوندو آهي.“

”هيءَ ڪير آهي؟“ ڪاڪي تيرٿ رام مون ڏانهن نهاريندي گوتم کان پڇيو هو. ”هيءَ!“ هو مون ڏانهن نهاري مرڪي پيو. ”هيءَ سنڌ آهي – هتان جي شاعره.“ هن چڻ تہ گوتم جي ورندي ڏِني ئي ڪانہ هئي . سوال ڪري هو ٻيهر گوتم ۾ ڪوئجي ويو هو. هن جو مک پنهنجن پوڙهن ڏڪندڙ هٿن ۾ جهلي چمندو رهيو هو. رئندو ٿي ويو، ڳالهائيندو ٿي ويو.

”اڙي ڇورا! تون ٻنهہ ڪملا جهڙو آهين – توکي ڏسي چڻ پاڳل ٿي پيو آهيان.“ مون ٻيهر ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي سر ڌري اکيون پوري ڇڏيون هيون. ٻانورو من پٽڪندو نڃاڻ ڪٿان وڃي نڪتو هو. وڇوڙي جو اهو ڪهڙو طويل سفر آهي. ماڻهو – ماڻهوءَ کان ڌار ڇو ٿو ٿئي! ٻاهہ جي درياهہ ۾ تنها ٿو هلي ماڻهو، وصل جي ڪنهن لمحي جي آس تي. ڇا ٿو ٿئي؟ هڪ ئي گهر جا ڀاتي، ڌار – ڌار ڳسن تي هليا ٿا وڃن. جنهن ڌرتيءَ تي جنم ورنجي اها تنگ ٿي پوي ماڻهن لاءِ. جڏهن هي گهر آباد ٿيو هوندو، جڏهن تيرٿ رام لائون لڏيون هونديون، تڏهن ڪنهن کي اها توروئي سُڌ هوندي تہ اهو سڀ ڪجهہ اصل ۾ ڪجهہ ناهي. اهو چڻ قبرستان ٻڻجي ويندو. جنهن عورت سان هن لائون لڏيون آهن، سا هڪ ڏينهن سرحد پار ڪري ويندي ۽ هو بي حد سڪون منجهان پريو پڪلو گهر اُجڙڻ جو منظر تہ ڏسي سگهندو، پر پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ کان وڇڙڻ جو عذاب سهي نہ سگهندو ۽ ڪوڪرا پار تائين وڃي موٽي ايندو. اهي سڀ الميا وقت کان اڳ ڪير سمجهي سگهيو آهي؟.

”ڪملا – ڪيئن آهي؟“.

”امي ۽ پتاجي نہ رهيا آهن هاڻي هن جڳ ۾.“ ڪمري ۾ گوتم جو دکي آواز اُڀريو. مون اکيون پٽي نهاريو. ڪاڪي تيرٿ رام جي اکين ۾ درد جو درياهہ هو. ”۽ تنهنجي مامي ڪيئن آهي؟ ٺيڪ تہ آهي نہ!“. هن جي اکين ۾ جواڻيءَ جا سپنا ٿي جرڪيا.

”مامي!“ ماميءَ جو الميو ٻڌائڻ کان اڳ ڪن – پل لاءِ گوتم اکيون پوري ڇڏيون هيون.

”ماما! توهان جڏهن ڪوڪرا پار کان موٽي ويا هئا، مامي انهيءَ پل پاڳل ٿي پئي هئي. انهيءَ پاڳل پڻي ۾ وات تي اشوڪ بہ ڪانئس ڪوئجي ويو. مون ماميءَ کي سدائين رئندي ڏٺو هو. پاڳل پڻي ۾ واڪا ڪندي هئي: اڙي منهنجو سڀ ڪجهہ سنڌ ۾ رهجي ويو آهي، مون کي ڪنهن آندو آهي هتي؟ مون کي موٽائي وني هلو. چار سال ٿيا جو مامي بہ هلي وئي. مرڻ سمي اهي ئي واڪا ٿي ڪيائين“. ڪاڪي تيرٿ رام اکيون پوري ڇڏيون.

”ماما! اوهين ڇو اڌ تائين وڃي موٽي آيا؟“

ڪمري ۾ ڦهليل موت جهڙي سانت مون سيني ۾ لهندي ٿي محسوس ڪئي. سامهون ديوار تي ڪاڪي تيرٿ رام جي جواڻيءَ جي تصوير ٽنگيل هئي. پر ۾ ٻيٺل عورت شايد اها ئي

www.sindhsalamat.com

هئي، جنهن جي ڀاڳ ۾ ازل کان وڇوڙي جو عذاب پاڳل پٽي جي صورت ۾ لکيل هو. سوچيم اها تصوير منهنجو ايندڙ جنم آهي شايد! هو گوتم سامتاڻي آهي، هوءَ آئون آهيان. ڪير ڄاڻي ته اهو پاڳل پٽو منهنجو نصيب به هجي. ڪير ڄاڻي حياتيءَ جي رڻ ۾ ڪڏهن آئون به واڪا ڪندي وتان — اڙي! منهنجو من ڪوئجي ويو آهي — ڪوئي مون کي آڻي ڏئي منهنجو من. ڪير ڄاڻي اڪين اڳيان تاڻيل پڙدي جي هن پار ڇا آهي؟.

ڪيترا الميا هئا، جي گوتم هن کي ٻڌائي رهيو هو. امي ۽ پتاجي مري ويا، مامي پاڳل ٿي پئي تنهنجي وڇوڙي ۾، اشوڪ سرحد اُڪرندي ڪوئجي ويو. ڪيترا اشوڪ ڪوئجي وڃن ٿا رستي ۾. ڪيترا ماڻهو ماڳ تي رسڻ کان اڳ فنا ٿي وڃن ٿا. ڪيترا سپنا واٽ تي ئي ٽٽي پون ٿا. ڪيترا الميا آهن، جيڪي وقت هٿ ترڻ تي سجائي اسان جي پويان اچي ٿو. پوءِ — حياتيءَ جي رڻ ۾ ايڏي وٽ پڪڙ ڇاجي آهي؟ ايڏيون سازشون — ايترا فساد — ايترو لوڀ ڇاجو آهي؟ جڏهن ته ڪنهن به شيءِ کي تڪميل ڪانهي، هر شيءِ واٽ تي ساٿ ڇڏيو وڃي. فنا — وڇوڙو — دک — عذاب ڇا بس اها ئي آهي زندگي جي حاصلات؟.

تيرٿ رام اکيون پٽي نهاريو. هن جي اکين ۾ وقت جي ڊوڙ هئي.

”چوڪرا!“ تيرٿ رام ديوار تي ٽنگيل تصوير کي گهورڻ لڳو. ”چو — ڪوڪرا پار تائين وڃي موٽي آيس — اهو ته تون سنڌ جي ڌرتيءَ کان پُڇ — جنهن ويندي ويندي منهنجا پير پڪڙي ورتا هئا ۽ هنن کي وڃڻ ڏنو هئائين — تون اڃا ننڍو آهين، نه سمجهي سگهندين اهي ڳالهيون ته ڌرتي ڪيئن ماڻهوءَ جا پير پڪڙي وٺندي آهي ۽ ماڻهو جو ڇهتي پوندو آهي ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ کي؟.“

تيرٿ رام هٿ جي پنيءَ سان لڙڪ اگهيا. ٻارن وانگر سڏڪندي چيائين: ”اشوڪ ڪوئجي ويو پر مون لاءِ ته سڀ ڪوئجي ويا. ماڻهو جو تو هڪبئي کان ڪوئجي وڃي؟ تون ئي ٻڌاءِ ڏيءَ!“ هو مون ڏانهن مڙيو، چوڻ لڳو: ”هن چوڪري ڪابه سک جي خبر نه ڏني آهي مون کي — چوي ٿو ڪوئي مري ويو — ڪوئي پاڳل ٿي ويو ۽ ڪوئي ڪوئجي ويو.“

”اوهان شڪنتلا جو نه پڇيو ماما!؟“ گوتم ساڻ شايد سک جي هڪ ئي خبر آندي هئي، سا ياد ڏيارڻ چاهي هئائين. پنهنجي ڌيءُ جو نانءُ ٻڌي رئندي رئندي هيڪر وري اکين ۾ جوت جاڳي پيس. ”اڙي! شڪنتلا — منهنجي ڌيءَ ڪيئن آهي؟ ٻڌاءِ — ڪيئن آهي هوءَ!؟“ اکين ۾ آس جا ڏيئا هڪ ڪري ٻرڻ لڳا هئس.

”ماما! شڪنتلا دهليءَ ۾ آهي — سندس پتي ڊاڪٽر آهي. اُتي — هڪ ننڍڙو ۽ خوبصورت گهر اٿن — جنهن جي لان ۾ ڪيترا ئي گل ٽڙيل آهن — جنهن ۾ روز شام جو هن جا ٻه ٻار راند رهندا آهن — ڏاڍي سکي آهي هوءَ پنهنجي گهر ۾ - سندس ڊرائينگ روم ۾ اوهان جي ۽ ماميءَ جي قد آور تصوير ٽنگيل آهي — هوءَ روز پوڄا کان پوءِ انهيءَ تصوير تي گل

www.sindhsalamat.com

چاڙهيندي آهي ۽ انيڪ پل انهيءَ آڏو هٿ جوڙيو بيٺي هوندي آهي – سندس پٽ ته هوبهو اوهان جهڙو آهي – مئٽرڪ ۾ آهي – شڪنتلا چوندي آهيم – ڏس گوتم! هي هوبهو پتاجيءَ جهڙو آهي. مون کي ائين لڳندو آهي ڄڻ هي منهنجو پيءُ آهي ۽ آئون هن جي ڌيءَ.“
تيرٿ رام جي اکين ۾ مشعلون ٻرنديون رهيون. هو روئي به رهيو هو ۽ مرڪي به رهيو هو.
گوتم کان پڇيائين: ”شڪنتلا کي سُڌ هئي تنهنجي هيڏانهن اچڻ جي؟!“
”نه – ٻڌايومانس ئي نه – ڄاتم ٿي ته هوءَ سک مان گهٽو ڪجهه اماڻي ها اوهان ڏي - ٻيو نه ته ڪا چٺي اماڻي ها – سوچيم جيڪر اوهان به نه هوندا ته ڪيئن هن جي ايڏي سک موٽائي ڪٽي ويندس.“
”ماما!“ گوتم ٻٽڪيو.
”چؤ.“ رئندي رئندي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو.
”پارٽ هلندا؟ ڪجهه ڏينهن لاءِ ئي سهي.“ تيرٿ رام موٽ ۾ ٽڪ ٻڌي گوتم کي ڏسندو رهيو هو. چوڻ لڳو: ”پاڳل ٿيو آهين ڇا!!! جنهن ڌرتيءَ لاءِ ايترو ڪجهه دان ڪيم، پڇاڙيءَ ۾ اُتي مرڻ به نه ڏيندين ڇا؟!“
هو انيڪ ڳالهيون ڪندا رهيا هڪٻئي سان ۽ مون ائين ڀانيو ڄڻ ڄپ ڪپجي وئي اٿم. ڪنن کان ٻوڙي ٿي پئي هجان ۽ اکيون پٿر هجنم.
اها رات اسين ڪاڪي تيرٿ رام وٽ رهيا هئاسون. سنسان قبرستان جهڙي اُنهيءَ گهر ۾ ڪاڪو تيرٿ رام ۽ گوتم هڪڙي ڪمري ۾ ۽ آئون ٻئي ڪمري ۾ ستي هئس. ڪمري ۾ جڏهن مون کي ڇڏي تيرٿ رام وڃڻ لڳو هو، تڏهن چيو هئائين: ”ڌيءَ! هيءُ ڪمرو مون شڪنتلا لاءِ جوڙايو هو. تون به مون لاءِ شڪنتلا آهين!“ هو هليو ويو. مون اکيون پوري من ئي من ۾ شڪنتلا کي چيو: شڪنتلا ديوي! اهو به وقت جو الميو آهي. ڪوبہ ناتو ناهي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾. هي گهر جو اوهان لاءِ جڙيو، هي ڪمرو تنهنجو آهي، جنهن جي ڇتڙ لٽل ديوار تي تنهنجي ٻاروتڻ جي تصوير ٽنگيل آهي. اڄ توکي هن گهر جا ساروڻا به ڪين هوندا ۽ آئون تنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهيان. توکي پلا ڪهڙي ڪل ته آئون هن پل تو لاءِ ڇا ٿي سوچيان؟ ڇا اسين هڪ ٻئي جا اداس پاڇولا آهيون شڪنتلا ديوي! انهيءَ رات ٻئي ڪمري مان رهيو – رهيو ٿي ڪاڪي تيرٿ رام جا گهٽيل گهٽيل سُڏڪا اپريا. ڪليل دريءَ منجهان ڏٺو هئم، اڱڻ ۾ سڄي رات گوتم سگريٽ ڦوڪيندو رهيو هو. چاندوڪيءَ رات جي اُجريءَ روشنيءَ ۾ سامهون ديوار تي هن جو پاڇولو ڏکھو ٿيندو ٿي ويو.
صبح جو جڏهن وڃڻ لڳا هئاسون، تڏهن تيرٿ رام گوتم کي ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي رنو هو. ڪيترا ڀيرا گوتم جو مُک چميو هئائين. ان کان پهرين نيرن تي چانهن ناهڻ مهل

www.sindhsalamat.com

رڏڻي ۾ هو پنهنجي پوڙهي آواز ۾ ڳائيندو رهيو هو. جيڏيون الو – پنهل سان – جنهن جو پيچ پيئڙو – سا سُمهي سک ڪيئن ڪري – سا سمهي سک ڪيئن ڪري . ڊوڙندڙ ٽانگي مان پريان ڪان ڏٺو هئم. هو در جي چائنٺ تي گوڏن ۾ منهن ڏيو وينو هو. شايد رُنو تي. سوچيو هئم، زندگي وڇوڙي جو مسلسل سفر آهي – ڪوئي هن ڪناري بينو آهي ۽ ڪوئي هُن ڪناري بينو آهي.

ڪاڪو تيرٿ رام پويان رهجي ويو. وقت جي الميي وانگر ٽندي محمد خان جي پراڻي پکل ٽٽل رستي تي ٽانگو بس اسٽينڊ ڏانهن ڊوڙندو رهيو هو. پر ۾ وينل گوتم کي ڏٺم. هن جي اکين ۾ واري تي اُڏاڻي، سنڌ جي صحرائن جي.

سڄي سنڌ ۾ گوتم ساڻ هلندي رهي هيس. بن بن ڀٽڪندي رهي هيس، هن پر ڪان هُن پر تائين. آبادين ۾ - بيرانن ۾ - ڪندرن ۽ قبرستانن ۾، شاعرن ۽ اوليائن جي مقبرن تي – رني ڪوٽ جي قلعي ۾ - سنڌوءَ جي ڪنارن تي – بنواس ورتو هئم تن ڏينهن.

هن جي وڃڻ جو ڏينهن ويجهو اچي ويو هو. ٻئي ڏينهن هن کي ڪراچي موٽڻو هو. ٻيو ڏينهن زندگيءَ جو سڀ کان المناڪ ڏينهن هو.

زندگيءَ جو فلسفو سمجهي نہ سگهي آهيان. بس – وڇوڙي جي انهيءَ سفر جو نانءُ آهي زندگي . ماڻهو لمحن کي مُٺ ۾ قيد نٿو ڪري سگهي. ماڻهو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. تڏهن بہ ڪيڏو موهہ اٿس زندگيءَ سان، ڪيڏي لگن من ۾ پالي جيئي ٿو. سڄي زندگي موت جو سراپ ماريندو رهي، پر جڏهن مرڻ وارو پل ايندو آهي، تڏهن ڪيڏي آسانيءَ سان، چپ چاپ، بنا ڪنهن احتجاج جي ماڻهو مري ويندو آهي. ڄاتو هئم تہ توکان وڇڙڻ جو اهو عذاب ڪيڏو بہ ڀاري سهي، پر جڏهن اهو پل ايندو، تڏهن تون ۽ آئون چپ چاپ پنهنجي پنهنجي دڳ ڏانهن هليا ويندا سين، بنا ڪنهن احتجاج جي. نہ آئون سسئيءَ وانگر بن بن واڪا ڪنديس، نہ تنهنجا ويندڙ قدم رڪجي سگهندا. اهي تہ من اندر جون وارتائون آهن. سسئي وانگر بن بن واڪا ڪنديس تہ بہ من اندر، جي مرنديس تہ بہ من اندر. ڌرتيءَ سان لاڳو الميا بہ من تو سهي. سرحدن تي پاريل جيان پرزا هٽي نستو تي بہ من تو ڪري. تن جو ڇا آهي – ساهہ جي آخري تند، ڪنهن بہ پل ٽٽي پوي. گوليءَ جو هڪڙو گهاءُ – انهيءَ پل مريو پوي. پر من هڪ ڀيرو ڪڏهن تو مري. بار بار تو مري، بار بار تو جيئي. مسئلو جيڪر رڳو تن جي جلاوطن ٿيڻ جو هجي ها تہ ڪوبہ الميو نہ هو. اهو تہ ماڻهوءَ جو بانورو من آهي، جيڪو ڪوڪرا پار تي پاڳل ٿيو پوي يا ڪوڪرا پار کان موٽي تو اچي. دک اهو آهي تہ انهيءَ بانوري من کي سيني مان ڪوئي بہ ڪڏي اُڇلائي نہ سگهيو آهي. وڃڻ مهل هن منهنجون سرد آڱريون پنهنجن هٿ آڱرين ۾ جڪڙيندي ڀڳت ڪبير جو دوهو ٻڌايو هو مون کي.

www.sindhsalamat.com

سپر هاءِ وي جو ڪارو نانگ جهڙو رستو ڏرتتيءَ مهل ويتر پراسرار ٿي پيو هو. منهنجي پويان مارئي هاسٽل جي اداس عمارت بيٺي هئي. سامهون سنڌ يونيورسٽي ۽ ايل ايم سي جون عمارتون – بنگلا – ڪوارٽر – سوڙها رستا ۽ انهن ڪنارن بيٺل اگهاڙا وڻ – چام شوري جو سنسان ميدان ۽ منهنجي پر ۾ گوتم ساماتاٽي بيٺو هو. هٿ ۾ بيگ ڪنيو. عينڪ جي اڇن اُجرن شيشن منجهان سندس اکيون اجهامنديون پانيون هئم. وڻ تان پيلو پن ٽٽي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڃي ڇڏيو هئائين. چيائين: ”هي پيلو پن، تنهنجي ۽ منهنجي وڇڙڻ وارن لمحن جو نشان ڪري رکندس پاڻ وٽ.“ آءٌ چپ چاپ پير جي آڱوٺي سان پٽ تي پيل پٿر کي ڇهندي رهي هيس. ڪراچي ويندڙ گاڏيون ترنديون ٿي ويون سپر هاءِ وي تان. ڪيتريون ڳالهيون من ۾ هونديون آهن پر وڇڙڻ سمي ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه به نه رهندو آهي. لڳندو آهي ازل کان گونگا آهيون. ڪڏهن ڪو لفظ به نه ڳالهايو اٿئون زندگيءَ ۾. انيڪ پل چپ چاپ بيٺا رهيا هئاسون. اهي سڀ ڳالهيون تاريخ ۾ ڪنهن به پني تي نه لکبيون. منهنجو هن سان موهه سنڌ جي ڪا لوڪ ڪهاڻي بڻجي نه سگهندو. اندر جون وارتائون لوڪ ڪاڻ نه هونديون آهن. دک جو هر ناٽڪ لوڪ ڪهاڻي بڻجي نه سگهندو آهي.

هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو: ”توکي ياد اچان ته سنڌوءَ جي ڪناري بيهي رهجانءِ. ڪڏهن نه ڪڏهن توکي ليي پوندو منهنجو عڪس. تن جو سنجوڳ ڪجهه به ناهي. ڳالهه آتما جي آهي سنڌ!“ هن جي هٿ ۾ جڪڙيل منهنجو هٿ پگهر مان شل ٿي ويو هو. پريان کان ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ بس پي آئي. اُمالڪ هن پنهنجو هٿ بلند ڪيو هو بس کي روڪڻ لاءِ. پيرن جي آڱرين منجهان ساهه نڪرندو محسوس ڪيو هئم. بس اسان جي اڳيان اچي بيهي رهي هئي. هن جي گرفت منهنجي آڱرين تي مضبوط پئجي وئي هئي. آڱريون – جن سان بيت لکندي ائين گمان ٿيندو اٿم جڻ ڪائنات سموري انهن آڱرين ۾ سمايل آهي. هن منهنجين اکين ۾ ليئو پاتو. دور ڪٿي اُنهيءَ پل برسات پوندي هوندي. اهڙي ئي ڪا خاموش برسات هن جي اکين ۾ هئي انهيءَ پل، جنهن ۾ نه وڄ جا نڪاءَ هجن نه بادلن جي گجگوڙ.

بس جي گِڙڪيءَ مان هن مڙي مون ڏانهن نهاريو. ڇا هوندو هن جي اکين ۾؟ ڏسي نه سگهي هئس. روح جي آسيب کان گهبرائجي اکيون پوري ڇڏيون هئم. اکيون پٽيون هئم. دور دور تائين (جيستائين نيڻ نهار آهي) سپر هاءِ وي جو ڪارو نانگ جهڙو سنسان رستو هو ۽ آسمان تي برندڙ سج اکين ۾ لهي آيو هئم.

www.sindhsalamat.com

زم زم

سجو ڏينهن سڄي رات برسات پوندي رهي هئي. سڀ ڪجهه ڪلهن تائين بيٺل پاڻيءَ ۾ لڙهندو رهيو هو. مٽيءَ جا ڪچا گهر، ڪتون، ڪپڙا، ٿانوَ ۽ ماڻهو، جن جي چهرن تي موت جا پاوَ ائين ڦهلجي ويا، ڄڻڪ انيڪ لاش قبرن مان نڪري پاڻيءَ ۾ ترندا هجن.

وشنو ڪلاڪن کان پاڻيءَ ۾ هلي رهيو هو. پرسال جيڪو گهر ٺهڻ اُس ۾ بيهي جوڙيو هئائين، سو ته ڪڏهوڪو پاڻيءَ ۾ وهي ويو هو، پر وشنوءَ جي من ۾ بي گهر ٿيڻ جو احساس، دک بڻجي واسو ڪري ويو هو. ڪٿس ائين راتو رات بي گهر ٿيڻ ڏاڍو هاجيڪار محسوس ٿيو هو. پاڻيءَ ۾ هلندي هلندي هن جو سَنڌ سَنڌ ساڻو ٿي پيو هو. آسمان تان وسندڙ پاڻي زمين تي بيٺل پاڻيءَ ۾ گڏبو رهيو. وشنو بيحد دک منجهان پاڻيءَ ۾ وهندڙ ڪٺ کي ڏٺو (نه ڄاڻ ڪنهن جي هئي) پر اهڙي هڪڙي ڪٺ هن وٽ به هئي، اهڙا ٿانوَ هن وٽ به هئا، جهڙا هينئر پاڻيءَ ۾ ترندا ٿي ويا. اونداهيءَ ۾ ڪنهن کي به سڌ ڪانه هئي ته ڪنهن کي ڪهڙي پاسي وڃڻو آهي؟ جڏهن هڪڙو لاش نجاڻ ڪٿان کان ترندو اچي وشنوءَ سان ٽڪرايو هو، تڏهن ڄڻ وشنوءَ جي جيئري جسم ۾ موت جو سرد احساس ڦهلجي ويو هو. الاءِ چو ڪٿس اهو احساس ورائي ويو هو ته ٿوري دير ۾ هو به انهن لاشن جيان زنده ماڻهن جي جسمن سان ٽڪرائيندو، پاڻيءَ ۾ ترندو ويندو ۽ جڏهن صبح جو امدادي پارٽيون پهچنديون، تڏهن پاڻيءَ سان پريل هن جو نيرو لاش سڃاڻپ ۾ اچي نه سگهندو ۽ هو ڪنهن گمنام لاش جيان ڪنهن قبر ۾ سدائين لاءِ دفنايو ويندو، بنا انهيءَ انڪشاف جي ته هو وشنو آهي ۽ هن جو لاش دفنائڻ بدران جلائڻ گهرجي.

گهبرائجي هو وري هلڻ لڳو. پاڻ کي اهو احساس ڏيارڻ لاءِ ته اجا هو زنده آهي. هن جي جسم سان ڪتون، ٿانوَ، ڪپڙا، مئل جانور، هن وانگر پٽڪندڙ جيئرا جاڳندا ماڻهو ۽ پاڻيءَ پريل نيرا لاش ٽڪرائيندا رهيا. هن رڙيون ڪري ميڙي ۾ وڃائجي ويل بار وانگر روئڻ چاهيو، پر وات ۾ پرجي آيل پاڻي ٽڪي اڳتي وڌي ويو هو.

۽ جڏهن هو بيهر ٽڪجي بيٺو هو، تڏهن ڪٿس احساس ٿيو هو پنهنجي جسم کي ڇهندڙ ڪنهن ٻئي جسم جو. هن اونداهيءَ ۾ اکيون ڦاڙي ڏٺو. ڪلهن تي ڪنيل بار – ٽڪل ٽٽل ڪنهن عورت جو جسم هو – الاءِ چو هنج ۾ بار ڪنيل عورت ڏسي وشنوءَ کي ماءُ ياد ايندي هئي، جنهن کي وشنو ڏسي نه سگهيو هو ۽ جيڪا وشنوءَ کي ڄڻڻ واريءَ گهڙيءَ ۾ ئي مري وئي هئي ۽ وشنوءَ کي سدائين هنج ۾ بار ڪنيل عورت ڏسي پنهنجي اڻ ڏٺل ماءُ ياد

www.sindhsalamat.com

ايندي رهي هئي. هن لمحي به هو اندر ئي اندر سچو خوشبوءِ سان واسجي ويو هو. هن اونداهيءَ ۾ نظر نه ايندڙ ٻار جو چهرو پنهنجن سرد ۽ پسيل آڱرين سان ڇهي ڏٺو – ڄڻ هن جو پنهنجو چهرو هجي. ٻار، جيڪو سڄي رات پاڻيءَ ۾ پسڻ ڪان پوءِ اڌ مئو ٿي پيو هو، تنهن پل لاءِ اکيون پٽي وشنوءَ ڏانهن نهاريو ۽ وري اکيون پوري ڇڏيو هئائين.

”مون کي ڏي – آئون ڪٽانس ٿو.“ عورت جي ڪجهه چوڻ ڪان اڳ وشنوءَ پنهنجو ننڍپڻ ياڪر ۾ پري ورتو. ڪن پل لاءِ وڄ جو جيڪو چمڪاٽ ٿيو هو، انهيءَ ۾ هن عورت جو چهرو ڏٺو هو ۽ ٻئي پل ئي جيڪو ڪٽس وسري ويو هو. ايترو ياد هئس ته سندس بيحد ويجهو بينل عورت جوان هئي، جنهن جو سچو چهرو پاڻيءَ مان پسيل هو. شايد هن جي ماءُ جو چهرو به اهڙو هجي! شايد هن جو ننڍپڻ به اهڙو ئي هجي! ٻار ڇُري ڪٽس جاڳائي وڌو سوچن جي اگهور ننڊ مان.

”اڄ – اڳتي هلون – اڳيان شايد پاڻي گهٽ آهي – اڄ.“ هوءَ چپ چاپ هن سان گڏ اٿين هلڻ لڳي، ڄڻ ڄڳن ڪان هن سان گڏ هلندي آئي هجي.

ڪجهه دير اڳ وشنوءَ جي من ۾ موت جا جيڪي ڀاوَ هئا، سي اجهامڻ لڳا هئا. ڪجهه دير اڳ ڪٽس نه پي سجهيو ته هو ايڏي پاڻيءَ ۾ جو ڪلاڪن ڪان پيو هلي؟ هاڻ سندس ڀاوَ ئي ٻيا هئا. هاڻي ڪٽس هن عورت ڪي پاڻيءَ مان ڪڍڻو هو، جنهن جو چهرو شايد سندس ماءُ جهڙو هجي – ڪٽس ڪلهي تي ڪنيل انهيءَ ٻار ڪي بچائڻو هو، جيڪو ياڪرن ۾ پري ڪٽس نه ياد ايندڙ ننڍپڻ هانوَ تي هري آيو هو.

”تون ٿڪجي ته نه پئي آهين؟“ هلندي هن عورت ڪان اٿين پڇيو، ڄڻ هوءَ سندس پنهنجي عورت هجي. عورت ڪاٻه ورندي ڪانه ڏني. بس چپ چاپ هلندي رهي. هلندي هلندي عورت وشنوءَ جي مضبوط ٻانهن کي پڪڙي ورتو هو. وشنوءَ جو سرد جسم اٿين گرم ٿي ويو هو، جيئن ڪنهن مرندڙ جسم کي آڪسيجن ڏئي ڇڏجي. زندگيءَ ۾ ڪنهن به عورت هن کي ڇهي نه ڏٺو هو. هن تي پهريون ڀيرو اهو انڪشاف ٿيو هو ته عورت جو ڇهاءُ ڪيڏو گرم ٿيندو آهي. شايد تڏهن ئي ته ٻار ماءُ ڪان ڌار نه ٿيندا آهن. مڙد انهيءَ ڇهاءَ لاءِ زندگي سڄي محنت ڪندا آهن. هوءَ وشنوءَ جي مضبوط ٻانهن جهلي هلندي رهي هئي ۽ وشنو موت بدران زندگيءَ جا ڀاوَ مَن ۾ سجائي اٿين هلندو رهيو، ڄڻ آڪسيجن جي نلي هن جي نڪ مان جيڪر ڪڍي وئي ته هو مري پوندو ۽ وشنو مرڻ نٿي چاهيو.

پاڻي هاڻ ڪلهن ڪان لهي چيلهه تائين اچي بيٺو هو، پر برسات جو زور ڪونه گهٽيو هو. ڪاٻي پاسي پڪو روڊ هو. پڪا روڊ ڪچين آبادين ڪان پري هوندا آهن. شايد پڪا روڊ، پڪن گهرن وارن لاءِ هوندا آهن. روڊ جي هن پاسي ڪيترا پڪا گهر نهي رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com

”سامھون جيڪي اڌ نھيل گھر آھن نہ، اُتي برسات کان بچاءُ ٿي سگھندو.“ ھن بيھر عورت سان ڳالھايو ۽ موٽ ۾ عورت جو ھٿ ھن جي ٻانھن ۾ وڌيڪ مضبوط پئجي ويو. وشنوءَ جي دل چيو ھو تہ ھوءَ ساڻس ڳالھائي. انيڪ ڳالھيون ڳالھائڻ لاءِ ھونديون آھن. ڳالھائڻ سان اڪيلائپ ۽ ڏک جا پاوَ گھٽجي ويندا آھن ۽ زندگيءَ ڏانھن وڌندڙ وکون تيز ٿي وينديون آھن، پر شايد عورتون گھٽ ڳالھائينديون ھجن يا ھوءَ ئي گھٽ ڳالھائيندي ھجي.

”ھي – سمھي رھيو آھي شايد.“ ھن ڪلھن تي پيل اڌ مئل ٻار بابت ڳالھائڻ چاھيو. عورت ڪن پل لاءِ ڪنڌ ڪٽي ٻار ڏانھن نھاريو ۽ پوءِ وري ھلڻ لڳي. گوڏن تائين بيٺل پاڻيءَ ۾ اڪيون ڪپائي، ڄڻ اھو ٻار ھن جو نہ ھجي.

روڊ تي پاڻي گوڏن تائين ھو. زندگيءَ جا آثار پڪين آبادين ۾ پھچي چٽا ٿي ويندا آھن. ھت پاڻيءَ ۾ ترندڙ سامان، جانورن جا لاش، جيئرا ماڻھو ۽ پاڻيءَ مان پريل نيرا پئجي ويل لاش ڪونہ ھئا. ڏکھو ۽ سنئون سڌو رستو ھو، جيڪو سڌو خوبصورت بنگلن ڏانھن ٿي ويو، جتي پاڻي اڃا انچ بہ نہ بيھي سگھندو آھي. وشنوءَ من ئي من ۾ پڪن گھرن ۾ رھندڙن کي گار ڏني ۽ بيحد ڏک منجھان عورت کي ٻڌايو ھئائين تہ ھن پرسال تنھڻ اُس ۾ بيھي جيڪو گھر اڏيو ھو، سو ڪلھ برسات ۾ ڍھي پيو ۽ ھو چپ چاپ بي وسيءَ منجھان انھيءَ کي مٽي ٻڌجي پاڻيءَ ۾ وھندو ڏسندو رھيو.

”تنھنجو گھر بہ ڍھي پيو ڇا؟“ ھن عورت کان پڇيو. عورت پاڻيءَ مان پسيل چھرو ڪٽي وشنوءَ ڏانھن نھاريو. ”منھنجو! منھنجو ڪوبہ گھر ڪونھي.“

”مطلب!“ وشنوءَ اڇرج منجھان سوچيو تہ اھڙا بہ ماڻھو دنيا ۾ آھن، جن جو ڪوبہ گھر نہ ھجي. عورت، جنھن پھريون پيرو ڳالھايو ھو ۽ وشنوءَ چاھيو ھو تہ ھوءَ ڳالھائيندي رھي.

”پوءِ تون ڪٿي رھندي آھين؟“

”آئون! آئون ھڪڙي دڪان جي اڳيان لڳل تختي ھيٺ رھندي ھيس. اھو دڪان بہ ڪلھ پاڻيءَ ۾ لڙھي ويو. ھاڻ منھنجو ڪوبہ گھر ڪونھي.“ ھوءَ بہ شايد دڪان جي انھيءَ تختي جي لڙھي وڃڻ تي دکي ٿي پئي ھئي. پناھگاھ ڪھڙي بہ ھجي، پر جي اجڙي وڃي تہ ڪن پل لاءِ ئي سھي، پر زندگي ڪيڏي المناڪ محسوس ٿيندي آھي. ڪم از ڪم وشنوءَ تہ ائين ئي محسوس ڪيو ھو. ازل کان بي گھر ھئڻ ايڏو دکي ڪندڙ ناھي، جيڏو اوچتو بي گھر ٿي وڃڻ.

عورت جو ڳالھائڻ بند ٿي ويو ھو. ھوءَ ھاڻ وشنوءَ جي سھاري کان سواءِ ھلي رھي ھئي. ڪجھ دير اڳ سڀ ڪجھ وشنوءَ لاءِ ڪيڏو نہ موھيندڙ ھو. عورت مڙد جو سھارو وٺي ھلي تہ مڙد پاڻ کي ڪيڏو خوش ٿو محسوس ڪري، اھو انڪشاف بہ وشنوءَ تي پھريون پيرو ٿيو ھو. اڌ نھيل گھر برسات جي اونداھي رات ۾ کنڊرن وانگر ٿي نظر آيا. وشنوءَ کي خبر

www.sindhsalamat.com

هئي ته ڇت پڪي هجي ته ماٿهو پاڻ ڪي هر قيامت کان آجو محسوس ڪندو آهي ۽ انهن گهرن جي مٿان ڇتيون اڻ پوريون سهي، پر مضبوط ته هيون.
۽ انهيءَ مضبوط ڇت هيٺ پهچي هو املاڪ نستو ٿي پيو هو. عورت پٽ ڪي ٽيڪ ڏئي ڪيترا پل سهڪندي رهي.
مضبوط پٽ ڪي ٽيڪ ڏئي ساهه کڻندي ماڻهو ڪيڏو پرسڪون ٿي پوندو آهي. مٿيءَ جي ڪچي پٽ وارا پاوَ ته نه هوندا آهن ته نجاڻ ڪنهن مهل ڍهي پوي. پاڻي هنن جي جسم مان بوند بوند ڪري ٽمندو رهيو. هن ٻار کي ڪلهي تان لاهي سڪي پٽ تي ليٽائي ڇڏيو. ٻار جي نڙيءَ مان نڪرندڙ خر خر جو آواز انهيءَ پڪي ڇت هيٺ ڦهليل اونداهي ۾ وشنوءَ کي بيحد پوائتو لڳو هو، ڄڻ نڙيءَ ۾ موت اچي اٽڪيو هجي يا ڪو بيمار ڪتو سهڪي رهيو هجي.
”هن کي شايد ٿڌ لڳي وئي آهي.“ وشنوءَ اونداهي ۾ پاڇولي وانگر نظر ايندڙ عورت ڏانهن نهاريو، جيڪا اجا تائين پٽ کي ٽيڪ ڏئي سهڪي رهي هئي. وشنوءَ جي آواز تي هن ڇرڪي وشنوءَ ڏانهن نهاريو ۽ رڙهي اچي ٻار وٽ ويهي رهي. ٻار جي بدن تي چهٽيل پسيل ڪپڙا لاهي هوءَ نپوڙڻ لڳي.
”ڏي، آئون سڪايان ٿو.“ وشنوءَ عورت جي هٿن مان ڪپڙا وٺي لوهه جي شيخ تي ٽنگي ڇڏيا ۽ جڏهن مڙيو، تڏهن هوءَ ٻار جو اگهاڙو بدن پاڪر ۾ پري گرمائي رهي هئي. وشنوءَ کي بيهر پنهنجي اڻ ڏٺل ماءُ هانوَ تي هُري آئي. هن من ئي من ۾ سوچيو، نجاڻ ماءُ جي پاڪرن ۾ ڪيتري گرمي هوندي آهي! ٻار جي نڙيءَ مان نڪرندڙ خر خر جي آواز وشنوءَ جي اندر ۾ ڦهلجندڙ زندگيءَ جي لات به ڄڻ اجهائي ڇڏي هئي. هن کي ائين لڳو ڄڻ انهيءَ مضبوط ڇت هيٺ ايڏي گرمي ۽ گهٽ جي هوندي به پارو پئجي رهيو هجي ۽ هو اندر ئي اندر برف جي سر بڻجي رهيو هو. هوءَ بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي ٻار کي سيني سان لائي ويٺي هئي. ڄڻ هن جا سيئي پاوَ مري ويا هجن يا مٽيءَ جي ڪچن گهرن سمان پاڻيءَ ۾ لڙهي ويا هجن. هو عورت جي سامهون واريءَ پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. ٻار جي نڙيءَ مان نڪرندڙ خر خر جو آواز ويو ٿي وڌندو.
”هن کي بک لڳي هوندي.“ وشنو ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائڻ واري احساس کي دٻائي نه سگهيو. وشنوءَ کي پاڻ به بک لڳي هئي. برسات جي انهيءَ قيامت جهڙي رات ۾ بک جو صرف احساس ئي ممڪن هو.
بک جو احساس هو شايد – يا – الاءِ ماءُ جي جسم جي گرميءَ جو احساس – ٻار گهٽيل گهٽيل آواز ۾ روئڻ لڳو. وشنو دکي ٿي پيو، اهو سوچي ته هو به ننڍپڻ ۾ ائين روئندو هوندو بک جي احساس کان، اڪيلائپ جي احساس کان. هوءَ ڪي پل چپ چاپ ٻار کي

www.sindhsalamat.com

روئندو ڏسندي رهي. وچ جي چمڪات ۾ وشنوءَ ڏٺو، هوءَ پاڻيءَ مان پسيل چولو مٿي ڪٽي ٻار کي ڪير ڏئي رهي هئي. اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ جي خواهش جڳن کان وشنوءَ جي من ۾ واسو ڪيو ويني هئي. خر خر جو آواز بند ٿي ويو هو ۽ هاڻ انهيءَ مضبوط ڇت هيٺ چس چس جو آواز ڦهلجي ويو هو. وشنوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جي ڇاتين مان نڪرندڙ ڪير بوند بوند ڪري هن جي وات ۾ پرجي رهيو هجي. هن جو ننڍپڻ هن جي نڙيءَ ۾ مڙي آيو هو.

هو اونداهيءَ ۾ رڙهندو اچي هن جي ويجهو وينو. اڪيلائپ جي گهيرت مان نڪرڻ لاءِ هو بيحد اداسيءَ منجهان عورت جي هنج ۾ پيل ٻار جي نرم نرم ۽ آلن وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو. ڄڻ اهي وار به سندس هجن، يا هو ٻار سندس ٻار هجي.

”هي خر خر ڇو ٿو ڪري؟“ هن پريشان ٿي پڇيو.

”ٿڌ لڳي اٿس.“ اونداهيءَ ۾ عورت جو جهيڻو آواز اُڀريو.

”ڪير نٿو پيئي ڇا؟“ ائين چوندي هو ائين شرمائجي ويو، ڄڻ ڪا خراب ڳالهه ڪندو هجي. ڪي گهڙيون عورت ٺهي- ڪا ويل ٻار ٿي چپ رهي. ”ڪير – هجي – ته پيئي.“ هن جي لهجي ۾ شڪست ۽ شرمندگيءَ جو احساس هو. هو چپ چاپ اونداهيءَ ۾ هن کي محسوس ڪندو رهيو.

”هي – هي منهنجو ٻار ڪونهي. پاڻيءَ ۾ ٻڏو پيو – مون ڪڍي ورتو – هن جي شڪل بلڪل انهيءَ ٻار جهڙي آهي، جيڪو مون ڄڻيو هو- پر – پر اهو مري ويو.“

انهيءَ مضبوط ڇت هيٺ گهٽ ۽ گرمي اڃا ڪان به وڌي وئي هئي. ٻاهر وچ جا نڪاءَ ۽ برسات جو آواز وڌي ويو هو. اها عورت، جنهن ٻار کي ڪجهه دير اڳ چولو مٿي ڪٽي ڪير ڏئي رهي هئي، اهو ٻار هن جو نه هو. اهو ٻار شايد وشنوءَ وانگر هو، جنهن جي ڪابه ماءُ ڪانه هئي. جي هئي ته شايد انهيءَ پل ڪلهن تائين ٻيڻل پاڻيءَ ۾ پٽڪندي هوندي يا لاش ٻڻجي پاڻيءَ ۾ وهندي هوندي. وشنو نستو ٿي اتي ئي پٽ تي ليٽي پيو. هوءَ ٻار هنج ۾ ڪنيو ائين ويني هئي جو وشنوءَ جي من کي ويساهه ئي نه پيو آيو ته ڪو اهو ٻار هن جو نه هو. وشنوءَ من ئي من ۾ چاهيو هو (بيحد شدت سان) ته هو به انهيءَ عورت جي هنج ۾ هن ٻار وانگر ليٽي پئي. بک، زهر ٻڻجي وشنوءَ جي من ۾ واسو ڪرڻ لڳي.

انهيءَ مضبوط ڇت هيٺ انهن ٽنهي جو هڪٻئي سان ڪوبه سڳ نه هو. قيامت جهڙي اها رات انهن ٽنهي جي وچ ۾ ٻڌل مضبوط تند هئي – جيڪا رات وشنوءَ لاءِ عذاب ٻڻجي وئي هئي، انهيءَ لاءِ هاڻي وشنوءَ چاهيو ٿي ته ڪڏهن به نه ڪٽي. هو آسمان تي چمڪندڙ وڄ ۾ اکيون ڪپائي ڳالهائڻ لڳو.

”جڏهن آئون ڇاڻو هئس نه، تڏهن منهنجي ماءُ مون کي ڇڏي مهل ئي مري وئي هئي.“ اونداهيءَ ۾ عورت همدرديءَ مان وشنوءَ ڏانهن نهاريو، پر وشنوءَ کي سڌ ئي نه پئي – بس

www.sindhsalamat.com

هو بنا ڪنهن ڪارڻ جي ڳالهائيندو رهيو. ”مون کي الاءِ ڇو – هر عورت ڏسي پنهنجي ماءُ ياد ايندي آهي – منهنجي دل تي ڇوي ته اهو ٻار، جيڪو تنهنجي هنج ۾ آهي، آئون هجان ها.“ عورت اونداهيءَ ۾ غور سان هن ڏانهن نهاريو. هن کي محسوس ٿيو ڄڻ وشنوءَ جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو هجي – ڪجهه پل هنن ٻنهي ڪجهه به نه ڳالهايو.

الاءِ ڇو ٻئي پل عورت کي پنهنجو مري ويل مڙس هانوَ تي هُري آيو هو. اهو به برسات جي ڪنهن اهڙيءَ رات ۾، نانگ جي ڏنگڻ سان مري ويو هو.

ٻار جي نڙيءَ مان نڪرندڙ آواز هوريان هوريان گهٽبو ٿي ويو.

”هن جو آواز – گهٽجي ڇو ويو آهي؟“ وشنوءَ پريشان ٿي پڇيو.

”هي – هي – مري ويندو. شايد – منهنجو ٻار به ائين ئي مئو هو. هن جي نڙيءَ مان به سڄي رات اهڙا آواز ايندا رهيا هئا - ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ هو مري ويو.“ وشنوءَ کي ائين لڳو، ڄڻ هزارين سڏڪا هن عورت پنهنجي نڙيءَ ۾ گهٽي ڇڏيا هجن. وشنو اهو سوچي بيحد دکي ٿي پيو هو ته صبح ٿيڻ کان اڳ ٻار مري ويندو. هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ هو زمانن کان گڏ رهندا آيا هجن ۽ هاڻ ڪنهن هڪ جي مري وڃڻ جو احساس ڪيڏو دکدائڪ هو. هو چپ چاپ اونداهيءَ ۾ پاڇولي وانگر نظر ايندڙ ٻار جي وجود کي محسوس ڪندو رهيو.

”جي – هي – مري ويو – ته ڇا ٿيندو!“ وشنوءَ بيحد اداس ٿي چيو.

”ڪجهه نه – ڪجهه به ته نه – جڏهن منهنجو ٻار مئو هو نه – تڏهن به ڪجهه نه ٿيو هو – ڪجهه به نه ٿيو هو.“

وشنوءَ کي ائين لڳو، ڄڻ موت نانگ وانگر سندس جسم تي سري رهيو آهي – برف جهڙو سرد موت.

پوءِ اوچتو ٻار جو آواز بند ٿي ويو ۽ وشنوءَ جو سمورو ساهه نڙيءَ ۾ اچي اٽڪيو هو. عورت ٻار کي ڇورڻ چاهيو، پر هو مري چڪو هو شايد. اونداهيءَ ۾ عورت جو سڏڪندڙ آواز اڀريو.

”مري ويو – شايد!“

”مري ويو!“ وشنوءَ جي نڙيءَ مان گهٽيل گهٽيل آواز نڪتو ۽ اُجهامي ويو. عورت ٻار جي منهن تي مٿو ڏري ائين سڏڪڻ لڳي، ڄڻ اهو ٻار سندس ئي بدن جي تخليق هجي. وشنوءَ هٿ وڌائي عورت جي هنج ۾ پيل مئل ٻار کي ڇهي ڏٺو – برف وانگر سرد پتڪڙو جسم وشنوءَ جي اندر – تهائين اندر (پاتال تائين) لهندو ٿي ويو. هو ٻار جي نرم نرم وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو. هن ٻار جون بند اکيون، پتڪڙا چپ، پتڪڙو نڪ ڇهي ڏٺو – وشنوءَ کي محسوس ٿيو ڄڻ گرم گرم پاڻي سندس اکين مان وهندو سندس ڇهري تي ڦهلجي ويو آهي. هو ٻار جو پتڪڙو ۽ نرم هٿ پنهنجي مضبوط هٿ ۾ جهلي دٻائڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com

انهيءَ پل وچ جو چمڪات ٿيو – هنن ٻنهي پل اپل لاءِ هڪ ٻئي جي اکين ۾ پرجي آيل پاڻي ڏسي ورتو هو.

”تون – روئين پئي!“

”تون – تون به ته روئين پيو.“

”ها- مون کي پنهنجو نندپڻ پيو ياد اچي. جڏهن مون کي پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجو نندپڻ ياد ايندو آهي – تڏهن آئون روئي ڏيندو آهيان.“

”مون کي برسات جي رات ۾ پنهنجو مڙس ۽ پنهنجو ٻار ياد ايندو آهي.“

”توکي – پنهنجي ٻار سان گهڻو پيار هو ڇا؟“ وشنوءَ هڪ پيرو وري مئل ٻار کي ڇهي ڏٺو.

”هر ماءُ کي پنهنجو ٻار وڻندو آهي.“ هن جو آواز وشنوءَ کي پريان کان ايندو محسوس ٿيو هو.

وشنوءَ جو من دکي ٿي پيو. ”جيڪڏهن منهنجي ماءُ جيئري هجي ها ته شايد آئون به هن کي پيارو هجان ها – ها نه!“

”هون – ن“ عورت جڻ پاتال مان ڳالهايو.

۽ پوءِ ڪيترا پل هنن ڪجهه به نه ڳالهايو. هوءَ ٽڪجي اتي ئي ليٽي پئي. ڳالهائڻ لاءِ جڻ ڪجهه به نه رهيو هجي. وشنو به ليٽي پيو. هو ٻئي چپ چاپ انهيءَ مضبوط ڇت کي ڏسندا رهيا، جيڪا هنن جي پناهگاهه هئي.

”برسات بند ٿيڻ کان پوءِ – تون ڪيڏانهن ويندين؟“

”الاءِ!“ هوءَ بند چپن ۾ ٻڙڪي. اڻڄاڻائيءَ ۾ هن جو نرم هٿ وشنوءَ جي مضبوط هٿن ۾ اچي ويو هو. وشنوءَ جي نڪ ۾ جڻ ٻيهر آڪسيجن جي نلي اچي وئي هئي. هو هن جي هٿ جو ڇهاءُ محسوس ڪندو رهيو. – هن عورت جون آڱريون پنهنجين مضبوط آڱرين ۾ جڪڙي ڇڏيون ۽ ٻئي پل ئي هو اڪيلائپ جي گهيرٽ مان نڪري آيو هو. وشنو عورت ڏانهن پاسو ورائي اونداهيءَ ۾ هن کي ڏسندو رهيو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ عورت ائين ئي ڳالهائڻ خاطر چيو.

”وشنو.“

”هندو آهين ڇا؟“ ڪن لاءِ وشنو من ئي من ۾ سراپجي ويو. ٿي سگهي ٿو هو هن جو ڌرم ٻڌي، نفرت مان هن کي پري ڌڪي ڇڏي. وشنوءَ کي پل ڪاٻه ورندي ڪانه ڏني. عورت ٻيهر ڪانئس پڇيو: ”هندو – آهين؟“

”ها.“ ائين چوندي وشنو ڪنهن اهڙي ٻار وانگر هيسجي ويو، جنهن کان اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪو ڏوهه ٿي ويو هجي. ڪي پل سانت ئي رهي. عورت هن جي هٿ مان پنهنجو هٿ ڪونه ڇڏايو هو ۽ نه ئي نفرت مان هن کي ڌڪي پري ڪيو هئائين.

www.sindhsalamat.com

”تون؟“ نيٺ وشنوءَ سگهه ساري هئي.
وشنوءَ کي ڪل ئي ڪانه هئي ته ڪو دين ڌرم ڪان ڪجهه پريرو، ڪجهه ٻيا به ناتا ٿيندا آهن، جيڪي قيامت جهڙين راتين ۾ پاڻ ئي پاڻ ڳنڍجي ويندا آهن. هنن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ ٻي کي ڏکي پري ڪونه ڪيو هو. وشنوءَ محسوس ڪيو هو ته هوءَ هن جي ويجهو اچي وئي آهي. برسات جي گوڙ ۾ به هن عورت جا ساهه، پنهنجي ساهه ڪان به وڌيڪ چٽا محسوس ڪيا هئا. وشنوءَ پنهنجن منجهيل ۽ آلن وارن ۾ هن جون آڱريون محسوس ڪيون هيون. هن عورت جو چهرو پنهنجين آڱرين سان ڇهي ڏٺو، چپ، نڪ، اکيون، ڪاڏي، ڳچي. هو پڇڪيو:
”شايد منهنجي ماءُ به توجهڙي هوندي!“
”الاءِ.“ هوءَ بند چپن ۾ پڇڪي.
”سوير – جڏهن تون ٻار کي هنج ۾ ڪنيو ويٺي هئينءَ نه – تڏهن منهنجي دل چيو پئي ته آئون به هن ٻار وانگر روئان – منهنجي نڙيءَ مان به خر خر جو آواز ايندو رهي.“
”چو؟“ عورت وشنوءَ جو چهرو پنهنجين آڱرين سان ڇهي ڏٺو. وشنوءَ جي نڪ جي هيٺ مُڇن جا وار ڦهليل هئا. هن جي هانوَ تي سندس مڙس جو چهرو هري آيو. انهيءَ جي نڪ جي هيٺ به مُڇن جا وار هوندا هئا. هو جڏهن اونداهين راتين ۾ نمي هن جو چهرو چمندو هو، تڏهن مڇن جا اهي وار هن کي پنهنجي چهري تي سُرندا محسوس ٿيندا هئا. هن بيحد شدت سان چاهيو هو ته هينئر – هن لمحي، وشنو نمي هن جو چهرو چمي. هن جون اکيون پورجڻ لڳيون. وشنو پنهنجي چهري تي هن جون آڱريون محسوس ڪندو رهيو.
وشنو بلڪل اهو پتڪڙو ٻار بنجي ويو هو، جيڪو ڪانئس ڪجهه پريرو مئو پيو هو.
”آئون – سڪل مانين جا ڳيا ڪائي وڏو ٿيو آهيان. مون کي ائين ٿو لڳي جڻ آئون سالن جو بکيو آهيان. تو – سوير جڏهن هن ٻار کي کير ڏنو هو نه – تڏهن مون کي ائين لڳو جڻ – جن ٻارن جي ماءُ نه هوندي آهي، اهي جمڻ کان مرڻ تائين بکيا ئي رهندا آهن.“
عورت هن جي بيحد ويجهو اچي وئي هئي – وشنوءَ اونداهيءَ ۾ هن کي پنهنجي مٿان نمندو محسوس ڪيو ۽ ٻي پل وشنوءَ پنهنجو وات کير مان پربو محسوس ڪيو هو. وشنوءَ پاڻ کي بيحد پتڪڙو محسوس ڪيو هو – جڻ کي پل اڳ جنم ورتو هجيس. هن جي اڪيلائپ جا گهيرت ٽٽي پيا هئا. هن کي ائين لڳو، جڻ هيءَ جوان عورت هن جي ماءُ هجي.
جڻ هو هوريان هوريان کير جي درياهه ۾ ٻڏي رهيو هجي.
۽ جڏهن هوءَ وشنوءَ کان ڌار ٿي هئي، تڏهن ٻاهر صبح جو سوجهرو هوريان هوريان ڦهلجي رهيو هو. برسات بند ٿي چڪي هئي پر آسمان تي اجان اڇن – ڪارن ڪڪرن جو هجوم هو.

www.sindhsalamat.com

هن صبح جي پڪڙجندڙ روشنيءَ ۾ ڏٺو – عورت هن کي ڏٺل لڳي هئي. وشنوءَ هن کي شهر جي چؤواٽن تي، گهٽين ۾، بند دروازن اڳيان الله جي نانءَ تي بيک گهرندي ڏٺو هو. هن جا ڪپڙا ڪتان قاتل ۽ ڪتان چتيون لڳل هئا. عورت پل لاءِ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هن ڏانهن نهاريو ۽ وري اکيون پوري ڇڏيون.

پٽ تي پيل ٻار جو لاش نيرو پئجي ويو هو.

وشنو اٿيو ۽ سيخ تي ٽنگيل سڪل ڪپڙا ٻار جي مٿان وجهي ڇڏيا هئائين. هن دل ۾ سوچيو نجاڻ هن ٻار کي دفن ڪبو يا جلائڻو پوندو؟ ڌرم جو نشان انسان جي ڇهري تي ڇو نٿو لڳي!

”برسات بيهي رهي آهي – مون کي وڃڻ گهرجي.“

عورت اُٿي بيهي رهي. وشنوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ قيامت جهڙي رات ڪٽڻ سان گڏ سيئي ناتا ٽٽي پيا هجن. هاڻ هو هڪ هندو مڙد آهي ۽ هوءَ هڪ مسلمان عورت ۽ هي مئل ٻار هنن مان ڪنهن جو بہ ناهي. وشنوءَ چاهيو هو تہ هي ڏينهن هن لمحي ئي اجهامي وڃي ۽ ٻيهر چوڏاري برسات جي ٻوائتي رات ڦهلجي وڃي – پر چاهڻ سان ڇا ٿيندو آهي؟

وشنوءَ هن عورت کي روڪڻ چاهيو، پر هن وٽ ڪوبہ ڪارڻ نہ هو هن کي روڪڻ جو. هن چاهيو تہ هو، هن عورت کي چئي تہ تون وينديئن تہ آئون سدائين وانگر اڪيلو رهجي ويندس ۽ مون کي پنهنجي ماءُ اڳي کان بہ وڌيڪ ياد ايندي، پر هو چپ چاپ ويٺو رهيو. زندگيءَ ۾ عورت جو هئڻ ڪيڏو ضروري آهي، اهو انڪشاف وشنوءَ تي تہ انهيءَ گذري ويل رات ۾ ٿيو هو، پر هن کي روڪڻ لاءِ وشنوءَ وٽ ڪوبہ ڪارڻ نہ هو.

”تون – وڃين ٿي؟“ هن بيحد اداس ٿي پڇيو.

”ها.“ عورت وڃڻ لاءِ وک وڌائي ۽ وشنوءَ جا پير ڄڻ پٽ ۾ کپي ويا.

”۽ هي ٻار؟“ وشنوءَ پٽ تي پيل نيري لاش ڏانهن نهاريو – عورت کي بہ ڄڻ وسري ويل ڳالهہ ياد اچي وئي هئي. هوءَ ٻار ڏانهن مڙي ۽ ٻي لمحي اهو نيرو پئجي ويل لاش هن جي ٻاڪرن جي دائري ۾ هو.

ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ عورت هڪ ڀيرو مڙي وشنوءَ ڏانهن نهاريو هو. وشنوءَ جي نڪ هيٺان ڦهليل مُڇن جا وار هن جي اکين ۾ توهر جي ڪنڊن سمان چڀڻ لڳا.

هو ڪيترا پل هن کي گوڏن ٽائين ٻيڙل پاڻيءَ ۾ ويندي ڏسندو رهيو.

www.sindhsalamat.com

گورڪن

نما شام جا هوريان هوريان ٻڏندڙ پاڇولا، ڌرتيءَ تي پکڙجي آيا هئا. هن جي اونداهي پاڇَ جيان رات جون اونداهيون به پر پکيڙڻ لاءِ جڙ آتيون هيون. قبرستان ۾ هوا جا سڏڪا، وڻن جي جهومندڙ پنن جي سر سر، موت جهڙي سانت ۽ تربتن تي پکڙيل ويرانيون — اهو سڀ ڪجهه ڄڻ هن تي موت جي پڇاڙڪي پل وانگر اڏول ٿيو بيٺو هو ۽ هو هيڪلو ان سموري وايو منڊل ۾ نم جي وڻ هيٺ، ڪنڌ نوايو ائين ويٺو هو، ڄڻ ڄڳن کان پنهنجي اونداهي پاڇَ تي ماتم ڪري رهيو هجي. موت جي ان سنسان وايو منڊل ۾، هن جو پڳل ٿتل وجود، ويتر ئي پراسرار ٿي محسوس ٿيو. پر ۾ ڪوڙر رکيل — هن وانگر اداس ۽ ٿڪل ٽڪل. (ڪم از ڪم هن ته ائين محسوس ڪيو هو)

ان قبرستان ۾ هو تڏهن کان گورڪن هو، جڏهن هن جي چهري تي ڏاڙهيءَ جي ساوڪ مس ٿي هئي ۽ اڄ هن جي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار اڏواڏ اڇا هئا. ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ ۾ زندگيءَ کان ڇڄي ويل انسانن کي دفنائي، پيٽ پوڄا ڪرڻ هن جو اباڻو ڪم هو. ان جو پيءُ ۽ ڏاڏو ۽ شايد پڙڏاڏو به اهو ئي ڪم ڪندا هئا. موت، زندگي، تربتون، ويرانيون، دنيا کان ڇڄي ويل هيڪلا انسان، اهو سڀ ڪجهه زندگيءَ جو اڏ محسوس ٿيندو هئس.

۽ هينئر هي ٻه ڏينهن اهڙا گذريا هئا جو هن جي گهر جي چلهه نه دکي هئي. بک موت وانگر پر پکيڙيو بيٺي هئي. انهن ٻن ڏينهن کان هو ڪنهن هارايل جواري جيان گهر موٽندو رهيو هو. انهن ٻن ڏينهن کان هن جي ڪوڙر به اداس هئي. هن جي ٻارن جي اکين ۾ بک جو واسو هو. جوڙس جي چهري تي پيڙائن جو هجوم هو، انهن ٻن ڏينهن کان.

انهن ٻن ڏينهن کان موت نه جاڳيو هو. ان شهر ۾ ڪنهن جي به زندگيءَ جي تند نه ٽٽي هئي. هو لاڳيتو سوچي رهيو هو ته جت روز انيڪ انسانن جا سمورا لاڳاپا دنيا کان ڌار ٿي ويندا آهن، اتي ٻن ڏينهن کان سڀئي جيئرا آهن. ان شهر ۾ ڪو ٻيو قبرستان به ته ڪونهي. ٻن ڏينهن کان جڏهن هو خالي هٿين گهر موٽندو هو ته هن جي ٻارن جا چهرا، هن کي ڏسي، تيل کان محروم ڏيئي وانگر اجهامي ويندا هئا. رات ته هن جو ننڍو پٽ بک وگهي، آڌيءَ تائين روئندو رهيو ۽ هن کي ماٺ ڪرائيندي ڪرائيندي جوڙس به سڏڪي پئي هئي.

www.sindhsalamat.com

انهن سمورين سوچن ڪيس ساٽو ڪري ڇڏيو هو. هن هڪ ڀيرو ٻوسرنڊڙ اکين سان، سموري قبرستان تي نهار ڪئي ۽ ڪنڌ نوائي اٿي بيهي رهيو. ڪوڏر ڪلهي تي رکي هو ٿاٻڙجندڙ وکون کڻندو قبرستان مان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر اچي هن هڪ ڀيرو، ڪنڌ ورائي، ٻويان دور دور تائين پکڙيل قبرستان ڏانهن نهاريو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ انيڪ مرده، تربتن مان نڪري اچي ڪفن ۾ موت جو رقص ڪري رهيا هجن، ٺهڪ ڏئي رهيا هجن. گھٻرائجي هو تکيون وکون کڻندو قبرستان کان دور نڪري آيو.
هو جڏهن گهر آڏو پهتو ته پل اپل لاءِ خيال آيس ٻاهران ئي موٽي وڃڻ جو سوچيائين، ٻيهر قبرستان موٽي وڃان. ڪهڙي خبر ته اڄ رات ڪنهن جي زندگيءَ جي لاٽ اجهامي وڃي. پوءِ خيال آيس ته جيڪڏهن ائين ٿيو ته سدائين جيان ماٺهو ڪيس سڏي ويندا. تڏهن هٻڪندو، در تي لٽڪندڙ ڳوڻ جو ڦاٿل ٻردو مٿي ڪٽي هو گهر جي اڱڻ ۾ هليو آيو. لالٽين جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾، جوٽس ڪنڌ نوايو چپ ويٺي هئي. سندس آڏو سندس ننڍو پٽ ستل هو. هن جي ڳلن تي پکڙيل لڙڪن جا نشان هن ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ به چٽا ڏسي ورتا هئا ۽ اندر ئي اندر ڪجهه پرندو ڀانيو هئائين. پَٽ تي هن جا ٻئي وڏا پٽ بلور راند ڪري رهيا هئا يا الائي پنهنجو پاڻ وندرائي رهيا هئا. هن کي ڏسي هو سپ ائين چرڪي پيا، ڄڻ هو ڄڳن کان هن جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هجن. پر — پر — هن جي چهري تي پکڙيل پيڙا جا پاڇولا ڏسي، هنن جي چهرن تي به مايوسيون پکڙجي ويون. هو ڪنڌ نوائي چنل ڪٽ تي ويهي رهيو. جوٽس شوڪارو ڀري چوڻ لڳي: ”ننڍڙو مانيءَ لاءِ روئي روئي هاٽي ستو آهي.“
هُن ڪابه وراڻي ڪانه ڏني.
”بابا! مون کي به ڏاڍي بک لڳي آهي.“ سندس وچٿ پٽ جو آواز ائين چوندي پرجي آيو.
”بابا! اڄ به ڪو ڪونه مئو؟“ پر هن ڪا وراڻي ڪانه ڏني — هن جا چپ ڄڻ ڪنهن سبي ڇڏيا هئا.
”بابا! جڏهن ڪو مرندو، تڏهن ماني پچندي؟“ پٽس ٻيهر پڇيو.
”ها.“ جواب ڏيندي هن کي پنهنجو آواز پاتال مان ايندو محسوس ٿيو هو. تڏهن پٽس ٻئي هٿ مٿي کڻي، آڪاس ڏانهن اکيون کڻندي چيو: ”الله سائين هاڻ تون ڪنهن کي ماري ڇڏ ته اسان جي گهر ماني پچي او الله سائين!“ تڏهن هن جي من اندر دور ڪٿي ”آمين“ جي صدا اُڀري. هو پاڻ به ٻن ڏينهن کان دعا گهري رهيو هو ته ڪاش، اڄ ڪو اوچتو مري پوي — ڪاش.

www.sindhsalamat.com

هن جا ٻئي ٻار انهيءَ آس تي تہ شايد سپاٽي کو مري پوي، اکيون پوري ليٽي پيا. جيتوٽِڪ ٻک جي ڪري ڪين ننڊ ڪانہ هئي. هو ۽ جوٽس، ڪنڌ نوايو ويٺا رهيا. جوٽس جو آواز ٻي انت سانت ڪان پوءِ اوچتو اڀريو: ”تون ڪو ٻيو ڪم ڇو نٿو ڪرين؟“

”ڪهڙو ڪم ڪريان، ڪهڙو ڪم مون لاءِ رهيو آهي؟ آئون تہ ڪو ٻيو ڪم ڄاڻان بہ نٿو.“ هن جي آواز ۾ مايوسيون هيون.

”تون ڪيستائين اهو ڪم پيو ڪندين؟ اڄ ڪو مرندو، سپاٽي ڪونہ بہ مرندو. هاڻ تہ ان ۽ اتي جيئان موت بہ مهانگو ٿي ويو آهي. مئا ڊاڪٽر پيدا ٿي پيا آهن، ڪنهن کي مرڻ ئي ڪڏهن ٿا ڏين!“

”ٻختاور! انسان جي نصيب ۾ جڏهن موت ايندو آهي، تڏهن ئي هو مرندو آهي. جڏهن بہ ڪو مرندو آهي، پنهنجي وقت تي مرندو — تڏهن تنهنجي گهر ۾ بہ ماني پچندي.“ هو جوٽس کي سمجهائڻ لڳو. جيتوٽيڪ سندس اندر واريءَ جي گهرن جيان پُرندو ٿي ويو.

”مون تہ بادشاهہ پير جي منائي مڃي آهي تہ جڏهن ڪو مرندو، تڏهن ورهائيندس. ٻن ڏينهن کان منهنجا ٻار ٻکيا آهن، آخر ڪيسين تائين ٻکون پيا مرندا؟“ اهو چوندي هن جون اکيون پرجي آيون. هو پنهنجي قاتل پوتيءَ جي پلاند سان اکيون اگهڻ لڳي. جوٽس کي روئندو ڏسي هن لالٽين اجهائي ڇڏيو تہ جيئن جوٽس سندس لڙڪ ڏسي نہ وٺي، جيڪي سندس ڏاڙهيءَ کي پُسائي رهيا هئا. هن نٿي چاهيو تہ جوٽس هن کي روئندو ڏسي. لالٽين وسائي هو آڌيءَ تائين روئندو رهيو، ان خيال کان تہ ٻن ڏينهن کان هن جا ٻار ٻکيا آهن. هن جون ڪليل اکيون در تي ڪنهن سڏ جو اوسيئڙو ڪنديون رهيون پر سڄي رات هن کي ڪوبہ سڏ ڪونہ ٿيو. رڳو ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪتا ڀونڪندا رهيا. هن کي خبر هئي تہ جوٽس بہ سڄي رات روئندي رهي آهي. جوٽس کي بہ ڪل هئي تہ هو ساري رات لڙڪ هاريندو رهيو آهي. سڄي رات ۾ ڪيترا ڀيرا جوٽس جي لڙڪن سندس ٻانهن پسائي ۽ سندس لڙڪن جوٽس جو چهرو پسايو، پر هو ٻئي لڪائيندا رهيا.

ٻي ڏينهن، ٻاک ڦٽڻ کان اڳ ۾ ئي هو ڪوڏر ڪلهي تي رکي قبرستان هليو ويو. سڄي وات هن جي ڪنن کي روئڻ جا آواز ٻڌڻ جو اوسيئڙو رهيو پر ڇوڏاري زندگي پنهنجا خوبصورت پر پکيڙيو بيٺي هئي. هن من ئي من ۾ سوچيو تہ جيڪر اڄ بہ ڪو جنازو ڪونہ آيو تہ هو چوري ڪندو، ڏاڙو هڻندو پر خالي هٿين نہ موٽندو. قبرستان ۾ بہ سڄو ڏينهن سندس اکيون جنازن جو اوسيئڙو ڪنديون رهيون. ماڻهو ايندا رهيا، تربتن تي قُل پڙهي هليا ٿي ويا. ڪي گل رکيو ٿي هليا ويا. ڪي آيا تربتن تي مٿو رکي، سڏڪي سڏڪي هليا ويا. هو روز اهو سڀ ڪجهہ ڏسندو هو. ان ۾ هن لاءِ ڪابہ نواڻ ڪانہ هئي ۽ نہ ئي هن لاءِ ۽ هن جي ٻارن لاءِ زندگيءَ جو ڪو نور هو.

www.sindhsalamat.com

ڏينهن گذرندو رهيو ۽ پوءِ گذريل ڏينهن وانگر اجوڪو سچ بہ چپ چاپ ٻڏي ويو. (خبر ناهي سپاٽي ايرندو بہ يا نہ؟ هن سوچيو) هڪڙي وسريل ساروٽي هانوَ تي تري آيس تہ هڪ وار هڪ نوجوان، هتي ڪنهن تربت آڏو بيهي چيو هو: ”اي موت! ڪاش توکي موت اچي.“ تڏهن موت لاءِ پٽ ٻڌي هن جا لڱ ڪاندارجي ويا هئا ۽ اڄ هر هر سندس ڪنن ۾ اهي لفظ پڙاڏو ٿي ٻڌجي تي گونجيا. هاڻ ائين ٿي محسوس ٿيس، جڻ سچ پچ موت کي ڪو موت اچي ويو آهي. رات جي پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ هو پنهنجن ئي سوچن کان گهبرائجي ويو. هن جي ٻارن جي ٻک کي اڄ ٽيون ڏينهن هو. ان خيال سان ئي ڪيس پنهنجو من وسامندڙ محسوس ٿيو. هو ڪيئن هنن جي سوالن جا جواب ڏيندو، ڪيئن جوٽس جي چهري تي پکڙيل پيڙا ڏسندو؟ هن جا لڱ ئي ڪاندارجي ويا. هو اندر ئي اندر پُرندو رهيو، وسامندو رهيو. رات جا ٻارهن اچي ٿيا هئا. هو قبرستان ۾ ئي وينو رهيو، پر ڪوبہ نہ آيو. هڪ پيرو وري هو ٿڙندو ٿاٻڙجندو، ڪوڏر ڪلهن تي رکي، سندس گهر ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ لڳو. واٽ تي هو من ئي من ۾ سوچيندو رهيو تہ سپاٽي هو ٻيو ڪو ڪم هٿ ڪندو. سپاٽي کان هو مزور نہ سهي چور ٻڻجي ويندو. ٻي ڏينهن لاءِ انيڪ رٿائون رٿيندو رهيو — ٽوڙيندو رهيو — اندر ئي اندر اجڙندو ۽ جڙندو رهيو. زندگي هن لاءِ ڪائنات جو سڀ کان وڏو هاڃو بنجي وئي هئي. هو من ئي من ۾ ان هاڃي تي ماتم ڪندو پئي ويو. گهٽين ۾ رات جي گهور اونداهي پکڙيل هئي. هن جي اندر ٻاهر اونداهيون هيون. نور جو ڪو هڪڙو ترورو — ڪا هڪڙي چٽنگ — دور، هن کان گهڻو دور، هڪڙو پاڇولو وجي رهيو هو. بجليءَ جي شاڪ وانگر هڪڙو خيال هن جي ذهن جي سنسان ايوانن ۾ واسو ڪري ويو. جيڪر هو ڪوڏر جي هڪڙي ئي ڌڪ سان هن پاڇولي کي ختم ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ جي سوچ ڪيڏي خوبصورت هئي. هن پنهنجن خيالن ۾ جوٽس کي چلهہ تي ماني پچائيندي ڏٺو ۽ هوءَ مرڪي بہ رهي هئي. هن جا ٽئي پٽ پير ۾ ماني کائي رهيا هئا ۽ هڪٻئي سان شرارتون بہ ڪري رهيا هئا. هو مرڪي پيو — پر هن پاڇولي کي ختم ڪرڻ جو تصور ڪيڏو نہ پوائتو هو. هن تہ ڪڏهن چوري بہ ڪانہ ڪئي هئي، خون ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ ٻي لمحي هن جي ڪنن ۾ سندس ٻارن جون صدائون پڙلاءُ ٻڌجي گونجڻ لڳيون. هن جون وڪون تکيون ٿي ويون. گهٽيءَ ۾ گهور اونداهي هئي. ان اونداهيءَ ۾ هو تکيون وکون کڻي پاڇولي جي پويان هلڻ لڳو. هن جو ساهہ پرجي آيو ۽ هن جو من طوفان ۾ قاتل ڪک سمان ڏکي رهيو هو. هن جا هٿ ڪوڏر جي ڳن ۾ ائين ڪپي ويا، ڀانءِ ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿي سگهندا.

۽ پوءِ هو پاڇولي جي ويجهو اچي پهتو. هن اکيون پوري ڇڏيون ۽ ڪوڏر ڪٽي هٽي ڪديائين. هڪڙي دانهن چوڌاري پڙلاءُ ٻڌجي گونجي ۽ ٻڏي وئي (جڻ ڪجهہ بہ نہ ٿيو) اها دانهن شايد ڪنهن ٻار جي هئي، پر هن ۾ سگهہ ئي ڪانہ هئي نمي ڏسڻ جي. بس پل اپل

www.sindhsalamat.com

لاءِ هن جي اکين آڏو پنهنجن ٻارن جا چهرا ڦري ويا. سجو بت پگهر ۾ شم ٿي ويو هئس. هو ابتن پيرن قبرستان ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. هن جون ٽنگون ڏکي رهيون هيون. ائين ٿي پانيائين، ڄڻ هي پل هن جي زندگيءَ جو آخري پل هجي. پهريون ڀيرو هن کي موت کان ڊپ ٿيڻ لڳو. موت جيڪو ڪنهن بدروح سمان پنهنجا ڪارا وار پکيڙي پنهنجا ميرا ڏند ڪڍي ٺهڪ ڏيندو هن جي پويان پويان ڊوڙي رهيو هو. هن جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت ڄڻ برف وانگر ڄمندو ٿي ويو. ساهه جي تند – اجها ڪي اجها ٽٽي – هو قبرستان جي گيٽ وٽ پهتو. تڏهن هن ڪنڌ ورائي پويان نهاريو، پويان ڪجهه به نه هو. سنسان گهٽيون، سُتل انسان، رات جي گهور اونداهي ۽ هو هيڪلو. هن قبرستان جي نل تي رت هاڻي ڪوڏر کي ڌوئي صاف ڪيو ۽ نم جي وڻ هيٺ اکيون پوري ويهي رهيو. هن جي اندر ۾ طوفان متل هو پر هو سوچي رهيو هو بند اکين جي اندر ته صبح جو ماڻهو هن ٻار جو جنازو کڻي ايندا، هن کي قبر کوٽڻ جا ٽيهه روپيا ملندا ۽ سمورو هفتو ڪيڏو ٺاٺيڪو لنگهي ويندو. هن جا ٻار ڪيڏا نه خوش ٿيندا ۽ هو به ڪيڏي مانَ سان اوچو ڳاٽ ڪري اندر گهڙندو. هن جي زال به بادشاهه پير جي منائي ورهائيندي. هو پنهنجو ڏوهه ڪنهن کي به ڪونه ٻڌائيندو. پنهنجي زال کي به نه، جنهن کان هو ڪابه ڳالهه نه لڪائيندو هو. ڪنهن کي به خبر ڪانه پوندي.

پر انهن سمورين سوچن تي پوَ جون پاونائون ڳريون هيون. جي هو پڪڙجي پيو ته هن کي جنم ٽيپ ضرور ايندي. پوءِ هن جا ٻار ۽ زال بکون مرندا. هو هنن لاءِ جيل ۾ روئندو رهندو.

رات لنگهي وئي. ٻاک ڦٽي – نئون سج هن لاءِ اميدن جو نور پکيڙي ايريو. هن جون اکيون گيٽ جي هن پار نظر ايندڙ روڊ تي اٽڪيل هيون، جتان اهو جنازو اچڻو هو. ٻن پهرن ڌارين ماڻهو ڪلهي تي جنازو کڻي گيٽ اندر گهڙيا. سچ پچ ڪنهن ٻار جو ئي جنازو هو، پر ڪنهن جي اکين ۾ لڙڪ نه هو. ڪنهن جي به چهري تي پيڙائن جو هجوم نه هو. ڏک، جيڪو ڪنهن پياري جي وڇوڙي تي چهري تي واسو ڪري وجي، اهو ڏک ڪنهن به چهري تي نه هو. هو سڀ ائين آيا هئا، ڄڻ ڪو اهڙو فرض پورو ڪرڻ آيا هجن، جنهن ۾ هنن کي ڪابه دلچسپي نه هئي. هن به ڪوڏر ڪنئي ۽ قبر کوٽڻ لڳو. سندس هٿ ڏکي رهيا هئا. من ۾ واسو ڪيل پوءُ جا پاوَ ته ڪو سجاڳي نه وني. متان ٻار جو جنازو اٿي ويهي رهي ۽ چئي ڏي ته اجهو – هي آهي منهنجو خوني. پر ائين نه ٿيو. هو قبر کوٽيندو رهيو. تيستائين هنن سيني جنازي نماز پڙهي ۽ قبر جو انتظار ڪرڻ لڳا. هن محسوس ڪيو ته هو ڪجهه پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. هن ڪن ڏنا، پر آواز ڄڻ پريان ڪان اچي رهيا هئا. هو شايد چئي رهيا هئا ته: ”نجاڻ ڪهڙن اياڳن مائٽن جو ٻار آهي – ڪنهن جي هن ٻارڙي سان دشمني ٿي سگهي

www.sindhsalamat.com

تي – ڪير ظالم هو جنهن کي ڪن پل لاءِ بہ متس ڪهل نہ آئي. مائٽ ويچاري کي ڳوليندا هوندا – الائي ڪير آهي، ڪٿان جو آهي؟ هيڏي پچا ڪان پوءِ بہ ويچاري جا مائٽ نہ لڌا.“ پر هو انهن سيني ڳالهين کان اڻڄاڻ قبر کوٽيندو رهيو. قبر کوٽجي تيار ٿي تہ ماڻهن ٻانهن تي اڇي ڪفن ۾ ويڙهيل جنازو ڪنيو. هن تڏهن ڏٺو تہ ڪفن تي رت جا داغ هئا. الاءِ چو هن جون اکيون آليون ٿي ويون. جڏهن هو ٻار کي قبر ۾ رکڻ لڳا، تڏهن دل چيس ٻار جو مک ڏسڻ لاءِ. ماڻهن جي ڪلهن تان نمي هيٺ ڏسڻ لڳو - ۽ - پوءِ هو جڻ اونداهين ۾ ٻڏندو ويو. هن جي رت جي هر بوند ۾ اونداهيون ئي اونداهيون سمائجي ويون. موت جو زهر جهڙو ڪڙو ڪسارو ذائقو هن جي نڙيءَ ۾ چيڻ لڳو.

گهر ويندي، واٽ تي هو ڪيترا ڀيرا ٽريفڪ هيٺ ايندي بچيو. مٺ ۾ هئس ڏهن جا ٽي نوان نڪور ساوا نوٽ. پر ٻيو هٿ اڄ ڪوڏر کان خالي هئس. پر پوءِ بہ هو پنهنجو وجود بيحد ڀاري محسوس ڪري رهيو هو. جڏهن هو پنهنجي گهر واري گهٽيءَ ۾ گهڙيو تہ جوٽس ڪي در جي چائنٽ تي پنهنجي اوسيئڙي ۾ وينل ڏٺائين. هن جي اکين ۾ لڙڪ جهلمل ڪري رهيا هئا. هن کي ايندو ڏسي هوءَ اٿي بيهي رهي، پر هو ائين ئي ٽڙندو ٽاٻڙندو گهر اندر هليو آهي. هوءَ سندس پويان ذري گهٽ ڊوڙندي آئي ۽ هن جي اڳيان اچي سڏڪي پئي. ”منو رات کان تنهنجي پويان نڪتل آهي، مون تہ گهڻو جهليومانس پر هن مڃيو ئي نہ – چوڻ لڳو ڏسان تہ بابا کي پئسا مليا آهن يا نہ؟ تو وٽ پهتو ڪي نہ؟“

هو چپ موت وانگر.

”تون – تون ڳالهائين چو نٿو – ڳالهائين چو نٿو؟“

”تون روئين چو پيو – چو پيو روئين؟“

”تون ٻڌائين چو نٿو؟“ جوٽس پاڳلن وانگر رڙيون ڪرڻ لڳي. ٻئي ٻار اچرج وچان ماءُ پيءُ کي ڏسي رهيا هئا ۽ هو – اهڙي ڏوهاري وانگر ڪنڌ نوايو بيٺو هو، جنهن ۾ ڏوهہ مڃڻ جي سگهہ نہ هجي.

”منهنجو منو ڪٿي آهي؟“ جوٽس دانهن ڪئي.

ڪوبہ جواب ڏيڻ بدران هن پنهنجي مٺ مان ٽيهہ روپيہ ڪڍي جوٽس جي پکڙيل هٿ تي رکي ڇڏيا ۽ پنهنجي ننڍي پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳائي ٻارن وانگر سڏڪي پيو.

www.sindhsalamat.com

پن ڇڻ جي رُت ۾

سانجهيءَ ٽاڻي اولهه ۾ ٻڏندڙ سج – ٽپي هٽڻ کان اڳ چيو – ڪو آهي!! – جو منهنجي جڳهه والاري!! هڪڙي ننڍڙي ڏيئي ڪنڌ مٿي ڪڍي چيو – آئون ڪوشش ڪندس. (ٽيگور)

۽ گهور اونداهين ۾ (جڏهن اولهه جي پلاند ۾ سج ٻڏي چڪو هوندو آهي ۽ اونداهي وار کولي پرٿويءَ جي سيني تي رقص ڪندي آهي) اچانڪ منهنجو من پڪاريندو آهي – آئون ئي آهيان اُهو ڏيئو – سچ – آئون ڪوشش ڪندس سج جي جڳهه والارڻ جي – ۽ سج اُلهي ويندو آهي – پوڻ جي ڏکڻ – اڪٽ ڪنارن جي هُن پر.

پر – ائين پائيندو آهيان، جڻ ڪٿي به روشني ڪانهي – روشنيون سيئي پاڻيءَ جي ڪا تکي لهر اُجهائي وئي آهي.

اهڙي ڪا تکي لهر اسان جي مٿان کان به لنگهي آهي شايد – جو اسين سڀ اجهاڻا پيا آهيون من ئي من ۾.

جيل جي اوچين ديوارن ۾ قيد زندگيءَ جا پل – جيل کان ٻاهر ڇا آزاد هوندا آهن!!؟ – سينٽرل جيل جي ديوارن ۾ ڀٽڪندي منهنجو من زندگيءَ جو سمورو فلسفو سوچيندو آهي. هڪ لڱان تو چيو هو: "توکي پلا ڪهڙي سُڌ ته ماڻهو جيل کان ٻاهر به پير ڪڙيون پائي هلندا آهن يا هلايا ويندا آهن" ڇڻ – ڇڻ جو ڇڻڪو آهي، جنهن جو پڙلاءُ تو ڪنن ۾ ٻُري. آزادي ته آتما جي ٿيندي آهي پر حسين! منهنجي آتما ته تو ساڻ سينٽرل جيل جي سي ڪلاس جي تاريڪ ڪوليءَ ۾ ٿي قيد بامشقت ڀوڳي.

پل – لنگهي ويا آهن – پوءِ ڇا آهي جو پاڻيءَ جي بوند جيان پنبڻن ۾ اٽڪيو پيو هوندو آهي – لڙڪ!!!؟

هر ساروڻي پنهنجي اندر بي انت سمنڊ آهي – ۽ ڪنهن به ساروڻيءَ جو ڪوبه سرو ڪونهي.

گناهگارن جي قطار آهي صليبن جي سامهون

تون ۽ آئون

www.sindhsalamat.com

پنهنجي واري جي اوسيئڙي ۾ جڳن ڪنا بيٺا آهيون.

سياري جا بيحد سرد ڏينهن هئا اهي. سگريءَ ۾ برنڊڙ اڱرن تي هٿ سيڪيندي توکي چيو هئم، بي حد اُداس من سان – سونا! – هي موجود پريم پل ڇا ڪنهن دکدائڪ وڇوڙي جي ابتدا آهي – ڪير ڄاڻي ته ڪيترين وکون اسين هلي سگهنداسون، ساڻ – ساڻ!!؟؟

موت ۾ تو دريءَ کان ٻاهر جهومندڙ اوچن وڻن ۾ اکيون کپائي ڇڏيون هيون. چيو هيئي، وڇوڙي جي دکدائڪ سفر ۾ (تون نه هوندين جيڪڏهن مون ساڻ) ته آئون تنهنجي پيرن جا نشان ڪٽي هلندس. حسين! ماڻهو ته بس ساروڻن جي آسانگي تي جيئندو آهي نه ته من ۾ سانڍي رکڻ لاءِ هن پريءَ پونءِ تي بيو آهي ئي ڇا؟

۽ - هاڻ بي انت تنهائين ۾ گهيرجي سوچيندو آهيان – تو سچ چيو هو سونا – زندگيءَ جو فلسفو ته بس پويان رهجي ويل پيرن جي نشانن ۾ ئي آهي.

پيرن جا اهي نشان (اکيون پوريان ته) دل ڌرتيءَ جي چوڌسائن ۾ ڦهليل نظر ايندا اٿم.

سوچيندو آهيان – آئون جو سالن کان سي ڪلاس جي تاريڪ ڪوليءَ ۾ قيد بامشقت ڀوڳيان تو (جڻ – قبر ۾ مئو پيو آهيان ۽ منهنجو ماس پگهرجي چڪو آهي ۽ منهنجا هڏ ڌرتيءَ جا ڪيڙا هوريان – هوريان ٽڪي رهيا آهن) ڇا آئون زنده آهيان – جيل جي اوچين ديوارن کان ٻاهر ڦهليل چوڌسائن ۾ زندگيءَ جا هنگاما – ڇا ڪوبہ حق ناهي منهنجو انهن تي!!

ڏُکيا – سنسان رستا، نيڻ نهار تائين ڦهليل ۽ ڪنارن تي بيٺل اگهاڙا وڻ - ۽ روڊ جي ويڪري ڇاتيءَ تي رهجي ويل اسان جن پيرن جا نشان ۽ وڻن جي ٽڙن تي رهجي ويل اسان جين گرم آڱرين جو نرمل – ڪومل ڇهاءُ – ائين ئي روڊ جي ڪنارن تي اسان هلندا رهيا هئاسون – پيرن هيٺ پيلا پن چيپاٽجندا رهيا هئا.

هڪ اونداهي رات آئون وجنڊڙ سيٽين پويان ڊوڙندڙ پوليس جي ڀاري بوٽن جي شور ۾ پڄي نڪتو هئس جيل مان. جيل جي گيٽ تي زندگي مون لاءِ ٻانهون ڦهلايو بيٺِي هئي. اونداهيءَ ۾ ٻڏل پونءِ جي ڪنارن تان روشنيءَ جي اڻ چٽي ليڪ اُڀري آئي هئي.

آئون شهر جي گلين ۾، رستن تي، ديوارن جي پاڇولن ۾ ڪيئي ڪلاڪ لڪندو رهيو هئس. ٻاڪ ڦٽيءَ جي پهرئين پل – ڪنهن گهر جي سرخ ديوار جي پاڇولي ۾ ويهي مون سوچيو هو – سونا!! مون چيو هو نه ته مون ۾ بي پناهه شڪتي آهي تو تائين رسڻ جي – آئون پير ڪڙين سوڙو صدين تائين زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڊوڙي سگهان ٿو.

سي ڪلاڪ جي تاريڪ ڪوليءَ ۾ آئون زنده رهان ها سونا، جيڪڏهن ٻاهر جي دنيا ناس ٿي وڃي ها. ٻاهر جي دنيا جا سيپيئي رنگ منهنجي ڪوليءَ جي ڳڙڪيءَ مان ليئو پائي سرگوشين ۾ چوندا هئا – اڄ – هڪ ٻي جي مضبوط ٻانهن ۾ رقص ڪريون - ۽ - آئون

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي ٻانهن ۾ رقص ڪرڻ لاءِ جيل جي بند لوهي دروازن مان پير ڪڍيون چني پچي نڪتو آهيان.

نما شام جي اجهامندڙ لمحن ۾.

پنهنجي گهر جو بند دروازو کڙڪايو هئم. زندگيءَ ۾ ڪو پل اهڙو به ايندو آهي – جڏهن اسين پنهنجي ئي گهر جي بند دروازي جي چائنٽ تي ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جيان بيٺا هوندا آهيون. بند دروازي جي چائنٽ تي وچڙيل دليون ڌڙڪنديون آهن ۽ منهنجو من ڌڙڪندو رهيو هو – بند دروازي جي چائنٽ تي.

ڪائنات جو سڀ ڪان دکدائڪ الميو آهي اهو. آئون ڌڙڪندڙ من سان دروازي تان موٽي آيو هئس. آئون چپ چاپ ڪنهن هاراڃل جواريءَ سمان وٽن هينان هلندو رهيو هئس ۽ چٽيل پيلا پن منهنجن پيرن هيٺ ايندا رهيا هئا.

مون سوچيو هو – آئون زندگيءَ جي سيني تي بيهي آزاديءَ جا چپ چمندس پر – زندگيءَ جا چپ ڪومائجي ويا آهن.

ڏامر جي ڊگهي ڪاري روڊ جي ڪناري تي – ڪٿي تنهنجو گهر به آهي – انهيءَ شهر جي هڪ گليءَ ۾ منهنجو گهر به آهي.

هر گهر جو دروازو بند آهي.

۽ آئون – جڻ – مسلسل پٽڪان پيو انهن بند دروازن اڳيان.

امان چوندي هئم – ڳهلا! توکي ڪهڙي سُڌ ته ماءُ ڪيترا خواب ڏسندي آهي پٽ لاءِ. تون ته جيڪر ڪنهن هڪ خواب جو به حساب نه چڪائي سگهين. سوچيندو آهيان – ماڻهو پنهنجا خواب من ۾ ته سانڍي رکي سگهي ٿو پر جي خوابن ۾ ليڪو ويهي ڪري – ته چا ماڻهوءَ جو اندر ناس نه ٿي ويندو!!! پر – امي اها ڳالهه ڪڏهن سمجهي ئي نه سگهي. امي چوندي هئي ته بس اهو – لوڪ سڀجي جا پٽ ته ڏس – ڪيڏا وڏا آفيسر بڻجي ويا آهن – بس هڪڙو تون ئي آهين، جنهن کان ڪجهه به نٿو ٿئي – چو تو حڪومت جي دشمني ڪٽين – چو تو جلسا جلوس ڪيين جو پوليس پل لاءِ به نٿي جيئڻ ڏي توکي ۽ اسان کي – چو نٿو حڪومت کان معافي وٺين – ڪيسين تائين اسين ٻڪ مرنداسون ۽ پيڻ تنهنجي ڪنواري ويٺي هوندي؟

آئون چپ چاپ ڪٽ تي اکيون پوريو پيو هوندو هئس. سوچيندو هئس- ۽- منهنجن خوابن جا ڪٽ ڪير لڳائيندو!! اُهو سچ، جيڪو آئون ڌرتيءَ جي ڪنارن تان اُڀرندو ٿو ڏسان – چا اُنهيءَ کي ياڪر پائڻ لاءِ آئون ٻانهون به نه پکيڙيان!! امان – نجاڻ چا سوچي منهنجو نانءُ حسين رکيو هو. پر – منهنجي اندر ۾ هرپل ڪا جوالا ٿي دکي اڄ به. منهنجو من سنڌ جي ٻيرانن کان – ڪربلا جي بند دروازي تائين پيو پٽڪندو آهي اڄ به. چا اها سچ

www.sindhsalamat.com

جي پل صراط آهي؟ امان روئي پوندي هئي - ۽ - آئون پٽائيءَ جو هڪ بيت هوءِ جو سندس هر لڙڪ ۽ هر سڏڪي جي موٽ ۾ ڪيس ٻڌائيندو هئس. هوءَ ڪن لاءِ اکيون پوري ٻڌيندي هئي. (سورهه مرين سوپ ڪي — تہ دل جا وهم وسار — هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين آڏي ڀالَ مَ ڊار — مٿان تيغ ترار — مار تہ متارو ٿئين)

امان ڪي تہ سمجهائي بہ نہ سگهيو هئس — تہ وقت ڪنهن ڀيانڪ ديوَ جيان اسان جي مٿان اڏول ٿيو بيٺو آهي ۽ ڏرتي ڪنهن وڇڙيل محبوبا جيان اسان جي پيرن ڪي ڇهٽي پئي آهي ۽ خواب اسان جي اندر جو سفر آهن - ۽ منهنجو من انهيءَ وڇڙيل محبوبا جي سيني ۾ ڌڙڪي ٿو ۽ مون ڪي سڀ ڪان پهرين انهيءَ موتيءَ جهڙي من جو پرم رڪٽو آهي.

جنهن رات ڪنهن جلسي يا جلوس مان موٽندو هئس — امان مون سان نہ ڳالهائيندي هئي. ڀيڻ جي اکين ۾ جڳن جا رُساما پرجي ايندا هئا ۽ آئون سڄي رات جاڳي گذاريندو هئس. صبح جو پوليس در کڙڪائيندي هئي.

آئون چپ چاپ هليو ويندو هئس.

پلا — آخر انهيءَ سموري ويڙهه جو سلو ڇا آهي!!! بظاهر زندگيءَ جا هنگاما جاري رهندا آهن. لوڪ ڪي سُڌ ئي نہ پوندي آهي تہ پونءِ جي انهيءَ ساڳيءَ ڇاتيءَ تي سچ جي چٽي ويڙهه چڙيل آهي ۽ انهيءَ ويڙهه ۾ چپ چاپ، بنا ڪنهن هٿيار ۽ فوج جي وڙهڻ وارا مارجي ويندا آهن، ڪنهن مختصر پل ۾. ڪو سونو پلو نہ ملندو آهي انهن جي پوين ڪي، ۽ ڪٿي اڇڻ وارن ڪي ڪو گلن جا هار پارائڻ وارو نہ هوندو آهي.

انهيءَ چٽي ويڙهه ۾ - آئون زمانن ڪان وڙهان پيو — پر ڇا منهنجي هر پل جو عذاب — منهنجي پوين لاءِ سونو پلو نہ هوندو!!؟

ٻن ڏينهن جي زندگي.

ٻن ڏينهن جو ميڙو آهي - ۽ - مون ڪي انهيءَ متل ميڙي مان اٿاري تاريڪ ڪوليءَ ۾ پوريو ويو آهي. شايد تاريخ ۾ نہ لڪجي، پر اهو ڪائنات جو سڀ ڪان وڏو الميو آهي.

منهنجي ڪوليءَ جي آس پاس انيڪ ڪوليون آهن. زندگيءَ ڪان ڪٽيل جيئرن جاڳندن انسانن جو انبوهه آهي. سالن جو قيد — جنم قيد ۽ ڦاسيءَ جو ڀيانڪ اوسيئڙو آهي. پرواري ڪوليءَ ۾ نجاڻ ڪهڙو ڏهي آهي جو ڦاسيءَ جو ايذائيندڙ اوسيئڙو ٿو ڪري. اونداهيون ڦهلبيون آهن، تہ سيئي قيدي ٻانهن ۾ مُڪ لڪائي، سمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن (جيتوڻيڪ اندر ۾ اوجاڳا هوندا آهن) تڏهن اهو ڦاسيءَ جو قيدي اوچن سُرن ۾ ڳائيندو آهي — دڪ جا گيت. پيڙا جو پڙلاءُ هوندو آهي جو تاريڪ ڪولين ۾ رقص ڪندو آهي. هن جو جسم ڦاسيءَ جي تختي تي ختم ٿي ويندو آهي. هن جو آواز سندس خالي ڪوليءَ ۾ رهجي ويندو آهي. ڳائيندي ڳائيندي هن جو آواز سڏڪن ۽ اوچنگارن ۾ لڙهي ويندو آهي. سڏ

www.sindhsalamat.com

ڪري پڇندا آهيونس – ڪيئن آهين يائو!؟ ڪن لاءِ چپ ٿي ويندو آهي. ڪن ڪان پوءِ بيت ڏيندو آهي انيڪ سڏڪن جي وچ ۾ - لڳي لڳي واءُ – ويا انگڙا لتجي – پيئي ڪٽي پساهه – پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي - ۽ پوءِ سندس آواز ٻيهر سڏڪن ۾ گهٽجي ويندو آهي - ۽ آئون بيحد اُداس من سان – اڪيون پوري، من ئي من ۾ پيو پڙڪندو آهيان. پيئي ڪٽي پساهه – پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي – پئي – ڪٽي – پساهه – پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي – پئي – ڪٽي – پساهه – پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

تنهن پل تون مون کي شدت سان ياد ايندي آهين سونا – توکي پسڻ لاءِ – وڇڙيل محبوبا جهڙي ڌرتيءَ جي پيشانيءَ تي ايرنڊڙ نئون صبح پسڻ لاءِ – سپنن جي ساپيان پسڻ لاءِ – آئون بہ هوريان هوريان پساهه ڪٽان ٿو.

دردَ جي انهن ئي ڏکي ڪنڌڙ احساسن کان گهبرائجي آئون رات جي گهور اونداهين ۾ جيل مان ڀڄو هئس.

منهنجي گهر جي دروازي تي قلف چڙهيل هو. آئون بند دروازي تان موٽي آيو هئس.

انهيءَ شام ٻاهر برسات ٿي پئي – مون فون تي توکي چيو هو – آئون جيل مان ڀڄي آيو آهيان سونا – زندگيءَ جاه ڌرتيءَ جا ۽ تنهنجا چپ چمڻ لاءِ – برسات جي ڀنل رت ۾ هوٽل جي اونداهين ڪنڊ ۾ - ڪن لاءِ تو مون کي سڃاتو ئي نہ هو.

ڪيڏو بدلجي ويو آهين!!

مفرور قيدي آهيان، پوليس منهنجي پويان آهي. ڌرتي ڪنهن وڇڙيل محبوبا جيان منهنجي پيرن کي ڇهتي پئي آهي - ۽ - صرف هڪ ڀيرو – تنهنجا چپ چمڻ ٿو چاهيان سونا!؟

- تنهنجين اکين ۾ جيڪي بہ طوفان هئا انهيءَ پل – منهنجو من اڄ بہ انهيءَ ۾ لڙهي ٿو – چيم – آئون زندگيءَ جي بند دروازي تي بيٺو آهيان – هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ سونا – ڪيترين صديون منهنجو اوسيئڙو ڪندينءَ؟؟ چئو سونا. تنهنجا هٿ پڪڙي ورتا هئم. تنهنجا هٿ برف جيان سرد هئا. تنهنجي ڪرائيءَ ۾ پيل سونيون چوڙيون جرڪنديون رهيون.

ڪيئي پل ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو هوسين. آئون ڳڙڪيءَ کان ٻاهر ڏسندو رهيس. روڊ برسات جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏي چڪو هو. وڻن جا پيلا پن پاڻيءَ ۾ تري رهيا هئا. هوٽل کان ٻاهر پوليس جي پريل ٽرڪ بيٺي هئي.

سونا!!

چئو –

www.sindhsalamat.com

آخري پيرو (۽ پهريون پيرو) تنهنجا چپ ٿو چمڻ چاهيان. ٻاهر پوليس بيٺي آهي – اوسيئڙي جي ٻي انت سلسلي ۾ مون کي نہ وسارجانءِ – آئون جيل جي ڪوليءَ ۾ تنهنجا سپنا ڏسندس – پر جي سونا – تون منهنجو اوسيئڙو ڪرڻ جو سوڳند ڏئين – آئون هن پل ٻہ پوليس جي اکين کان گم ٿي سگهان ٿو.

تو – دريءَ کان ٻاهر بيٺل پوليس جي ٽرڪ دونهاٽيل اکين سان ڏٺي.

منهنجي آتما تنهنجو اوسيئڙو ڪندي حسين! منهنجو تن ڪنهن ٻئي جو ٿي چڪو آهي. تو پرجي آيل اکيون پوري چڙهيون هيون – آئون چپ چاپ اُٿي آيو هئس. سوچيو هئم.

سونا!! لمحن جي انهيءَ سفر ۾ اسان جا وجود پاڇولا آهن جڻ – اونداهين مان لنگهندا آهيون تہ گم ٿي ويندا آهيون جڻ – پر – جا اندر جي روشنيءَ کي ٻہ اُجهائي ڇڏجي – اسين تہ هلندا آهيون اندر جي ميرانجهڙيءَ روشنيءَ جي آسانگي تي – رت ۾ ست ڏيئي ٻاريو آهي اندر جي روشنيءَ جو اهو پتڪڙو ڏيئو.

سونا – زندگي اسان کي جنم ڏئي وساري چڪي آهي. اُنهيءَ کي هاڻ کهڙي سڌ تہ اسين انهيءَ جي چاتيءَ تي اُگهاڙن پيرن سان پٿڪون پيا. آئون اُنهيءَ بي وفا زندگيءَ جي پيرن ۾ زندگي تو وجهڻ چاهيان. سونا – آئون جيل جي اوچن ڪوٺن ۾ فنا ٿي ويندس – يا – ڦاسيءَ جي تختي تي منهنجو لاش لٽڪندو رهندو – پر هڪ پل جي آس تي آئون هن دکدائڪ لمحي ۾ ٻہ جيئان ٿو – ڪو اهڙو پل ايندو جڏهن زندگي منهنجا اگهاڙا پير اچي چمندي.

روڊ تي برسات جو پاڻي بيٺو هو. وڻن تان ڇٽيل پيلا پن بيٺل پاڻيءَ ۾ تري رهيا هئا. برسات جون هلڪيون هلڪيون بوندون هوٽل جي شيشن تان ترڪنديون ٿي ويون. ٻاهر ماڻهو پتلونن جا پانچا مٿي ڪنيو بيٺل پاڻيءَ مان لنگهي رهيا هئا. هوٽل جي دروازي تي پوليس جي پريل ٽرڪ بيٺي هئي. بندوقن جا رخ هوٽل جي دروازي ڏانهن هئا ۽ وڻن جا عڪس پاڻيءَ ۾ ويا ٿي تهائين ڏکيا ٿيندا.

مون هيڪر وري، ڪنڌ ورائي ڏٺو هو تو ڏانهن. تون چپ چاپ ڳڙڪيءَ کان ٻاهر دونهاٽيل اکين سان ڏسندي رهي هئينءَ. تنهنجيءَ ڪرائيءَ ۾ انيڪ سونيون چوڙيون، نئين نڪور سج جيان جرڪنديون رهيون هيون.

آئون بيحد اُداس من سان ٻاهر نڪري آيو هئس. منهنجو چهرو ٻہ برسات جي بوندن ۾ پيجڻ لڳو هو ۽ بندوقن جو رخ مون ڏانهن ٿي ويو هو.

- ٽرڪ پاڻيءَ مان پريل رستن تي ڊوڙندي رهي هئي.
- هوءَ چپ چاپ اُٿي هئي ڪرسيءَ تان.

www.sindhsalamat.com

لان ۾ بينل وڻن تان پن ڇڻي رهيا هئا. گيٽ کان ورانڊي جي ڏاڪڻن تائين رکيل ڳاڙهين سرن تان هلندي ائين پانيو هئائين جڻ سندس پيرن جي آڱرين مان ساهه نڪرندو ٿو وڃي. بدن تي ويڙهيل آلي ساڙهيءَ ۾ سندس لڱ هوريان هوريان ڏڪندا رهيا. ٿڪل ذهن ۽ وجود سان هوءَ ورانڊي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. نيساري مان اڃا تائين پاڻي وهي رهيو هو. اندر فون جي رنگ مسلسل وڄندي رهي. اونداهي هوريان هوريان پکڙجندي رهي. گيٽ وٽ وينل ٻليءَ حيرانيءَ منجهان اکيون مڇڪائي هن کي ڏٺو - ۽ - برسات جو بينل پاڻي پيئڻ لڳي.

هڪ پيرو — هن حسين کان پڇيو هو — اسان نہ هونداسين حسين! تڏهن ڇا هوندو!! ڇا سڀ ڪجهہ ائين ئي هوندو، جيئن هاڻ آهي!!! ماڻهوءَ جي وڃڻ سان هن ڪائنات ۾ ڪا تبديلي ڇو نہ ايندي آهي حسين!!.

هن لمحي هوءَ دل دريا جي ڪناري تنها — ويٺي هئي. اڃا جُڳ نہ لنگهيا هئا، جُڳ نہ لنگهيا هئا اڃا.

اونداهي ڦهلبي رهي — هيڪر وري برسات پوڻ لڳي — گيٽ تي وينل ٻلي ڏاڪڻ تي اچي ويٺي هئي — اکين ۾ آيل لڙڪن تي هن ساڙهيءَ جو پلاند رکي ڇڏيو هو ۽ ٻلي حيرانيءَ منجهان اکيون مڇڪائي ڏسندي رهي هن کي — ٻاهر دنيا پنهنجن هنگامن سميت سجاڳ هئي.

www.sindhsalamat.com

منهنجي زندگيءَ جو جنم قيد

گذريل انيڪ راتين کان مان ستي ئي ڪين آهيان ۽ گذريل انهن انيڪ راتين ۾ بس هڪ ئي سپنو ڏٺو اٿم. ماڻهو ماڻهوءَ کي کهي رهيو آهي ۽ دنيا ۾ جيترا بہ ماڻهو آهن (مون کان سواءِ) انهن جي کلهن تي ڪنڌ ناهن ۽ سيني ۾ من نٿو ڌڙڪين. پٽرن جا ٽڪر سينن منجهہ دفن آهن، جي ڌڙڪن ئي ڪين ٿا. هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي قبر آهي، جنهن منجهہ هر پل ماڻهو پنهنجي اندر جا احساس – ساروڻيون – ڏک ۽ سک دفنائيندو رهي ٿو ۽ تڏهن بہ قبر جو پيٽ پرجي ئي نٿو.

ءَ - هيءَ جا حياتيءَ جي پلصراط آهي.
سا – ڪير اُڪري پار پوندو!
هر ماڻهوءَ جا پير وڍيا پيا آهن.
ءَ - هر اڪ ۾ واري تي اُڏامي.
اي درد جي شهر جا واسيو!
اڪيون ڪوليو ۽ صبح ٿيڻ وارو آهي. – اُٿو - اُ – ٿ – و – هڪ ٻي جا چپ چمو. سج تو اُڀري اوهان جي من اڱڻ تي. جو نٿا ڪنن منجهان آڱريون ڪڍو - ۽ ڪپيل جيٻ جو نٿا ترڀءَ تي سجائي رکو – اڪيون ڪوليو.
هائي –
ڪيڏي آهي
اونداهي –
جانان – جا – نا – ن – ج – ا – ن – جانان.

برهہ جا ڪيس بدنام الا – الا – نينهن رکايم نالا نرالا – برهہ ڪيس بدنام الا – الا –
(سعيد تڪڙائي)

من اندر ۾ رهجي ويل ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن کي ڪوبہ پڙلاءُ ڪونهي – چپن تي لڳل لپ اسٽڪ ۾ دفن – جُڳن ڪنان.

www.sindhsalamat.com

۽ ڊائرين جا سيئي پنا – خالي – خالي

لمحا لنگهي ويندا آهن، هوريان – هوريان

هر لمحي ڪي پنهنجو عذاب آهي.

گذريل انيڪ سالن ڪان مون ڊائري ڪانهي لکي. لکڻ لاءِ آهي ئي ڇا!! ڪو راز، راز ئي نه رهيو – مون تي ڪنيل آگرين جي جلوس منجهان، اُگهاڙن پيرن لنگهي اچڻ ڪان پوءِ – مون ته پاڻ ڪي ڪنهن هڪڙي لڙڪ جو به اڌيڪار ناهي ڏنو.

سنگسار جا سيئي پٿر

ميڙي سيڙي

سيرانديءَ رکيا اٿم

۽

هر پٿر رات جو سمهڻ سمي اچي من ۾ ڏڙڪندو اٿم – انيڪ ڳالهيون،

پٿر چوندا اٿم.

او – تون جو تي سڙين – ڪامين – لوڪ ته انڌو آهي (جو اسان ڪي توتي ٿو اُڇلي ۽ انهن ڪي ڪانهي سُڌ ته تون انهن جي بند اکين ڀاهران چپ چپات بيٺل صبح آهين – او.

لوڪ ڪي معاف ڪرڻ وارن جو نانءُ عيسيٰ هوندو آهي – مريم هوندو آهي.

تون مريم آهين نه!. (۽ - منهنجو عيسيٰ جُڳ اڳ صليب چڙهي چڪو) (مس مريم حسين – جلا وطن)

منهنجي اندر جي اداس عورت جو نانءُ آهي – م – ر – ي – م.

منهنجي ڊائرين جي خالي پنن ۾ رکيل پوپٽن جا پر ۽ تارين تان ڇٽيل – پيلا سُڪل پن هاڻي ته پُرندا ٿا وڃن. اڄ ته سپنا ورهائي ڪٽون. هر اهو سپنو، دک جنهن جي پڄاڻي آهي، اهو آهي ئي مون ڪاڻ. ۽ هر اهو سپنو، جنهن جي پڄاڻي سک آهي، سو تو ڪاڻ تي سانڍي رکان ۽ تون ٻانهن ورائي ڀاڪر پائين ئي ڪين تو. آئون جڳن ڪنان جاڳندي تي اڃان ۽ رات آهي جا ڪٽي ئي ڪين ٿي. ڪيترا جيئرا لاش ڦان تيا پيا آهن، ڪنهن صبح جي آس من ۾ پالي ۽ صبح جي اداس من ۾ جڳن جا رُساما آهن. ڳڙڪيءَ مان ليئو پائي صبح چوندو آهي – او – لوڪ ته انڌو آهي – آئون ايندو به آهيان ته اکيون ناهي پٽيندو – لوڪ جي اکين ۾ ته واري تي اُڏامي ۽ آئون بند اکين جي ڀاهران لنگهي ويندو آهيان، چپ چپات - ۽ - او – جانان! اڄ هڪ ٻي جا چپ چمون (ڪائنات فنا آهي) ان ڪان اڳ جو قيامت اچي وڃي – هڪ ٻي جي اکين ۾ ليئو پائي ڏسندا ئي رهون (اکيون آهن يا درد جو صحرا).

www.sindhsalamat.com

هڪ ئي بستري تي ڦان تي پيل تون ۽ آئون لاش آهيون ڄڻ. ڪيترا ڏک تنهنجي اندر ٽا ڪامن ۽ ڪيترا الميا منهنجي اندر لوڪ دفنائي ويو آهي. تون ۽ آئون به الڳ الڳ قبرستان آهيون ڄڻ. (منهنجي اندر جي قبرستان جي ڪنهن به قبر تي سڃاڻپ جو ڪوئي نشان ڪونهي ۽ هر ٻي ناڻُ تربت اندر آئون دفن آهيان) اندر ئي اندر مرندي تي وڃان. جيئڻ تي چاهيان پر ڪهڙو ڪارڻ آهي مون وٽ/لوڪ وٽ جيئڻ جو؟. منهنجي تن تي ڦهلجندڙ تنهنجين آڱرين جو ڇهاءُ ۽ منهنجو اهو ئي آهي نئون جنم. ڪير ڄاڻي انهيءَ ڪان پوءِ موت جا ڪيترا سلسلا – ڦهليا پيا آهن!؟.

جانان! جا –

درد جي انهيءَ اڪت سلسلي ۾، هڪڙو سپنو – منهنجي ٻالڪپڻي جو. جنم – جنم ڪان سيني ۾ ڏڙڪندو – هڪڙو ننڍڙو گهروندو. (گهرن ۾ رهندي به ڪيترا ماڻهو بي گهر هوندا آهن – هن شهر جي ڪنهن به ڳليءَ ۾ منهنجو گهر ڪونهي ۽ هن شهر جي هر ڳليءَ ۾ پتڪي ٿو منهنجو من) ماڻهو ته فوٽ پاٿ تي به پيا هوندا آهن ۽ ماڻهو ته جيل جي ڪولين ۾ به پيا پراڻي ڪپڙي جيان سڙندا آهن. اصل ۾ ڪنهن جو به گهر ڪونهي – ڪٿي به پناهگاهه ڪانهي.

او – خدا

ڪٿي آهي

منهنجي پناهگاهه

۽ لوڪ پٽر ڪنيو ٿو منهنجي پويان اچي

لوڪو!

لو – ڪو –

ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڪهي ٿو ۽ گهرن جا دروازا بند ڪري ڇڏيو.

الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،

مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

۽ - اجوڪو سچ به اُلهي چڪو آهي – تون ۽ آئون هڪ ٻي جا چپ نه چمي سگهيا آهيون او – سپنا!

تون منهنجن نيڻن جي ڪنارن تي بينو آهين – آدڄڳاد ڪان.

۽ مون پنهنجن نيڻن ۾ واري پري ڇڏي آهي – او – سپنا! ٻاهر بادل پرجي آيا آهن ۽ جُڳ لنگهيا جو منهنجن سڪل نوٽ نيڻن منجهه برسات پئي ئي ڪانهي. روئڻ جو جڏهن به ڪو پل آيو ۽ آئون پنڊ پهڻ ٻڻجي ويس. لوڪ سمجهيو ته ڪو الميو ٿيو ئي ڪونهي ۽ ائين ڪيترا الميا آيا – چپ چاپ لنگهي ويا – ڪنهن کي ڪل ئي ڪانه پئي.

www.sindhsalamat.com

جانان!

۽ - اسان جون سوچون صليب چڙهي چڪيون

زندگي هئي جا شهر بدر ٿي چڪي

ديس جا سيئي خوبصورت دلين وارا شهزادا ۽ اداس شهزاديون پيرَ ڪڙيون پارائي – چؤ ڪنيا ٻڌا ويا آهن.

۽ هاڻ ڪير رهيو آهي باقي – جو تو لاءِ جيئندو.

شهر جي گِلين ۾ رقص ڪندو ۽ تنهنجا چپ چمندو.

۽ - لوڪ ته سارو مئو پيو آهي.

گهڻا سال اڳ،

تارين تان ڇٽيل پيلا پن برسات جي بينل پاڻيءَ ۾ ترندا ٿي ويا. آڪاس تي ڦهليل بادلن جي هجوم هيٺ بيهي گيلري ۾ مون ڪمل جو آخري خط پڙهيو هو.

ڪمل لکيو هو - ۽ هديٰ! هي منهنجو آخري خط آهي تو ڏانهن، (زندگيءَ جي نانءُ). جياپي جي سگهه پاڻ ۾ ڪني ڪندي، اوچتو انڪشاف ٿيندو آهي ته موت اسان جو پيڇو تو ڪري. اهو ڪهڙو الميو آهي جو وصل جي لمحن ۾ به انسان وڇوڙي جو عذاب سهندو آهي. جيئندا آهيون پر اندر ئي اندر پيا مرندا آهيون. ماڻهو ايڏي قرب مان جيئي ٿو. ايڏيءَ سچائيءَ سان موت جو اوسيئڙو ڪري ٿو. هديٰ! وقت منهنجن اچن وارن منجهان هوريان هوريان بي آواز لنگهي ويندو، تڏهن به لڳندو اٿم ته وقت ڪي پنهنجو آواز آهي. جڻ هوريان هوريان ڪنن ۾ سرباٽ ڪندو هجي. ڪمل – آئون وڃان پيو – وڃان پيو آئون تنهنجن اچن وارن منجهان لنگهندو. ۽ آئون منيون پيڙي جهلٽي چاهيندي آهيانس. هوريان هوريان، ڪيئي پل لنگهڻ کان پوءِ منيون ڪوليندي آهيان ته خالي هونديون آهن. تو ڪڏهن سوچيو هديٰ! ڪهڙا ڪهڙا لمحا لنگهي ويا آهن، اسان جين بند منين منجهان. جن جون ريکائون ڪڏهن به مِٽجي نه سگهيون آهن هٿ تريءَ تان. لوڪ ڀاڳ جا ليکا چوندو آهي انهن کي. ائين هجي ها جيڪر ته اسان بليڊ سان هٿ تريءَ جون ريکائون پنهنجي سپنن جي حساب سان ڍاهي نه بيهر ناهي سگهون ها. دک جون ريکائون ڍاهي ڇڏيون ها ۽ سک جون ريکائون رهڻ ڏيون ها. الميو اهو آهي ته زندگي اسان جي آهي پر اسان کي ان تي ڪوبه اختيار ڪونهي ڪو. بس دک جي انهيءَ موڙ تي اچي ماڻهو نه چاهيندي به آپگهات ڪندو آهي ۽ منهنجيءَ ٽيبل تي هن پل ننڍ جون گوريون رکيون آهن. ڪم از ڪم آپگهات ڪرڻ جو اڌيڪار ته اسان کي هئڻ گهرجي نه – هديٰ – ٻاهر رات پر ڦهلايو بيٺي آهي. دريءَ تي رکيل مني پلانٽ جي ول – شيلف ۾ رکيل ڪتاب – ڀت تي ٽنگيل ڪتريءَ جو چترَ - ۽

www.sindhsalamat.com

ٽيبل تي رکيل منهنجي تصوير – سڀ ڪجهه ائين ئي رکيو رهندو – ٽريجدي اها آهي ته ماڻهو مري ويندو آهي – پر هن جي استعمال جون بي جان شيون رهجي وينديون آهن جڳن تائين لاءِ-

تنهنجي ڪمل (– 77-6-2)

ڪمل!

هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙو ڪعبو هوندو آهي. ڪنهن جي ڪعبي تي طواف ڪرڻ وارن جي رش لڳندي آهي ۽ ڪنهن جو ڪعبو اڃا ئي سنسان رهندو آهي ۽ - مون کي ته بس اوسيئڙو ئي رهيو، ڪنهن عبادت گذار جو، جيڪو منهنجي ڪعبي کي جيسين تائين جيئي – طواف ڪندو رهي، من جي سمورين سچائين سان - ۽ هي آخري زمانو آهي ڪمل! ماڻهن جي دلين مان عبادتن جي سچي لڳن ختم ٿيندي تي وڃي ۽ هاڻ من اندر جا ڪعبا اڃا ئي سنسان رهندا.

۽ - درد آهي سو وڃي ٿو وڌندو.

برسات جي پنل رُت.

روڊ تي هلندڙ ۽ پاڇولا. د – و – ر – سانجهي ٻانگ جو پڙلاءُ. ٻنهي جا من اُداس آهن ۽ ٻنهي جي اکين ۾ واري تي اُڏامي. وڇوڙو آهي جو سندن پيڇو ٿو ڪري. عورت جي من منجهه جڳن جو عذاب آهي.

ڇا ٿي سوچين!؟.

سوچيان ٿي – ڇا وڇوڙي جي انهيءَ پل کي يوڳن لاءِ ڪٿي هئي سين صدين جي پريت!!؟ پر تون ڳالهائين ڇو ڪين ٿو يلا – هان – ايڏو ماٺ ڇو آهين!!.

س – ا – ن – ت – تهائين وڃي ٿي وڌندي.

او!!

هان!!

هٿ آڱريون هڪ ٻي منجهه جڪڙيل ۽ چپ ڏندن هيٺ آيل آهن ٻنهي جا. مڙد جي اندر ۾ جوالا ٿي دکي ۽ وٽن جي پنن تان برسات جون بوندون ٽيون ٽمن.

او!! تون منهنجي جيون ڪٿا جي سڀ ڪان سندر ساروٽي آهين. ٻڌين ٿي نه!! ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڳالهيون هونديون آهن پر ڇا نيڻن جي نهار مان نٽيون اهي ڳالهيون سمجهي سگهجن؟.

روڊ تي پيل برسات جي پاڻيءَ ۾ ترندي ٿي وڃي ڪاغذ جي ٻيڙي. هن ڪناري وينل ٻالڪ اُداسيءَ منجهان ڏسندو ٿو رهي ٻيڙيءَ کي.

www.sindhsalamat.com

مڙد نمي ٻيڙي ٿو ڪٽي. ٻار ڪي ٿو ڏي. هوءَ پانچا مٿي ڪنيو هلندي ٿي رهي. عورت جي اندر ۾ مچ پيا ٻرن ۽ مڙد جبل ڪان بہ اٽل آهي.

جنم پل ڪان جيون ساگر جي لهرن تي اسان پنهنجن پنهنجن سپنن جون ٻيڙيون ڇڏي ڏيندا آهيون، ڪاغذ جي ٻيڙين جهڙيون هونديون آهن اسان جن سپنن جون ٻيڙيون. اونڌيون سڌيون ترنديون رهنديون آهن پر ڪنهن ڪناري سان نہ لڳي سگهنديون آهن. نہ هن پار – نہ هُن پار ۽ اسان هن ٻالڪ جيان گوڏن تي مک رکيو اُداس من سان وينا رهندا آهيون.

وڇوڙو تہ آهي ئي هن پونءَ تي. ائين ئي تہ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان پريم وڌندو آهي. وڇوڙي جي ڀوَ ڪان اسان هڪ ٻئي ڪي ڀاڪرن ۾ پري هلندا آهيون. وصل جي لمحن مان لنگهندا آهيون پر پيرن هيٺ وڇوڙو هوندو اٿئون.

تون تہ پاڳل آهين – ڇا لاءِ ڪئي هيئي مون سان پريت!؟ ڇو – ڇا ان لاءِ!!؟ عورت جو اندر ٿو ڪامي. ٻريس تي رڳ رڳ دک جي مچ ۾. ۽ جي آئون تو بن مري پوان!

مڙد جي اندر منجهہ وچ تي ڪري ڇڻ. آئون توتي تاج محل نہ جوڙائي سگهندس – آئون تہ پنهنجي جواڻ ڀاءُ جي قبر تي بہ ڪا پڪي سر نہ رکي سگهيو آهيان. بس آئون پاڻ تاج محل بڻجي تنهنجي قبر جي سيرانديءَ ويهي رهندس – لوڪ ڪي چوندس – هن قبر منجهہ منهنجو من تو ڏڙڪي – اعتبار نہ اچيوَ – تہ ڀلا ڪن رکي ڏسو.

۽ جي لوڪ منهنجي قبر تي ڪن رکي ڏسي – هان! تڏهن ڇا ڪندين!؟ ڀلا قبرن منجهہ بہ ڪو من ڌڙڪندو آهي!؟

نہ – ائين تہ نہ چئو – وڇوڙي جي سلسلن منجهہ جي آئون زنده رهجي ويس تہ تنهنجي قبر منجهہ منهنجو من ڌڙڪندو هوندو – ويساهہ ڪر – ڪچين قبرن منجهہ وڇوڙي جي سلسلي ۾ زنده رهجي ويل ماڻهن جو من ڌڙڪندو آهي – جن ڪي انهيءَ ۾ ويساهہ ڪونهي سي ئي قبرون پڪيون ڪرائيندا آهن – پر قبرن ۾ من ڌڙڪندو ضرور آهي – پر لوڪ ڪڏهن ڪن رکيو ئي ڪينهي قبرن تي – بس مٿان مٿان ٻڪ ڪٽي موٽي ايندو آهي لوڪ.

پاڳل آهين تون!!

پاڳل آهيان آئون – تڏهن تہ پاڻ بہ جيئان تو ۽ ٻين ڪي بہ جيئڻ ڏيان ٿو.

ٻڌ!! (ڪن ۾ سرگوشي ٿو ڪريس) حواسن ۾ هجان ها نہ پنهنجي – تہ – ڪڏهوڪو ڪائنات ڪي تهس نهس ڪري ڇڪو هجان ها – پاڳل آهيان. (آواز اوچو ٿيندو ٿو وڃيس) تڏهن تہ بنا توکي ڇهڻ جي پيار ڪيو اٿم توسان – حواسن ۾ هجان ها نہ – تہ توکي جنسي محبت تي آماده ڪري – ريپ ڪري توکي – ڀڄي وڃان ها آئون.

www.sindhsalamat.com

هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجندڙ اونداهيءَ جو واسو. رات ماٺهوءَ جي من ۾ دک ۽ سارون ڪٽي ايندي آهي. دک ۽ سارون بستري تي ماٺهوءَ جو اوسيئڙو ڪندا آهن.ليٽندي ئي – پاڪرن ۾ پري – چپ چپن تي رکي چڏيندا آهن، ٻاک ڦٽيءَ جي پهرئين پل تائين. رات ماٺهوءَ جي اندر جو اوجاڳو آهي. بظاهر بند اکين اندر صدين جا اوجاڳا هوندا آهن. توکي کهڙي سُڌ – رات ڀاڻ سان ڪيڏو ڪرب ڪٽي ايندي آهي ۽ ڏينهن ڪيئن ماٺهوءَ جي چهري تي ماسڪ چاڙهي چڏيندو آهي.

اونداهي ۾ هنن جا پاچولا هلندا تا رهن. هٿ هٿن ۾ جڪڙيل چپ ڏندن هيٺ آيل آهن ٻنهي جا. موڙ مڙندي مڙد سدائين لاءِ موڪلائي تو عورت کان. تنهنجا ساروٽا منهنجي هر پل جي سندرتا هوندا. چڱو – هو هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ آخري ڀيرو دٻائي ٿو – تون منهنجي راتين جو اوجاڳو آهين.

عورت ٽڪ ٻڌي ڏسندي ئي تي رهي. چا – ان لاءِ پريت ڪئي هئي سون، صدين جي! وڇوڙي جي انهيءَ هڪڙي پل کي ڀوڳڻ لاءِ!! هان!!

او!! عورت پٽڪي تي.

چئو!!

اچ آخري ڀيرو – پوءِ ڪڏهن ٻه نه – تون جو نتو منهنجا چپ چمين!! آئون پاڳل ناهيان – پنهنجن حواسن ۾ آهيان – منهنجي نڙيءَ ۾ ڪنڊا تا چڀن ۽ تون منهنجا چپ چمين ئي ڪين ٿو.

عورت کي پاڪرن ۾ پري سرخ لپ اسٽڪ جي رنگ ڏانهن مرد پنهنجا چپ وڌائي ٿو پر چپ چمي ئي نتو. اندر جا اٽپورا پاوَ مَن ۾ ڪٽي موڙ مڙي وڃي ٿو.

روڊ تي بيٺل عورت جو پاچولو – تنها – تنها.

ا – و – و – و۔ ا – و – و – و.

۽ جنهن ٻه رستي تي ميل جو پٿر نه هجي – انهيءَ جي ڪابه پڇاڻي ڪانهي – جانان! رستي منجهان سوَ رستا نڪرندا آهن ۽ ڪير آهي اُهو ڪنور من وارو، جيڪو ايڏي اداس من واري ماٺهوءَ کي رستن جي ورن وڪڙن ۾ ڦاسائي ويو آهي. ماڳ ڪٿي به ناهي (ماڳ – جنم – جنم جو فريب آهي) ۽ اسين وڊيل پيرن وارا ماٺهو ائين پيا ڊوڙندا آهيون. جڻ – هر وک جيڪا ڪچي تي، انهيءَ کان پوءِ آهي ماڳ جو پهريون نشان.

جانان! ۽ منهنجن سپنن لاءِ هيءَ حياتي ڪافي نه هئي. منهنجا سپنا حياتيءَ جي هن رڻ پٽ کان ٻه ڏاڍا ڊگها هئا. دک جي ڳالهه اها آهي ته ڪنهن ٻه جُڳ ۾، جڏهن ڪو اداس من وارو ماٺهو هيءَ ڪهاڻي پڙهندو هوندو – تڏهن جا منهنجي تربت جي سيرانديءَ لڳل ڪتبي تي منهنجن سپنن جي فهرست متجي ته نه چڪي هوندي!!

www.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جي شڪستن جي فهرست ڏاڍي ڊگهي آهي، ڪاميابي جي فهرست کان. تڏهن به هر نئون ڏينهن جُوا جي نئين بازي آهي ۽ هارايل جوارين جو هجوم – پل پل جي جُوا آهي – وک وک جا جُوا خانا آهن – زندگي آهي – موت آهي – سپنا آهن ۽ سنسان رستا آهن – هر ماڻهوءَ جو پاڇولو آهي ۽ وجود ڪوئجي چڪو آهي – جنهن ٽرين جا اسين هم سفر آهيون – نجاڻ اها ڪنهن پل پٽڙين تان لهي پوي ۽ اسٽيشن تي جڻ لال بوردن تي لکيل شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا مٽجي چڪا آهن (۽ ماڳ، جنم جنم جو فريب آهي).

- آخري ڪهاڻي:

ماڻهوءَ جي آخري ڪهاڻيءَ جو سرو نه هوندو آهي – اندر ۾ ڪيتريون آخري ڪهاڻيون – آخري سپنا- آخري خواهشون آهن – منهنجي ڪمري کان ٻاهر اوندهه انڌوڪار آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر جي اوندهه انڌوڪار ماڻهوءَ جي اندر ۾ اوتجي ايندي آهي. دريءَ ۾ رکيل مني پلانٽ جي ول سڪندي ٿي وڃي. منهنجي جيون ناٽڪ ۾ تاريخن جو ڪوبه دخل ڪونهي. صبح جو جاڳندي آهيان ته ائين محسوس ٿيندو اٿم، جڻ اڄ نئون جنم ورتو آهي مون. رات ٿيندي آهي ته ٻاهر جي اونداهه اندر ۾ اوتجي ايندي اٿم. ڏک منجهان سوچيندي آهيان، ڇا هيءَ منهنجي آخري رات آهي! اڪٿ سلسلو آهي، جنهن جا ٻئي سرا مون کان ڪوئجي ويا آهن. زندگيءَ جا ڪيترا ئي ناگوار لمحا مون ڦاڙي اُڇلي ڇڏيا آهن، پر هي ناگوار لمحا ڪاغذ جي انيڪ ڦاٽل ٽڪرن جيان پيا مون پويان اُڏامندا آهن. هوا تيز هوندي آهي ته پيا منهنجي وجود سان ٽڪرائبا آهن. آئون – انهيءَ وئشيا جو بدن آهيان، جنهن جي بدن تي هن جا گراهڪ انيڪ ڦٽ ڇڏي ويا آهن. بدن جا ڦٽ آتما تائين لهي اچن ته احساسن جو ناسور جنم وٺندو آهي. وئشيا، جيڪا روز سج لٿي جي ويلا ۾ هار سينگار ڪري، روڊ جي ڪناري بيهي رهندي آهي، ڪنهن گراهڪ جي آس ۾. ۽ ڪپڙن تي هاريل سستي خوشبوءِ وات ويندڙن کي ڪن پل لاءِ روڪي ڇڏيندي آهي – نجاڻ انهن ۾ ڪير آهي هن جي بدن جو ساٿي، اڄوڪي رات – بلڪل ائين مون ڪيو آهي اوسيئڙو هڪ نئين صبح جو، منهنجي آتما تي هاريل لفظن جي خوشبوءِ سان. اسين اندر جي وسعتن ۾ اڏامندا آهيون ۽ اندر جي پاتال ۾ وڃي ڪِرندا آهيون. سمورو سفر اندر جو آهي – ڏک سمورا اندر ئي اندر پيا ڦهلبا آهن – اندران ورچڻ کان پوءِ به اسان ڪيڏا ثابت سلامت هوندا آهيون. هزار پيرا ٽڪرائجون ديوارن سان – پٿرن سان – تڏهن به نه ٽُٽون.

اڄ – روڊ ڪراس ڪندي – سالن پڄاڻان هو گڏجي ويو هئم. بلڪل اهڙو – جهڙو سال اڳ ڏٺو هئم. اکيون اُجهاٽل – نشي ۾ الوٽ – وار پيوت. ڪيترا پل گذري وڃڻ کان پوءِ سڃاتو هئائين مون کي.

www.sindhsalamat.com

هلو – هلو!! ڪيئن آهين؟ موت ۾ ڇڻ پٽڪيو هو – زنده آهيان ڏسين ڪانہ ٿي – بلڪل نارمل ماڻهوءَ جيان.

هن جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ اٽڪيل پن جي بيڙي – سڪل نوٽ چپ.

گهڻا سال اڳ هن مون کي چيو هو – مري ويندو سانءِ ۽ منهنجو رت هن پوڻ ءَ تي انيڪ ماڻهن جي پيشانين تي داغ بڻجي رهجي ويندو – هو اجا بہ جيئرو هو اهڙو ئي – جهڙو انيڪ سال اڳ.

ڇا تو ڪرين اڄڪلهہ!؟ هن موت ۾ ٻئي هٿ منهنجي اڳيان ڦهلائي ڇڏيا هئا – چوڻ لڳو – ائين تو لڳي ڄڻ هٿ ڪپجي ويا اٿم. ڪپيل هٿن سان جيئان تو انهيءَ آس تي تہ ڪو ڏينهن اهڙو اچي وڃي شايد، جڏهن منهنجي هٿ تريءَ مان نيون آڱريون ڦٽي نڪرنديون. آڪاس سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگن هينان لنگهندي پنهنجي جيتامڙي وجود کي من ئي من ۾ پيو محسوس ڪندو آهيان. ڪيڏو نہ پتڪڙو آهيان آئون ۽ ڪيڏي وشال آهي هيءَ ڪائنات! تو چيو هو تہ آئون دنيا جو مهان چترڪار بڻجندس ۽حقيقت اها آهي تہ آئون ٻن ڏينهن کان بکيو آهيان ۽ سمورين آرٽ گيلرين جا دروازا مون تي بند آهن. اڄ مون پنهنجا سيئي چتر جلائي ڇڏيا آهن. اسين آڪاس سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگن هينان لنگهي رهيا هئاسون.

چيم – توکي ڪانهي سُڌ – ڪيترا ماڻهو مهان آهن پر انهن جي چوڌاري آتو گرافس ونڻ وارن جو هجوم نہ هوندو آهي. ڪير ڪيئن ڄاڻي سگهي تو تہ تون سچ پچ مهان چترڪار آهين. وقت ايندو جڏهن تنهنجا چتر اهو ئي لوڪ پنهنجي سيراندين سجائيندو، پر تو تہ جلائي ڇڏيا پنهنجا سيئي چتر.

هو چپ چاپ هلندو رهيو – روڊ جو ڪنارو ڏئي. هلندي هلندي ڪنگهہ ۾ وڪوڙجي ويو ۽ رت جو ڍير ٿڪي ڇڏيو هئائين فوٽ پاٿ تي. وچ وراڪا ڏئي وئي هئي منهنجي اندر ۾.

انيڪ ڏينهن کان پوءِ (ڄاڻان ٿي) تہ اخبار جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سندس نانءَ جي خبر پڙهندس – هو – سنڌ جو چترڪار – چپ چاپ مري ويو – اوجها – سيني ٿوريم ۾.

موڙ مڙندي مون هن کي آخري ڀيرو ڏٺو – فوٽ پاٿ تي پيل هن جي اندر جو رت ۽ انهيءَ مٿان لنگهندڙ بوٽ ۽ سينڊل – مون سچ ۾ اکيون ڪپائي ڇڏيون.

هاءِ-

ڪيڏي آهي

اونداهي-

جا – نا – ن– ج – ا – ن – ا – ن – جانان!!

www.sindhsalamat.com

مندر، اُداس ڏيئو، اڌ رات، ديوداسي

تال سوڪ ڪر پتر پيو، هنس ڪهين نہ جاءِ،
پڇلي پريت ڪي ڪارني، ڪنڪر چُن چُن ڪاءِ.
(ڪبير ڀڳت)

وڇوڙي ڪان پوءِ
وڻن تان سڪل پيلا پن هڪ هڪ ڪري ڇڻندا رهيا هئا، هن جي مٿان ۽ آس پاس. پر مان نِنڊڙو پتر ڪٽي اڃليو هئائين بينل پاٽيءَ ۾، ۽ دائرا دور دور تائين پکڙبا تي ويا. اڄ ڪلهه هوءَ جيئندي بہ جڻ جيئي ڪانہ ٿي. حياتيءَ جا پڪراج جهڙا پل ۽ سچ جهڙا سپنا اچانڪ هن جي بانوري من منجهارا اڏاٽا هئا ڪنهن بيءَ پر. هوءَ هئي جا جنم جنم ڪان ائين ئي هيڪلي ۽ نراس پيلن پنن وارن وڻن هيٺ ويني هئي، پڪشوئڻ بڻي. ڌرتيءَ جو هي گول دائرو تياڳي، دائري ڪان ٻاهر.
”مهراڻ!!“
(هڪ لڳان ڪراچيءَ ۾ نيري سمند ڪناري هوءَ ۽ مهراڻ واريءَ تي پنهنجن پيرن جا نشان ڇڏيندا ساڻ ساڻ تي هليا. هن جي چيلهه مهراڻ جي ٻانهن جي گهيري ۾ هئي ۽ سچ سمند جي چولين ۾ پاڻ ڍاري ڇڏيو هو)
مهر – ا – ڻ!!
ماٿهو جڳن ڪنان بهشت جو بند دروازو تو ڪڙڪائي.
هٿ تڪجي ساٿا تي پيا آهن.
ڪرائيءَ ڪنان وڍجي ڇڻي پيا آهن هٿ.
رت جو درياهہ آهي جو هٿن – آڱرين – ڪرائين مان وهندو تو اچي. چيلهه تائين ٻڏو پيو آهي هر ڪنهن جو تن.
ڪوئي انت ڪونهي - ۽ مهراڻ!! دوزخ جي آڳ تي ٻري ماٿهوءَ جي رڳ رڳ ۾.
۽ - ان آڳ جا اُلا تهائين اوچا تي ويا آهن.

www.sindhsalamat.com

پيلن پنن جي چانوَ ۾ ويني ويني هن هڪ ٻيو پتر اُڇليو هو ٻينل پاڻيءَ ۾، ۽ دائرا دور تائين پکڙجي ٿي ويا. ڪيڏي پيڙا ٿي پلجي هن وشال ڌرتيءَ تي!! انسانن جي سمنڊ مان لنگهندي هن هڪ وار سوچيو هو. وک وک تي ڦهليل هي ماڻهو آهن يا زندگيءَ جي چاتيءَ تي ڪوڙيل دک جا ٿياس آهن!! گهڻا گهڻا سال اڳ رومانوي ڪهاڻيون پڙهندي، آرٽ اسڪول ۾ چترڪاريءَ جي سکيا وٺندي نجاڻ ڪهڙا سچ جهڙا پاوَ هن کي سرخ ٻينرن جي هجوم ۾ وٺي آيا هئا. انسانن جي وهندڙ سمنڊ ۾ سڀ ڪان پويان هلندي هن سوچيو هو: ”او خدا!! ڪيڏي تکي اُس آهي اسان جي سر مٿان – انگ انگ تو سڙي ان ۾ - پر ڇا انهيءَ تتل ڌرتيءَ جي ٻه ڪائي پڇاڻي آهي!!؟ او خدا – هي ماڻهو آهن يا زندگيءَ جي ڪلهن تي ٽنگيل دک جو ٿياس!

”هر ظلم جي پڇاڻي ٻه تڏهن ٿيندي آهي نه مهراڻ! جڏهن ماڻهوءَ ۾ سنگهر ٽوڙڻ جو ساهس جنم وٺندو آهي، پر اسان جا هٿ ته ڪرائيءَ کنا ڪپيا پيا آهن ۽ آڱريون سيئي ڇٽي چڪيون آهن.“ هن پنهنجا ڪمزور پيلا هٿ مهراڻ جي اداس اکين اڳيان ڦهلائي ڇڏيا هئا ۽ مهراڻ کي هن جا پيلا هٿ ڏسي سرنهن جا پيلا گل هانوَ تي هري آيا هئا.

سالن ڪان پوءِ هڪ ملاقات

”۽ هاڻ ته ڏاڍي ٿڪجي پئي آهيان. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي. ڪير ڄاڻي اندر جي سگهه ڪڏهن پُنر جنم وٺي! اڇا وار اچي ويا اٿم ڪارن وارن ۾. ننڍ جون گوريون ڦڪي سمهندي آهيان رات جو. سچ ٻه ايري ايندو آهي ديوارن تي، پر منهنجي اک ناهي لڳندي ۽ مهراڻ ۽.“ هن جون اکيون جهلمل ڪرڻ لڳيون. ڪرسيءَ تان اٿي اچي هوءَ کليل دريءَ وٽ بيٺي. اڱڻ ۾ پوکيل گلاب ڪومائجي ويا هئا. سڪل پيلي چبر تي دور دور تائين پيلا پن پکڙيا پيا هئا. هوءَ هڪ ٽڪ پولار ۾ گهوريندي رهي.

”زندگيءَ جو ڪوئي انت ناهي مهراڻ!! انت آهي ته بس ماڻهوءَ جو. جڏهن ساهه جي ڪچيءَ ڏور تي ئي اعتبار ناهي، پوءِ ايڏا ڏکها ڏکها پنڌ اسين ڪنهن لاءِ ٿا ڪيون!!؟ سوچيندي آهيان ته ڪنهن رات گورين لپ ڦڪي سمهي پوندس سدائين لاءِ. پر پل پل جي موت جو حساب ڪنهن هڪ پل ۾ ڇو نٿا چڪائي سگهون اسين !!؟“

”پر – جو ڪجهه آهي سو بهتر ته ناهي نه! اهو سڀ ڪجهه بدلائڻو پوندو اسان کي. ٿياس تي ٽنگيل پنهنجي هر پاوَ جو ملهه وٺڻو پوندو. اندر جي سگهه تڏهن پنر جنم وٺندي آهي، جڏهن اسان سنگهر ٽوڙڻ چاهيندا آهيون. مريم! جڏهن بند ڪمري جا در دريون کولبا آهن، تڏهن ته سچ جي روشني اندر ايندي آهي نه!!“

www.sindhsalamat.com

ديوارن تان سانوري سنجها جا ڪِرڻا گم ٿيندا ٿي ويا. ڪمري ۾ اونداهي ڦهلجڻ لڳي هئي. دور ريل ڪوڪ ڪئي هئي ۽ پکيئڙا آکيرن ڏي اُڏاڻا هئا. اوچتو هوءَ مڙي هئي. (ڪمري ۾ هوريان هوريان ڦهلجندڙ هلڪي اونداهي ۾، هن جون آگميل اکيون ڪن لاءِ ڏيئا ٻڻجي جرڪيون ۽ اجهامي ويون) ميز تي رکيل شمعدان ٻاريندي هوءَ هوريان هوريان نارمل ٿي وئي هئي. ڪلي چوڻ لڳي: ”هن ڳوٺ ۾ اجا بجليءَ جا آثار ڪين آهن – ان ڪري بس انهن ميرانجهڙين روشنين تي ئي گذارو آهي.“

هڪ ساروٽي هئي جا ماچيس جي تيليءَ جيان مهراڻ جي اکين ۾ ٻري پئي هئي. ”اونداهين ۽ اڪيلائين ۾ ساهہ گھٽبو آهي منهنجو – بس ڪنهن اهڙي لمحي ۾ مان مري پوندي ساڻءِ.“

پر هوءَ اڄ بہ جيئري هئي – اونداهين ۽ اڪيلائين جي غفائن ۾. شمعدان جي هيڊي روشنيءَ ۾ هن جو مک تهائين هيڊو ۽ بيمار ٿي لڳو. هو چپ چاپ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو سگار پيئندو رهيو. تڪ ٻڌي هن کي ڏسندو رهيو. تڪ ٻڌي ائين هو اڳ بہ هن کي ڏسندو هو. (جڏهن هنن پاڻ لاءِ هڪ ئي پيچرو جوڙيو هو) تڏهن هوءَ مرڪي پوندي هئي. چوندي هئي: ”ائين نہ ڏسندو ڪر مون کي – پاڳل ٿي پونديس مان.“ (پر هوءَ پاڳل نہ ٿي هئي – عام ماڻهوءَ ڪان بہ وڌيڪ نارمل هئي) ۽ هن پل هوءَ چپ چاپ پنهنجي هٿن جون ريکائون ڏسي رهي هئي. چوڻ لڳي: ”چا تو ڏسين؟“

”هان!!“ هو سوچن جي دائري ۾ ڦرندي ڦرندي ڇرڪي پيو. سگار جو دونهون هن جي اکين ۾ پرجي آيو هو.

”چا تو ڏسين – ائين مون ۾؟“ انيڪ پل هو چپ رهيو.

”ڏسان ٿو – ڪيڏي اوپري اوپري ٿي لڳين تون!!“

هوءَ مرڪي پئي. (يا روئي پئي هئي!! لڙڪ ۽ مرڪ جي وچ ۾ ڏاڍي ٿورڙي وڇوٽي هوندي آهي).

هن سوچيو، چا سپنن جي ڪائي ساييان آهي!! چا ائين جيون رڻ ۾ تڙپي تڙپي، پتڪي پتڪي هرڪوئي مري پوندو؟ چا بس سيئي پيچرا هڪ ئي هٿ سان ڊاهي سگهجن ٿا؟ جن جي هٿ ۾ حياتيءَ جي ڊگهي ريکا هوندي آهي، سي من ئي من ۾، جُڳ اڳ مري چڪا هوندا آهن. (۽ مريم جي هٿ جي جيون ريکا بہ ڊگهي هئي هٿ ڪرائيءَ تائين پهتل). اڄ هو هن کي چئي رهيو هو تہ ڪيڏي اوپري اوپري ٿي لڳين!!

”منهنجي اندر ۾ اڄ بہ تنهنجي نانءَ جهڙو درياهہ ٿو وهي – اڇو اجرو جڳن ڪنان وهندڙ مهراڻ – پر زندگيءَ جا ڊگها ڊگها پنڌ آهن، جن منهنجين اکين کي ڪندر ڪري ڇڏيو آهي. ڪندر پنهنجا هوندي بہ اوپرا لڳندا آهن.“

www.sindhsalamat.com

دريءَ کان ٻاهر اونداهين آڪاس تي چنڊ اُڀري آيو هو. اونداهي ۾ جهومندڙ وڻ ٿهائين پوائنٽا تي ويا هئا. پريان کان ڪٽان مال موٽيو تي وٺاٽن ڏي. ڳچين ۾ ٻڌل ڄڙن جو مٺر مٺر پڙلاءُ هو. ڏراڙن جي هڪل جو آواز. هو سگار پيئندي چپ چاپ اهو سڀ محسوس ڪندو رهيو. جڏهن هو هيڏانهن آيو پي، تڏهن نيشنل هاءِ وي تي جيپ هلائيندي هن انيڪ ڳالهيون سوچيون هيون. سوچيو هئائين ته واپسيءَ تي هو مريم کي ساڻ وٺيو ايندو (پر هاڻ اهو سڀ چوڻ جو منجهس ساهس ئي ڪين هو) سول لائين ۾ هن جو بيحد خوبصورت بنگلو – وقت جي حڪومت ۾ اعليٰ عهدو ملڻ ڪاڻ سوسائٽيءَ ۾ هن جو اوچو مقام – سندس بنگلي جي گيٽ تي بيٺل ڪلهن تي بندوق ڪنيل سپاهي – پٽس جي ايڏي پيسي واري مهاجر دوست جي ماڊرن ڌيءَ سان سندس وهانءُ. ۽ اهو سڀ (جيڪو ڪڏهن ممڪن ئي نه هيو) سندس ڪنهن به سپني جي ساڀيان نه هو. اهو سڀ پنهنجن سپنن ۾ - اوچن آدرشن کان ڪنجڻ ڪاڻ کيس مليو هو. پر من هو جو ڪڏهن ڌڙڪندي ڌڙڪندي بيهي رهندو هو. م – ر – ي – م – م – م – ر – ي – م – م – ر – ي – م.

هن سگار کيس مان بيو سگار ڪڍي دکايو. وقت آهي جو بند مٺ مان به چپ چاپ نڪري ويندو آهي ۽ اسان خالي مٺ کنيو زندگيءَ جي دائرن ۾ ڊوڙندا رهندا آهيون. سپنا گهٽو پويان رهجي ويندا آهن. ايترو پويان جو وسري ويندا آهن اسان کان. پر هوءَ سندس اهڙو سپنو هئي، جو سندس من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مسلسل ڌڙڪندو رهيو هو. سوچيو هئائين، جڏهن هو مريم آڏو ايندو تڏهن اندر جا سارا ڏک مريم جي هٿ ترىءَ تي ڪٽي رکندو. پر هو ڏک سگار جي دونهين ۾ گڏي اندر ۾ (پاتال تائين) اوتيندو رهيو.

تن ڏينهن انسانن جي انبوهه ۾ سڀ کان اڳيان سرخ بينر ڪٽي هلندو هو. هو ڌرتيءَ جا سپنا ڏسندو هو ۽ لوڪ هن سنگ وک وڌائيندو هو. موچڙا، جيل، قيد، جلسا، جلوس، سچ جهڙا سپنا، نئين صبح جا آدرش، پيڙا جو هڪ رقص هو، جنهن جي ڪائي پڄاڻي ڪانه هئي.

1967، ملڪ ۾ ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هليل هئي.

ڪوئي جهڙالو صبح هو، جڏهن هو پهريون ڀيرو مريم سان مليو هو.

اورينٽ هوٽل جي ڊائننگ هال ۾ گرم ڪافيءَ جا ننڍا ننڍا ڍڪ ڀريندي هو مريم جي اکين ۾ ٽڪ ٻڌي ڏسندو رهيو هو.

29 فيبروري 1967ع جي ان جهڙالي صبح هن مريم جي ڊائريءَ تي آٽو گراف لکيو هو: ”جيڪي قومون سجاڳ هونديون آهن، صبح انهن جي هٿ ترىءَ مان ايرندا آهن –اتهاس جي گهور اونداهيءَ ۾ به انهن جون هٿ تريون جرڪنديون آهن – مهراڻ“

هن لمحي جڏهن هو مريم جي سامهون سگار ٻن آڱرين ۾ اٽڪايو، مريم ڏانهن ٽڪ ٻڌي ڏسندو رهيو هو. هوءَ انيڪ پل کان هٿ ترىءَ ۾ اکيون کپايو ويني هئي. هڪ ٻي کي

www.sindhsalamat.com

ڪٽينڊڙ، مبهم – موئن جي دڙي جي اجاڙ ڪنڊرن جهڙيون ريڪائون هيون هن جي هٿ
تريءَ تي. هڪ جيون ريکا هئي جا سڀ کان ڇتي ۽ ڏکهي – ڪرائيءَ تائين پهتل هئي.
”ڇا ٿي ڏسين هٿ ۾؟“ هو ائين ئي پڇڪيو، بي انت سانت کان گهٻرائجي، ڪجهه نه ڪجهه
ڳالهائڻ خاطر.
”صبح!!!“ هن جڻ پاتال مان ورندي ڏني.
ڇن – ڇن ڪري ڪجهه پڃي پورا ٿي پيو هو. ساڳي پل ٻنهي جي من ۾.
هنن ٻنهي ساڳيا سپنا ڏنا هئا. (پر هو اهي سپنا اڄ ۾ ڇڏي هليو ويو هو). سچ جي ساڳي
اڙانگي پيچري تي هلندي، جڏهن سک جو صبح اپرندو، تڏهن هو ڳڏجي هڪ ننڍڙو گهر
آباد ڪندا، ٻئي نوڪري ڪندا، پنهنجن ٻارن جا سنڌي نانوَ رکندا. انقلابي ڪتابن تي ڏکها
ڏکها بحث ڪندا. مهراڻ ’شاهه جي رسالي‘ جو انگريزي ترجمو لکندو. هوءَ پنهنجي ننڍڙي
اسٽوڊيو ۾ ويهي چترڪاريءَ واري اڻپوري سپني جي تڪميل ڪندي. جڏهن چنڊ وچ
آڪاس تي چڙهي ايندو ۽ سنڌو درياهه ڪان ايندڙ هِير گهلندي، تڏهن هو اڱڻ ۾ ويهي، رات
جي راڻيءَ جي سڳنڌ ۾، گرم چانهن جا ڍُڪ پريندا ۽ استاد منظور علي خان جا ڳايل راڳ
ٻڌندا. انهن سپنن ۾ ڪٿي ڪو عاليشان بنگلو نه هو، ڪا چمڪندڙ ڪار نه هئي، يورپ جا
چڪر نه هئا. بس هڪ لڳان اولڊ ڪيمپس جي گيٽ وٽ بيٺي نجاڻ ڪهڙي پُور ۾ اچي
مريم چيو هو: ”مهراڻ! جيڪڏهن زندگيءَ جي حالتن مهلت ڏني ته ڪڏهن تون ۽ مان
ڳڏجي سنڌ گهمنداسين.“
هو ٺهڪ ڏئي کلي پيو هو. ”بس!!“
”ها بس – ان کان اڳتي ڪجهه به نه – ڪجهه به نه.“ مهراڻ هن جو هٿ پڪڙي ورتو هو.
”تون ايڏا خوبصورت خواب ڪيئن ٿي ڏسين مريم!!“
”تون نه ڏسندو آهين ڇا!؟“
”ڏسندو آهيان، پر مون پنهنجن خوابن لاءِ سونهن تنهنجن خوابن مان چورائي آهي.“
ٻئي مرڪي پيا هئا.
(ٻنهي جي اها مرڪ اولڊ ڪيمپس جي گيٽ وٽ، لنگهندڙن جي پيرن هيٺ لتجي – گم ٿي
وئي هئي دز ۾)
اها مرڪ هنن ٻنهي زندگيءَ جي انيڪ لمحن ۾، پنهنجين پنهنجين اڪيلائين ۾ مرڪڻ
چاهي هئي، پر وقت ڏاڍو ڪنور من وارو ٿيندو آهي. ماڻهوءَ جي ڇپن تان مرڪ ڪسي اڪين
۾ لڙڪ پري ويندو آهي.
سروم دڪم دڪم.
سڀ ڪجهه دک آهي.

www.sindhsalamat.com

هن جي من ۾ وينل مهاتما ٻڌ پڙڪيو – سڀ ڪجهه ڏک آهي.
”مريم!“ شمعدان جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ پٽ تي ڦهليل مريم جي پاڇولي ڏانهن نهاريندي هو پڙڪيو.
”هون!“ نجاڻ ڪهڙن دائرن منجهه ڦرندي ڦرندي هوءَ موٽي آئي هئي. هر ماڻهو جنم جنم کان لمحن جي دائرن جي چوڌاري طواف پيو ڪندو آهي. پر ڏک اهو آهي ته هر ڪنهن جي عبادت ناهي قبول پوندي.
ماڻهو اندر جي قيدخاني ۾ جنم ٽيپ تو پوڳي. آزادي محض هڪڙو سپنو آهي.
آزاد ڪير به ناهي. ڪنهن جو تن قيد آهي، ڪنهن جي آتما ٽي سوريءَ تي لٽڪي. پر حقيقت اها آهي ته جيئندو هرڪو آهي آزاديءَ جي ڪنهن هڪ لمحي جي آس تي.
ءِ
ان پل هو اندر جي انهيءَ قيد خاني ۾ آزاديءَ جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. سندس تن ڪنهن بي جان شيءِ جيان ڪمري جي اونداهين ڪنڊ ۾ پيل ڪرسيءَ تي پيو هو ۽ سندس آتما گذري ويل وقت جي سوريءَ تي لٽڪي رهي هئي. چنڊ جي روشنيءَ ۾ ٻاهر ويٺل وڻ هوريان هوريان جهومندا رهيا.
”تو ڏانهن اڄڻ سمي سوچيو هئم مريم! ته توکي پاڻ سان وٺيو ايندس پر هاڻ ائين تو پانيان جڻ وقت اتي ئي اجهامي ويندو، هن بند ڪوٺيءَ ۾. تو ته دنيا تياڳي ڇڏي آهي جڻ. پر مان پڪشو يا گوتم ناهيان. تڏهن به لوڪ ساڻ جيئندي جڻ ٻن ٻن پٽڪان ٿو. پر بس ڏک آهي ته، اهو سڀ انهن سپنن جي ساپيان ناهي.“ هن جو ساهه نڙيءَ ۾ گهٽجڻ لڳو. اوچتو هن جو من جڻ ڌڙڪندي ڌڙڪندي بيهي رهيو هو. هوءَ اُٿي بيٺي. شمعدان جي روشنيءَ جيان ان جو ڌڪندڙ آواز اڀريو هو. (جڻ ته سياري ۾ ڪوئي بند دروازي اڳيان پڪاريندو هجي)
”مان تولاءِ چانهه ٿي ڪنيو اچان.“ ۽ ڪليل دروازي منجهان نڪري نيڻن کان الوپ ٿي ويو هو هن جو وجود. ڪيترا پل هو ڪليل دريءَ جي اڳيان ويٺو سگار پيئندو رهيو. سڀ ڪجهه ائين ئي هو – سپنن ۾ به – پر ڇا هن کي اهو حق هو ته هو ايڏو چاهيندي به پنهنجي آڳرين سان هن جو مک ڇهي سگهي!! هو ڪمري کان نڪري، هن کي ڳوليندو رڌڻي ڏانهن نڪري آيو.
”چانهه ايڏي ضروري ناهي مريم! مان ته بس تو ڪاڻ آيو آهيان.“ هو در جي فريم کي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو. هوءَ سگريءَ ۾ اگر دکائي رهي هئي. ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ اگرن منجهان ڪاراٽيل هن جا هٿ ڏسي نجاڻ ڇو هو دکي ٿي پيو هو. هن غور سان ڏٺو – جواٽيءَ تي شام جا پاڇولا گهرا پئجي ويا هئا. هن بيحد دکي ٿي سوچيو، جيڪي ماڻهو سچ جي ڇتيءَ ويڙهه ۾ ڏوڪي ڪاهي پوندا آهن، ڇا انهن جي سپنن جي پڄاڻي ائين ئي ٿيندي آهي!!

www.sindhsalamat.com

موت جهڙي زندگي – سوريءَ تي ٽنگيل آتما. ڇا ماڻهوءَ جو سمورو سفر بي معنيٰ آهي.
اڳرن جو دونهون هن جي اکين ۾ گهڙندو ٿي آيو.
هو چپ چاپ در جي فريم کي ٽيڪ ڏيو هن جا ڪاراٽيل هٿ ڏسندو رهيو.
هي پنهنجي وقت جي انقلابي عورت جا هٿ آهن. انهن هٿن ۾ هن سرخ بينر ۽ جهنڊا کنيا آهن. انهن هٿن کي لهرائي هن نعره هنيا آهن. انهن هٿن سان هن سنڌ جو اتهاس ڪينواس تي رنگن سان چٽيو آهي ۽ ڪيئي سال اڳ وقت جون انقلابي ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون لکيون آهن. (هن هڪ نئون سگار دکايو – گهٽو گهٽو اڳ جڏهن هو ان عورت سان گڏ جيئندو ۽ مرندو هو، تڏهن بس عام برانڊ جو سگريٽ افورڊ ڪري سگهندو هو. اڄ جو هو اسٽيبلش ٿي ويو هو، ولايت منجهان سمگل ٿيل سگريٽ پيئندو هو ۽ دک پوڳيندو هو پنهنجي اندر جا) سنڌي عورتن جي هٿن جي پڄاڻي ايڏي دکدائڪ ڇو ٿيندي آهي!!
”م – ر – ي – م!!“
”هون؟!“ هن دونهاٽيل اکين سان ڏانهس نهاريو.
”پينٽنگ ڪندي آهين اڃا؟“
”نہ!“ هن جو آواز ڄڻ پاتال مان ٿي آيو.
”ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون؟“
”نہ.“ اهو ئي پاتال مان ايندڙ آواز.
”ڇو؟“
هوءَ چپ رهي. سگريءَ تي رکيل ديڳڙيءَ ۾ ڪير ٽهڪندو رهيو. ڏکي سانت کان پوءِ دونهاٽيل اکين سان مهراڻ ڏانهن نهاريندي هوءَ ڄڻ سڏڪي هئي. چيو هئائين: ”ڪي ماڻهو گذرندڙ وقت سان گڏ هوريان هوريان جيئندا رهندا آهن. ڪي ماڻهو آليءَ ڪاٺيءَ جيان پيا ٻرندا آهن ۽ هوريان هوريان مرندا رهندا آهن. توکي ڪانهي سُڌ تہ زندگيءَ مون کي آليءَ ڪاٺيءَ جو روپ ڏنو آهي. مان نہ جيئان ٿي، نہ مران ٿي.“ صديون – مهراڻ جي مٿان کان لنگهي ويون. هن انهيءَ عورت سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪيا هئا. هوءَ چوندي هئي – زندگيءَ ۾ بهرحال ايڏي مايوسي بہ ناهي مهراڻ! صبح ضرور ايرندو – ان ۾ منهنجو ويساهہ آهي. مايوسي اهو اونداهو کوهہ آهي، جنهن ۾ هڪ ڀيرو ڪِرڻ کان پوءِ ٻيهر ناهي ايري سگهبو، ۽ مان انهيءَ کوهہ ۾ نٿي ڪرڻ چاهيان. هڪ اٽل آس واري نوع مان هوءَ چوندي هئي. فرسٽريشن ماڻهوءَ جو هٿ گهڙيو احساس آهي، ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ جو بهانو آهي.
مهراڻ گرم چانهہ جا ڍڪ ڀريندي هن کي غور سان ڏٺو. هوءَ ڪنڌ نوايو ڪوپ ۾ چمچو گهمائي رهي هئي. نجاڻ ڪهڙين سوچن ۾ گم، هڪ نئين صبح جي آس هن جي اکين

www.sindhsalamat.com

منجهان اجهامي وئي هئي. فرسٽريشن جي انهيءَ گهيرٽ ۾ گهيرجي ويو هو هن جو من، جنهن کي هن سدائين ڌڪاريو هو. هن جي ان مسلسل ويڙهه جي پڄاڻي ڪيڏي ڀيانڪ شڪست هئي.

هوءَ دريءَ کان ٻاهر اونداهيءَ ۾ يڪ ٽڪ نهاريندي رهي. چوڻ لڳي: ”زندگيءَ جي پيچرن تي هلندي گهڻو ڪجهه ڀوڳڻ کان پوءِ اهو ئي ڄاتو اٿم مهراڻ! ته اهو نڪور صبح ڪڏهن به نه ايندو. بس انهن اونداهين ۾ ئي ماڻهوءَ کي جيئڻو ۽ مرڻو آهي. ان صبح جو اوسيئڙو بيڪار آهي. پيڙا جو هڪ مسلسل سفر آهي، جنهن ۾ ڪجهه به ناهي پلئه پوندو.“ ٽيبل تي رکيل هن جي چانهه ٿڌي ٿيندي رهي.

گهڻا سال اڳ (۽ ڄڻ لنگهي چڪا آهن انهن سالن جي سيني تان) ڪنهن انٽرويو ۾ هن چيو هو: ”مان منصور حلاج جي محبوبا آهيان ۽ پٽڙ منهنجو نصيب آهن.“ ڇا هن سچ چيو هو! بس پٽڙ ئي هن جو نصيب هئا! ٻيو ڪجهه به نه!!؟؟

انيڪ سال اڳ، جڏهن هو سي. ايس. ايس جي امتحان ۾ ٽاپ ڪرڻ کان پوءِ ٽريننگ تي وڃڻ لڳو هو، تڏهن چائنيز جي اونداهي ڪنڊ ۾ هن مريم جا سرد هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيو هو: ”مان پنهنجو شاندار مستقبل ڪيئن ٿو ڌڪاري سگهان؟ تو بن جيئڻ ڏاڍو اوکو آهي مريم. پر مان پنهنجي املهه حياتيءَ جا سمورا سال جيلن ۾ گهارڻ نٿو چاهيان. ڊرتي ۽ قوم ڪنهن کي به ڪجهه نه ڏيندا آهن. جيت انهيءَ جي ٿيندي آهي، جيڪو پاڻ لاءِ جيئندو آهي.“ اهو سڀ چوندي هن کان گذريل سمورين سارونين جڻ وسري ويون هيون. هوءَ چپ چاپ پنهنجن هٿن جون هڪ ٻي کي ڪٽيندڙ ريکائون ڏسندي رهي. مريم کي اهو سڀ ياد هو — پرهن اهو سڀ مهراڻ کي نٿي ياد ڏيارڻ چاهيو، جو سپنا وکٽي چڪو هو. سڀ ڪجهه بڪواس هو لاڪاس ان پل. چائنيز مان نڪري هن گهر وڃڻ لاءِ رڪشا کي هٿ ڏنو هو. بس ائين چيو هئائين: ”سچ جي ان پيچري تي مان تنها به هلي سگهان ٿي — ڏک اهو آهي ته تو پنهنجا اوچا آدرش بيحد سستي اگهه ۾ وڪڻي ڇڏيا آهن — صبح ضرور ايندو.“

پر صبح اڃا ئي ڪونه هو. زندگيءَ جا سمورا ڏک ڀوڳڻ کان پوءِ، دنيا تياڳي هوءَ انهيءَ ننڍي ڳوٺ ۾ اسڪول ماسترياڻي اچي ٿي هئي. لوڪ اگهور ننڊ مان جاڳڻ لاءِ تيار ئي ڪونهي. جڏهن هو ۽ مهراڻ ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل ڳوٺاڻن لاءِ امداد گهرڻ ڪاڻ لطيف آباد جا بند گيٽ کڙڪائيندا هئا، تڏهن به اهي گيٽ نه کلندا هئا ۽ اهي گيٽ اڄ به بند آهن. سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جا ستا ڪٽي انهن اهي گيٽ کڙڪايا هئا. ڪتابن جا ستا پٽ تي اڇليندي سندن هڪ ڪلاس فيلو مظهر پرجي آيل آواز ۾ پٽڪندو هو: ”لعنت آهي هن قوم تي — مرده دل آهي اها قوم — سڀ بڪواس آهي — مان ڪو ليکڪ هجان ها نه مريم! ڪڏهن به سنڌيءَ ۾ نه لکان ها.“

www.sindhsalamat.com

لطيف آباد جي ڳلين ۾ ڪتابن جا ستا ڪٽي هلندي هن موٽ ڏني هئي: ”اهو سڀ وقتي آهي – هر ماڻهو اڱهور ننڊ مان ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور جاڳندو آهي.“

”خوش فهمي آهي توکي – ڏس نہ مريم! هي جو سنڌين جو اوچو ۽ وچولو شهري طبقو آهي، انهن جي گهرن جي بند دروازن اڳيان سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جو اتهاس سڏڪي سڏڪي مري ويندو. انهن منجهہ آس رکڻ بي ڪار آهي مريم!“

جن جوشيلن سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين سان گڏجي هن سچ جي پيچري تي پير هو پاتو، ڏرتتيءَ تي بک هڙتال ڪئي هئي، جلسا ۽ جلوس ڪيا هئا، جن سان گڏجي هن احتجاجي بينر ڪنيا هئا، ون يونٽ ٽٽڻ جا جشن ملهايا هئا، سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جا ستا ڪٽي سنڌين جا بند دروازا ڪڙڪايا هئا، ٻوڏ جي ستايلن لاءِ ڏڪها ڏڪها پنڌ ڪيا هئا، اهي سڀ هوريان هوريان ڪري پنهنجا پنهنجا پيچرا مٽائي ويا هئا، مهراڻ سميت (جيڪو هن جي سپنن جو شريڪ هو). هو پارٽيءَ جي اڳواڻن جي سفارشن تي ايئر ڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ وڃي وينا هئا ۽ هن جون جيڏيون انهن ڪامورن سان لائون لهي هاڻ نئين ماڊل جي گاڏين ۾ گهمنديون هيون. ماڻهو ڏاڍو ڪمزور ٿيندو آهي، جسم جي سک لاءِ پنهنجي آتما وڪڻي ڇڏيندو آهي.

آخري ڀيرو ملڻ ڪان ڪجهہ ڏينهن اڳ يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ (جتي جشن لطيف ملهايو پئي ويو) هوءَ مهراڻ جي پر واري ڪرسيءَ تي وينِي هئي. هن جي چئني پاسن شاگردن ۽ شاگرديائين جو هجوم هو.

”مهراڻ!“

”هون؟“ هو اسٽيج تي اکيون کپايو وينِي هئي – پر هن جو من!!

”توکي اهو سڀ ڪڏهن بہ ياد نہ ايندو، مهراڻ؟ توکي اهو سڀ ڪيئن وسري سگهندو ڀلا!!“

”سڀ ڪجهہ وسري ويندو آهي مريم! اهي ساروڻا مون کي ڏئي بہ ڇا ٿا سگهن!! مان بک مرندس تہ ٺن وقتن جي ماني بہ هيءَ قوم مون کي نہ کارائيندي.“

”مون کي وساري سگهندين مهراڻ؟!!“ ڪنهن مرنڌڙ ماڻهوءَ جيان هن جو آواز ٽٽڻ لڳو هو. مهراڻ چرڪي ڏانهس نهاريو هو. هن جي اکين ۾ ڏياريءَ جي رات لهي آئي هئي.

ان رات هو فنڪشن اڌ ۾ ئي ڇڏي هليو ويو هو. هوءَ خالي ڪرسيءَ جي پر ۾ پڇاڙيءَ تائين وينِي رهي. رات اجهامڻ تي هئي. سياري جي بيحد سرد رات ۾ ڄامشوري ڪان بس ۾ شهر ويندي هوريان هوريان صبح اڀرندو رهيو هو، پر هوءَ اندر ئي اندر مرندي رهي هئي.

هن جي اوچن آدرشن واريءَ زندگيءَ ۾ ڪيڏو بوگس واقعو ٿيو هو. بلڪل عام ڇوڪرين جيان، شرنائين جي شور ۾ ننڍپڻ جي مڱيندي سان سندس وهانءُ ٿي ويو.

”اڙي!! هيءَ مان آهيان – سنڌ جي انقلابي نياڻي.“ هن حيرت منجهان آرسيءَ ۾ پنهنجي سينگاريل وجود کي گهوريو. ماڻهوءَ جي هر خوبصورت احساس کي فنا آهي. فنا آهي

www.sindhsalamat.com

ماٺهوءَ جي هر سپني ڪي. هڪ اداس صبح ڏاهپ جي ڏوهه ۾ مليل طلاق جو ڪاغذ بيگ ۾ وجهي هوءَ ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ هلي آئي اسڪول ماسترياڻيءَ جي حيثيت ۾. اهو هو هن جي سموري جيون ناٽڪ جو ڪلائمڪس. گمنامين جي انهن اونداهين غفائن ۾ اچي هن پنهنجون سموريون ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون ڦاڙي ڇڏيون هيون، پنهنجا چتر ساڙي ڇڏيا هئا. ماٺهو بيحد آسانيءَ سان جيئندو آهي، مرڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لاءِ. اڄ هو نجاڻ ڪيئن هن کي ڳوليندو اچي نڪتو هو. هن کي ائين آڏو ڏسي حيران به نه ٿي هئي. (زندگيءَ جا سمورا هاڃا سندس عادت بڻجي ويا هئا) وقت ٻنهي کي پوڙهو ڪري ڇڏيو هو، پر هوءَ ڪنڌر بڻجي چڪي هئي ۽ هو اڃا به مضبوط ۽ آباد هو. زندگيءَ جا سمورا سک سندس چهري تي اُڪريل هئا. ماٺهو جنم پل کان آدرش مت ۾ پري حياتيءَ جي چتي ويڙهه ۾ ڪاهي پوندو آهي ۽ ڪو پل اهڙو به ايندو آهي، جڏهن آدرش واٽ تي ڪوئجي ويندا آهن، مٺ خالي ٿي پوندي آهي ۽ هٿ ترِيءَ تي رهجي ويندڙون آهن هڪ ٻي کي ڪٽيندڙ ريکائون.

هن سگار ڪيس مان هڪ ٻيو سگار ڪڍي دکايو. دونهون چوڏاري ڦهلجي ويو هو، مهراڻ جي چهري تي ۽ مريم جي اکين منجهه. رات هوريان هوريان دريءَ کان ٻاهر لنگهندي ٿي وئي. چنڊ جي هيڊي اُداس روشني مريم جي چهري تي ڦهلجي آئي هئي.

”مريم!“ هو ٻڙڪيو.

”هون!؟“ هوءَ ڪليل دريءَ ۾ اچي بيٺي.

”مان توکان ڌار رهي جيئندي به ڄڻ مرندو رهيو آهيان.“

هوءَ چنڊ جي ميرانجهڙيءَ روشنيءَ ۾ بيحد اداسيءَ منجهان مرڪي پئي هئي. ڄڻ هن ڪا بي معنيٰ ڳالهه ڪئي هجي. انيڪ سال اڳ هوءَ انهن لفظن جي آسانگي تي جيئندي هئي.

”مان تو بن ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان مريم! سپنا ۽ آدرش جيڪي تو وٽ ڇڏي ويو هئس، انهن گهڙيءَ گهڙيءَ منهنجو پيڇو ڪيو آهي مريم! هل موٽي هلون. مون پنهنجي گهر جي هر ڪنڊ ۾ تنهنجي ڪمي محسوس ڪئي آهي. منهنجي زندگيءَ جو هر سک تو بن اڌپورو آهي.“

هوءَ اداسيءَ واريءَ نوع ۾ مرڪندي رهي.

”منهنجي بنگلي جي لان ۾ انيڪ ساوا وڻ آهن، پر انهن هيٺ تون ويٺل ناهين. ڪار ڊرائيو ڪندي پر واري سيٽ تو بن مون کي تهائين خالي محسوس ٿيندي آهي — مريم! مان جاڳندي سپنا ڏسندو آهيان، تنهنجو هٿ پڪڙي سمنڊ ڪناري هلڻ جا — مان — مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. مون وٽ سڀ ڪجهه هوندي ڄڻ ڪجهه ناهي — منهنجو سڪون تنهنجي هٿ ترِيءَ ۾ رهجي ويو آهي.“

www.sindhsalamat.com

مريم بيحد دک منجهان پنهنجي ڪليل هٿ جي ترِي ڏٺي، جنهن منجهه ڪجهه به نه رهيو هو. سڪون، جنهن لاءِ ماڻهو بن بن پٽڪيو آهي، اهو سڪون ڪٿي به ناهي. محض هڪڙو لفظ آهي ۽ لوڪ پاڳل ٿي پيو آهي ان لفظ جي پويان. هوءَ چپ چاپ، ڏڙڪندڙ من سان هن کي يڪ ٽڪ ڏسندي رهي. ڪڏهن هن انهيءَ شخص جو ٻٽجڻ چاهيو هو. اڄ هو ڪيڏو اوپرو هو لاڪاس . ڪائنس پنهنجن سپنن جي بيک گهري رهيو هو. اوهه – خدا!! زندگيءَ ۾ ڪيترا پل موت جا آهن. ماڻهو جي آس پاس موت جو واسو آهي. – مهراڻ! مان جا هن پل ڪنهن زنده وجود جيان ويٺي آهيان تو اڳيان، تون نه سمجهي سگهندين ته مون ڪي مُئي جڳ لنگهي ويا آهن. جيڪي سپنا ۽ آدرش پاليندا آهن من ۾، انهن جي جيون ناٽڪ جو ڪلائمڪس اهو ئي ٿيندو آهي. تون اهو سڀ سمجهي نه سگهندين. تنهنجي بنگلي جي گيٽ تي بيٺل سپاهي تنهنجن احساسن تي به پهرو ڏيندا آهن. تنهنجي ڊرائيونگ جي رفتار پلا ڪڏهن تنهنجن احساسن جو ساٿ ڏيندي هوندي ۽ ٿڪجي ته مان به پئي آهيان. سڪون نه مون وٽ آهي نه تو وٽ آهي، سڪون ڪٿي به ناهي.

هوءَ ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيو بند اکين سان سوچيندي رهي.

”مان تنهنجي انهيءَ ماٺ کي ڇا سمجهان مريم؟“

هن اکيون پٽي مهراڻ ڏانهن نهاريو. هن جي بلڪل مٿان بيٺو هو. هن جو پاڇولو مريم جي وجود تي ڦهلجي آيو هو.

موت ۾ هن پنهنجو هٿ نه وڌايو هو. بس آگميل نيڻن سان هن جو مک تڪيندي رهي هئي. ڳوٺ جي مسجد ۾ فجر جي بانگ اچي رهي هئي. ٻنهي جو من هوريان هوريان ڏڙڪندو رهيو هو. هوءَ ڪرسيءَ تان اٿي بيٺي ۽ مهراڻ جو وڌيل هٿ ٺاريءَ جيان ڪِري پيو هو. بانگ هلندي رهي. مال جي ڳچين ۾ ٻڌل ڇڙن جا مڌر مڌر آلاپ شروع ٿي ويا هئا.

”مهراڻ!!“ سانت جي مهاساگر منجهان هن ٻوليو هو.

”صبح ڪڏهن به نه ٿيندو مهراڻ! انهيءَ اونداهيءَ ۾ جيئڻو ۽ مرڻو آهي، سڏڪي سڏڪي ساهه ڏيڻو آهي. هاڻ ته مون پنهنجا پير به وڍي ڇڏيا آهن. مان ڏاڍي ٿڪجي پئي آهيان. آخري وک به نٿي وڌائي سگهان. صبح ڪڏهن به نه ايرندو، تڏهن به مان آس جو هڪڙو ننڍڙو ڏيئو ٻاري رکڻ ٿي چاهيان. سالن پڄاڻان ئي سهي مون وٽ پڙهيل ڪنهن هاري ناريءَ جي پٽ ان ساڳي ويڙهه ۾ ڪاهي پوندو – تڏهن به ان کي مان پنهنجن سپنن جي ساڀيان ڀائيندس. مان هتي ئي ٺيڪ آهيان، بلڪل ٺيڪ آهيان.“ آگميل نيڻن سان ڪيس ڏسندي هوءَ کن لاءِ چپ ٿي وئي.

”پر – مريم!! صبح ته تڏهن به نه ايرندو شايد.“ مهراڻ جي آواز ۾ زهر پرجي آيو هو.

www.sindhsalamat.com

”ها پر – ڏيئي منجهان ڏيئو نہ ٻرندو آهي نہ.“ هيڪر وري هن جي اندر جي مري ويل انقلابي عورت ساهہ کڻڻ لڳي هئي.

”مهراڻ! هن وشال ڪائنات ۾ منهنجي ڪهڙي حيثيت آهي؟ انهيءَ جي ڪٿ ڪانہ لڳائي اٿم. منهنجو اهو گمان غلط هو تہ هيءَ ڪائنات مون لاءِ جڙي آهي. مان تہ گهر ۾ پيل اها بيڪار شيءِ آهيان، جنهن جو ڪوبہ مصرف نہ هوندو آهي. پر جنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ۾ ايڊجسٽ ڪرڻو ئي پوندو آهي.“

”مان – موتي وجان – م – ر – ي – م؟!!“ هو ڏک منجهان پڙڪيو.

دريءَ کان ٻاهر پولارن ۾ نهاريندي هوءَ پڙڪي: ”ها – توکي موتي وجڻ ئي گهرجي – هن جيٽ ايج ۾ بہ گهٽو گهٽو پوئتي پيل ننڍڙي ڳوٺ کان ٻاهر حياتيءَ جا سيئي سک تنهنجي آجيان لاءِ بيٺا آهن – توکي موتي وجڻ گهرجي.“ اهو سڀ چوندي هن جا ڪمزور ۽ هيڊا (سرنهن جي گلن جهڙا) هٿ پڳهر ۾ شم تي ويا هئا. هو صبح جي ڦهلجندڙ گلابي روشنيءَ ۾ - بيحد اداس من سان ٻاهر نڪري آيو هو. ٻاهر بيٺل هن جي جيپ ماڪ ۾ پسي وئي هئي. هوءَ ٻاهر هن کي خدا حافظ پڻ چوڻ آئي هئي. ٻاهر روشنيءَ ۾ اچي هن مريم کي ڏٺو. ائين ڀانيو هئائين ڄڻ هوءَ ورهين جي بيمار هجي. هن جي اداس نيڻن ۾ پيڙا جو جيڪو مهاساگر وهندو تي ويو – مهراڻ کن لاءِ انهيءَ ۾ ٻڏي ويو هو.

صبح جي گلابي روشنيءَ ۾ مهراڻ کي هن آخري ڀيرو ڏٺو. بلڊ ڪينسر جيان کو اڇاتو ڏک هن جي رڳ رڳ ۾ ڦهلجي ويو هو. جيپ ڌوڙ اڏائيندي نيڻ نهار کان الوپ ٿي وئي هئي.

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو زهر

هن جي جمڻ جو اوسيئڙو به ڪيڏو هئن، پر نياڳي جائي به ته ائين جو سموريون آسون اميدون بي موت مري ويون. جمندي ئي بک جو شديد احساس پيٽ ۾ لڪائي ائين روئندي سڏڪندي آئي، ڄڻ هن لاءِ هن جڳ ۾ ڪير جي سبيل ورهائجي رهي هجي. هوءَ هئي به ته اهڙي جو ڪيس ايڏن سورن سان ڄڻڻ واريءَ ئي نفرت منجهان اکيون پوري ڇڏيون. هن جو جنم ماڻس لاءِ ائين به نئون هو جو انهيءَ ڏينهن مڙس دل تي ڪتيو هئس، جنهن ۾ سور اچي ٿيا هئس. انهيءَ ڏينهن هو دل تي نشو ڪري آيو هو ۽ اچڻ سان ئي متس موچڙن جو ستڪو لائي ڏنو هئائين، جو ڪيس شڪ هو ته جوڻس ڪي اهو ڪنهن ٻئي مان ٿيو آهي. ائين هن جي جمڻ جو ڏينهن به هن وانگر نياڳو ٻڌجي ويو ۽ جڏهن هن ماءُ جي پيٽ مان منهن ٻاهر ڪڍيو هو، تڏهن ماڻس سموري ڪائنات جون نفرتون پنهنجي من ۾ پڪيڙيون پانيون هيون. نه ته هن ڪان اڳ به هن اٺ جيئرا جاڳندا ٻار جنم ڏنا هئا. جنهن ڏينهن هن کي سور ٿيندا هئا، انهيءَ ڏينهن مڙس متانهس سؤ پيرا پيو صدقي ٿيندو هو، پر اهي ٻار هوندا به ته چند جهڙا هئا. سدا ملوڪ، ماءُ پيءُ وانگر موچارا. تڏهن ئي اسپتالن جي معرفت بي اولاد ماڻهو چڱي اگهه تي ڪٽي ويندا هئا ۽ پوءِ ڪڏهن به هنن جي سار نه ايندي هئس ۽ ڪير جيڪو هن جي چاتين ۾ پرجي ايندو هو، اهو به چڱي اگهه تي ڪنهن ٻار جي آيا ٻڌجي وڪٽي ڇڏيندي هئي. ائين سمورو سال سک سان لنگهي ويندو هئن. تڏهن ته مڙس آپريشن ڪرائڻ نه ڏيندو هئس. ڄڻ هوءَ عورت نه هجي ٻار ڄڻڻ جي مشين هجي.

پر هن ڀيري هوءَ جائي هئي ته اهڙي ڪاري جو متس اونداهيءَ رات جو گمان ٿئي. ايڏي ڪوجهي جو ڏسڻ تي دل نه چوي. ايڏي ڪمزور ۽ بيمار جو هڏن جي پڃري جو گمان ٿئي. مڙس ته اڳئي متانهس بگڙيو وينو هو. ويتر هن کي ڏسي پڪ تي ويس ته اهو پيٽ جوڻس کي ڪنهن ٻئي مان هو. هاڻ الله جيڪر جمڻ واري جي پنيءَ تي هن جي پيءُ جو نالو به لکي ڇڏي ته ڪيڏو نه چڱو ٿئي. پلا هوءَ سال به سال پاٽيءَ مان پريل مٽ جهڙو پيٽ ڪٽي ڪنهن سان ياري رکندي هوندي. ڀيو به الله کي ڪل ته هوءَ ايڏي ڪوجهي ڇو جائي هئي، جو هن کي ڏسڻ لاءِ به دل نه چوي.

هن جي ڪنن ۾ ٻانگ به نه ڏني وئي، بس ائين ئي هن جو نالو ڪاري پئجي ويو. هوءَ هفتو سجو اسپتال ۾ پئي هئي، پر ڪوبه هن جو گراهڪ نه ٿيو. البت هن جي پتيءَ جو ڪير ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي نئين جاول ٻار جي حصي ۾ هليو ويو ۽ هوءَ وچ جهڳيءَ ۾ پئي

www.sindhsalamat.com

ائين سڏڪندي هئي، ائين رڙهندي هئي جڻ آسمان جي اوچائين تان ڪنهن ڌڪو ڏئي پستين ۾ اڇلايو هجيس.

پٽس جي نرڙ تان گهنڊ نہ لٿو – ڇئي رن نياڳي! موچاري شڪل آٽي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ اٺ نو سؤ تہ نڪري اچن ها. ۽ جڏهن پيرين پنڌ ڪرڻ لڳي ۽ ٻاتائي ٻاتائي ماني گهرڻ لڳي، تڏهن وڏي اوسيئڙي ڪان پوءِ ماٽس جو پيٽ ٻاهر نڪتو. هاڻ پٽس جي نرڙ جا گهنج ڪنهن قدر گهٽجي ويا هئا. هوءَ مانيءَ جي سين هٽندي هئي تہ پٽس "رن حرامڙي" ڇئي پيرن مان موچڙو لاهي هٽندو هئس – وچي ماٽهين جي چڳهہ ڪان ماني گهر جنهن جو اولاد آهين.

تن ڏينهن ئي مون هن کي ڏٺو هو. اگهاڙي، ڪاري ڪوجهي، سڄو بدن ۽ وار ڌوڙ ۾ لٽيل. سموري پاڙي ۾ وائڙي وائڙي ڦرندي هئي. هڪڙي مانيءَ جي سين هن جي سڪل نوٽ چپن تي، هن جي آلين اکين ۾ پڪڙيل هوندي هئي.

ٻار ڪٽس چيڙائڻ لاءِ چوندا هئا: "ڪاري! ماني ڪائيندينءَ؟" هوءَ يڪدم هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوٽي ڇڏيندي هئي. ٻار هن کي ماني ڏيکاري ڊوڙڻ لڳندا هئا ۽ هوءَ بہ ڪنهن بکايل ڪتيءَ وانگر، وات ڦاڙي پويان پويان ڊوڙندي هئي. پوءِ جڏهن ٻار انهيءَ تماشي مان ٿڪبا هئا، تڏهن ماني اڳيان اُڇلائي ڇڏيندا هئس.

نہ ڄاڻ ماٽس ڪڏهن ڪم ڪار تان موٽندي هئي ۽ هن کي ٻانهن کان جهلي وچي جهڳيءَ ۾ اڇلائيندي هئي. هن کي گهر ۾ مانيءَ جو سڪل ٽڪر بہ نہ ملندو هو. هِتان هُتان پني سني پيٽ پريندي هئي. اڳي پٽس نشو ڪري ايندو هو تہ رڳو ماٽس جون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ ايندڻون هيون. پر هاڻ تہ گڏوگڏ هن جون ڪيڪون بہ ٻڌڻ ۾ ايندڻون هيون. عجيب عذاب هوندو هو هن جي ڪيڪن ۾، جڻ سموري ڪائنات تي خدا جو عذاب نازل ٿي رهيو هجي. ٻئي ڏينهن هوءَ سموري پاڙي ۾ پنهنجي بدن تي لڳل ڪارا نيرا نشان ڏيکاريندي وتندي هئي ۽ ٻڌائيندي وتندي هئي تہ رات پٽس، ماٽس کي اُگهاڙو ڪري ٻوٽ سان ماريو هو. پر ماٽس کي تہ جڻ پرواهہ ئي ڪانہ هئي. هوءَ صبح ساڻ هار سينگار ڪري بنگلن ۾ ڪم تي هلي ويندي هئي. هاڻ نجاڻ ڪيترا ڦٽ هوندا هن جي ڪپڙن اندر لڪل.

هوءَ اسان جي گهر بہ ايندي هئي. در تي اچي مانيءَ جي سينَ هٽندي هئي. جي ماني نہ ملندي هئس تہ اُتي ئي پٽ تي ائين روئڻ لاءِ ويهي رهندي هئي، جڻ پٽس جو ڪو گهر هجي، پر پيءُ جي گهر تہ هن جي ايتري بہ حجت ڪانہ هئي. اسان جي ڏاڏي پنج ئي وقت نماز پڙهڻ واري، جيسين تائين جاڳندي هئي، وضوءَ ۾ رهندي هئي. هن کي ڏسي پريان ئي رڙ ڪندي هئي: "رن هيڏانهن متان اچين، سيني کي پليت ڪندينءَ." هوءَ هيسجي اتي ئي بيني هوندي هئي. "وٺ ماني." ڏاڏي ماني اڇلائي ڏيندي هيس ۽ هوءَ ائين پٽ تي پيل مانيءَ ڏانهن ڊوڙندي هئي جو پل اپل لاءِ مٽس گمان ٿيندو هو بکايل ڪتيءَ جو.

www.sindhsalamat.com

اسان جن بنگلن جي پويان جهڳين جي ۽ مٽيءَ جي ڪچن گهرن جي هڪڙي قطار هئي. انهن مان هڪڙي جهڳي هنن جي به هئي. پنئين پاسي جي درين مان هنن جو پاڙو نظر ايندو هو. مون به انهن درين مان هڪ وار ڪيس پاڙي جي لوفر ڇورن اڳيان نچندي ڏسي ورتو. هن جو اڌ اگهاڙو، ڪارو ۽ بيمار بدن نچندي ڪيڏو عجيب لڳو هئم ۽ ڇورن جا ٺهڪ هئا، جي اوچا ٿيندا ٿي ويا ۽ پوءِ جڻ اهو سڀ ڪجهه هر ڪنهن ڪي تماشو ٿي هٿ آيو. ”ڪاري نچي ڏيکار ته آنو ملندئي، ماني ملندئي.“ ۽ حڪم ملندي ئي هوءَ نچڻ لڳندي هئي. نچڻ مهل هن جو نڪ پيو وهندو هو ۽ ساهه پرجي ايندو هئس. اکيون پورجي وينديون هئس. عجيب تماشو هوندو هو هن جي ناچ ۾، جو رڳ رڳ ۾ زهر پکڙيو محسوس ٿيندو هو ۽ چپن تي مرڪ پکڙجي ايندي هئي.

هن ڪان پوءِ ٿي پيرا ماڻس ڪي پيٽ ٿيو پر ٽن ڏينهن ڪان پوءِ بار کهائي ٿي ويندو هئس، جڻ ڪنهن ڪامياب بزنس مين جو بزنس اوچتو ئي اوچتو تباهه ٿي وڃي. نياڳي اهڙو نياڳ ڪٿي آئي جو برڪت ئي ڪجي وئي. جنهن ڏينهن ماڻس جو بار کهائي ٿيندو هو، پٽس زمين آسمان ڪٿي هڪ ڪندو هو. اهڙيون اهڙيون گاريون ڏيندو هو جو امان اسان جو اڱڻ تائين نڪرڻ بند ڪري ڇڏيندي هئي. هن جو آواز اسان جي گهرن تائين پهچندو هو. پڇاڙيءَ ۾ ڪاريءَ جون ڪيڪون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون، جڻ ڪائنات تي خدا جو عذاب نازل ٿي رهيو هجي.

شهر ۾ ماتا جو مرض پکڙيو ته اسان جي پاڙي ۾ سڀ کان پهرين ڪاريءَ تي حملو ڪيائين.

”خدا ڪو موت ڏي هن نياڳيءَ کي.“ پٽس جي رنپ اسان جي گهرن تائين گونجندي هئي ۽ هوءَ هئي جنهن مرڻ جو نالو ئي نٿي ورتو. جڻ ماءُ جي پيٽ مان ئي صديون جنم جيئڻ جو پهه ڪري آئي هئي. پٽس انعام جي لالچ تي ڊاڪٽرن کي اطلاع به ڏنو، پر ڪوبه اوهي واهي نه وريو. هوءَ پاڻ ئي پاڻ چاق ٿي وئي. مون هن کي بيهر گهٽيءَ ۾ نچندي، پنهنجي چاقائيءَ جو جشن ملهائيندي ڏٺو. هن پيري مٿس ڪنهن پراڻي تربت مان نڪتل لاش جو گمان ٿيندو هئم. اهڙو لاش، جنهن جي رڳن ۾ زندگي اڃا باقي هجي. گوشت هن جي بدن تي اڳ به ڪونه هو، هاڻ ته جڻ هڏن جو پڃرو هئي. سندس چهري تي ماتا جا انيڪ داغ پکڙيل هئا ۽ سندس هڪڙي اک ختم ٿي وئي هئي. ڪيڏو پوائتو هو هن جو رقص، موت جو رقص، زندگيءَ جو رقص.

”ڪاري! ماني کائيندينءَ؟“ ڪنهن هن کي ماني ڏيکاري. ماني ڏسي هن جي هڪڙي اک جرڪڻ لڳي، هن جي پوائتي چهري تي زندگيءَ جي لهر پکڙجي آئي.

www.sindhsalamat.com

”ڏي – ڏي – ماني ڏي“ جي سينَ هٽندي هوءَ ائين پويان پڳي جڻ ڪو ڏاڙيل هن جي زندگيءَ جو سمورو حاصل ڪنيو پيو وڃي. آئون اڄ به سوچيندي آهيان ته شڪليون متجي وڃن پر پيٽ جي بک جو انداز نٿو متجي سگهي. هڪڙي سڪل، پاروتي مانيءَ جو ٽڪر هن جي زندگيءَ جو سمورو حاصل هو. ماٽس جو بزنس تباهه ٿي ويو. پٽس نشي جو ماريل الاءِ ڪيڏانهن هليو ويو. جوٽس ٻڌائيندي هئي ته جوا جو اڏو هلائيندو آهي ۽ دلالي ڪندو آهي ۽ هوءَ جا روز هار سينگار ڪري وڏن ماڻهن جي زالن جا لاٿل ڪپڙا پائي ڪم تي ويندي هئي، جنهن جي ڏيءَ ڦاٽل ڪپڙن ۾ مانيءَ جي سينَ هٽندي هئي ۽ پاڙي جي لوفر ڇورن اڳيان هڪڙي آني جي لالچ تي نچندي نچندي ساٿي ٿي پوندي هئي. اها هڪ ڏينهن اسان جي گهر آئي. امان کي هن بي غيرت ڪان ازل جي نفرت هئي. آئي ته سجاٽپ ۾ نه پئي اچي. ڦاٽل ڪپڙن ۾، بک هن جي سڪل نوٽ چپن تي اٽڪيل، بيمار ۽ لٽيل. نجاڻ ڪهڙو پل هو جڏهن ڪيس ڏيٽس جو پاراتو لڳو هو. اچڻ سان ئي امان جي پيرن تي ڪري پئي، ”هڪڙي پنجاهي رپين جي الله جي نانءَ تي ڏيوم، پلي گرويءَ ۾ اوهان ڪاريءَ کي رکو.“ ڪيڏو لوپ هو هن جي اکين ۾، ۽ ڪيڏو عذاب هئس ڇهري تي پکڙيل. امان نفرت مان هن جي هٿن مان پنهنجا پير ڇڏائيندي چيو: ”مائي! اسان ڪو ڇوڪرين جي بازار کولي آهي ڇا؟“ انهيءَ مهل ڪيڏو دل چيو هيم ته سموري ڪائنات ڏئي هن جو پوائتو وجود خريد ڪيان. ايڏو مهانگو به ته نه هو هن جو وجود. دنيا جي هر شيءِ کان سستو ئي ته هو. هن به گهر گهر وڃي ڏيٽس جو هوڪو ڏنو، پر هوءَ اهڙي بيڪار شيءِ هئي، جنهن لاءِ ڪو گراهڪ ڪونه هو.

ڪنهن چيو: ”نه اڙي امڙ! منهنجا يار ته هن کي گهٽيءَ ۾ ڏسيو ئي ڏجيو وڃن، هن کي گهر ۾ ڏسي ته هو اندر پير ئي ڪونه رکندا.“ ائين هن جو وڪرو نه ٿيو ۽ هن جي بازار ته صرف گهٽيءَ ۾ ئي لڳندي هئي.

پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن هوءَ ڪاريءَ کي وٺي الاءِ ڪيڏانهن هلي وئي. گهٽين ۾ گونجندڙ مانيءَ جي سينَ ختم ٿي وئي. هڪڙو سرڪس هو، جيڪو ڪجهه ڏينهن تماشو ڏيکاري ڪنهن ٻيءَ پر هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن به مون مانيءَ جو ڪو گراهه ڪنيو، هانوَ تي هُري آيو هن جو پوائتو چهرو ۽ بڪايل اکيون. ۽ پوءِ ٻن ٽن سالن کان پوءِ، جڏهن ڪاري اسان کان وسري وئي، تڏهن ماٽس موٽي آئي. پر هن پيري ڪاري ساٽس گڏ نه هئي.

”ڪاريءَ کي مون وڪڻي ڇڏيو.“ هن ڏاڍي مانَ سان اها خبر ٻڌائي: ”مون هن کي هزار روپين ۾ وڪڻي ڇڏيو.“ ڪاري ڏاڍي سستي وڪاڻي. هوءَ اسان جي گهرن ۾ نه وڪاڻي پر هڪڙي جاءِ اُها به هوندي، جتي عورت جي هر ڪا شڪل، هر ڪو جسم، هر ڪو روپ وڪامجي ويندو آهي، رڳو اگهه پار جو فرق هوندو آهي. ڪاري به اُتي هزار ۾ وڪامجي

www.sindhsalamat.com

وئي. انهن پيسن مان ماڻس پلش جو هڪڙو سيڪنڊ هينڊ گلابي وڳو جهوني مارڪيٽ مان ورتو هو، جيڪو بدن تي اوڍي هوءَ اسان ڏانهن موٽي آئي هئي. هڪڙي ڏينهن روئندي پٽيندي آئي. سندس مڙس ٻي زال وڃي ڪئي هئي، جيڪا هن کي سال ٻه سال نئون ۽ موچارو ٻار ڏئي تي سگهي. آئون ڦرجي ويس جون صدائون چوڌاري پڙلاءُ بڻجي گونجڻ لڳيون. اسان سڀ لڪي، هن جو تماشو ڏسڻ وياسون. جهڳيءَ ۾، هڪڙيءَ چنل کٽ تي هوءَ اونڌو منهن ڪيو پئي هئي. هن کي اهو ئي پلش جو گلابي وڳو پيو هو. چولو هن ڦاڙي ڇڏيو هو. وارن ۾ ڌوڙ پري ڇڏي هئائين. نونٽ تائين جيڪي چوڙيون پائيندي هئي، انهن جا انيڪ ٽڪر پٽ تي وکريا پيا هئا. هن جو سهاڳ سلامت هو پنهنجي ٻيءَ زال سان گڏ. هن جا اٺ خوبصورت ٻار، انهيءَ لمحي زندگيءَ جو حسن ميڙيندا هوندا. هن جي ڪاري ڪوجهي ڌيءُ هٿون هٿ وڪامجندي هوندي. انهيءَ لمحي هوءَ ڪنهن ڏهاڳڻ وانگر ائين ماتم ڪري رهي هئي، جنهن جي مڙس جو جنازو هن جي آڏو رکيو هجي. جيڪا ڦوهه جواڻيءَ ۾ ڏهاڳڻ تي وئي هجي، جنهن جو مڙس هن جي هنج ۾ ڪاٻه نشاني نه ڇڏي ويو هجي.

هن اکيون پٽي اسان ڏانهن نهاريو. ڪيڏي وحشت هئي هن جي اکين ۾. هوءَ اٿي ۽ ڊوڙي اچي مون کي ٻاڪرن ۾ پريئين: ”منهنجي ڌيءُ، منهنجي ڪاري! منهنجي ڪاري ڌيءَ.“ انهيءَ لمحي هرڪو چهرو هن کي ڪاريءَ جو چهرو نظر تي آيو. هن جي ٻانهن ۾ سموري ڪائنات جي طاقت هئي. آئون هن جي ٻانهن مان پاڻ ڇڏائي ڀڳس. هوءَ ٻه پويان ڊوڙندي آئي. وات تي جيڪو ٻه ٻار ڏٺئين، انهيءَ کي ”منهنجي ڪاري ڌيءَ“ چئي ڪٽي ٻاڪر وڌائين. سوچيندي آهيان، هن ڪاريءَ ڪان سواءِ ٻه اٺ ٻار جنم ڏنا، پر انهيءَ لمحي ڇو هڪڙيءَ ڪاريءَ جو چهرو هن جي ذهن ۾ واسو ڪري ويو؟ هڪڙيءَ ڪاريءَ جي ئي نانءُ جي صدا ڇو هن جي چپن تي اٽڪي پئي هئي؟ چاق ٿيندي هئي ته ڪم تي هلي ويندي هئي. دورو پوندو هئس ته سڄاٽپ ۾ ڪانه ايندي هئي. مڙس وٽ وئي ته سندس ڀهاج ڌڪا ڏئي ڪڍيس. مڙس کي ته ازل ڪان هن کي مارڻ جي عادت هئي، سو هوءَ بدن تي ڪارا نيرا نشان سجائي موٽي آئي. ڪاريءَ کي واپس آڻڻ لاءِ هن پائي پائي گڏي هزار روپيا گڏ ڪيا، پر هوءَ ته وڪامندي وڪامندي الاءِ ڪيڏانهن هلي وئي هئي.

”اڃا ته هن کي ڪاريءَ جون پٽون لڳنديون. اڃا ڪٿي ڪم پيو آهي.“ هن جا سڏڪا ۽ آهون ٻڌي امان نفرت منجهان چوندي هئي. سچ پچ هن کي ڪاريءَ جون آهون لڳيون هيون. قدرت هن کي ڪاريءَ جي شڪل ڏسڻ لاءِ ڪيئن ڪيئن نه ترسايو. ڪاري، جا هن لاءِ واريءَ جو ننڍڙو ذرو هئي، سا هن جي زندگيءَ جي سڀ ڪان وڏي تمنا بڻجي وئي.

www.sindhsalamat.com

۽ ائين ڪيئي ڏينهن لنگهي ويا. هڪ ڏينهن هوءَ الاءِ ڪٿان، الاءِ ڪيئن ڪاريءَ کي پڪڙي آئي. سجي پاڙي ۾ ڳالهه پکڙجي وئي ته ڪاري اچي وئي. امان ته هاڻ اسان جو گهٽين ۾ نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو هو، نه ته ڪيڏو دل چيو هيم ته ٻاهر ڊوڙي وڃي ڪاريءَ جي آجيان ڪيان. دريءَ جي ڄاريءَ جي پويان ڪان مون گهٽيءَ مان ڪاريءَ جو جلوس لنگهندي ڏٺو. اهو ئي پوائنٽو چهرو، اها ئي هڪڙي اک، اهي ئي سڪل نوٽ چپ، جڻ اڄهو هينئر اهي چپ چوندا، "ماني ڏي – ماني ڏي." پر اهي چپ نه چريا. مون حيران اکين سان ڏٺو. هن جو پيٽ ڦوڪٽي وانگر ڦوڪيل هو. هن جو قد اڳي کان گهٽو وڌي ويو هو. ڪاري جوان ٿي وئي هئي. هاڻ هوءَ گهٽين ۾ نچڻ واري ٻار نه هئي. انهيءَ جو ثبوت هن جو ڦوڪٽي وانگر ڦوڪيل پيٽ هو.

هن سان گڏ ماڻس به هئي. هلندي هلندي ڪٽي پاڪر ٿي پاتائينس يا هن جو پوائنٽو چهرو ٿي ائين چميائين، جڻ اهو ڪاريءَ جو چهرو نه پر ڪو مقدس ڪتاب هجي. ڪيڏو عذاب هو ڪاريءَ جي چهري تي ۽ ڪيڏي زندگي هئي هن جي ماءُ جي اکين ۾. ڪاري اچي ته وئي، پر هوءَ جهڳيءَ کان ٻاهر نه نڪرندي هئي. هوءَ مانيءَ جي سين نه هٽندي هئي. ڪڏهن ڪو ڪو لوفر ڇورو نندپڻ ۾ ڪاريءَ کي ماني ڏيڪاري چيڙائڻ وارو، هنن جي جهڳيءَ جي اڳيان لنگهندو هو ته چئي ڏيندو هو: "ڪاري! ماني کائيندين؟" وراڻيءَ ۾ ماڻس ٻاهر نڪري ايندي هئي: "ماني وڃي ڪاراءِ ماڻهين ۽ پيٽين کي، ماني ڪاراءِ پنهنجين جوئين کي."

مون کي ڏاڍي سڌ هئي ته ڪاريءَ کي گهٽيءَ ۾ نچندي ڏسان، هن کي مانيءَ جي سينَ هٽندي ٻڌان، پر هوءَ ته موت جهڙي سانت ڇپن تي اتڪائي آئي هئي. ماڻس کي جڻ ڪو خزانو ملي ويو هو. ڏينهن رات جڻ ڏيٽس جي پوڄا ڪندي هئي. ٻڌو هئم ته ڪاري ماڻس سان ڳالهائيندي ئي ڪانه هئي، ماڻس کي ويجهو اچڻ ڪانه ڏيندي هئي، پر ماڻس ته خوش هئي، بي انتها خوش هئي. هاڻ هن کي دورا به نه پوندا هئا، هاڻ هوءَ پاڙي جي ٻارن پويان به نه ڊوڙندي هئي ۽ ڪاري هئي جنهن پنهنجو نئون روپ نه ٿي مڃايو، جنهن ڇپن تان ماٺ جا قلف نٿي لاٿا، پر ماڻس جي گيان ڌيان ۾ ڪوبه فرق نه آيو.

"پاڙي ۾ ڪنواريون ڇوڪريون وينيون آهن. رن کي ٻاهه لڳي، گناهن جي هڙ پاڻ سان ڪٽي آئي آهي." وڏڙين دڙيو پر ڪنهن ۾ ايڏي طاقت هئي جو ڪاريءَ جي ماءُ جي هوندي ڪاريءَ لاءِ ڪجهه چوي.

۽ پوءِ جنهن رات ڪاريءَ جي ڦوڪيل پيٽ مان گناهن جي انهيءَ هڙ جنم ورتو، انهيءَ رات ڪاريءَ جون پوائنٽيون رڙيون اسان جي گهرن جي بند دروازن کي چيرينديون اسان جي ڪنن ۾ پڙلاءُ ٻڌجي گونجڻ لڳيون. ماڻس در تي هٿ ٻڌي آزيون نيازيون ڪرڻ وئي ته

www.sindhsalamat.com

ڪو ڪاريءَ جو هلي ويم ڪري، نہ تہ هوءَ مري ويندي، پر ڪير وجي؟ هوءَ در در صدا ڏيندي رهي ۽ ڪاريءَ جون ڪيڪون چوڌاري پڙلاءُ بڻجي گونجنديون رهيون، ڄڻ ڪائنات تي خدا جو عذاب نازل ٿي رهيو هجي.

”رن جي بي حيائي تہ ڏسو جهڙو ڪو حرامي ٻار ڄڻائڻ اسان جو ڏنڌو هجي. نياڻيون گهر ۾ وينيون آهن، تنهن ڪان ٻڏي مرجي.“ امان کي ازل کان نفرت هئي. رات جي پڇاڙڪن لمحن ۾ ڪاريءَ جون رڙيون هوريان هوريان ماٺ ٿي ويون، ڄڻ طوفان ماٺ ۾ اچي ويو هجي. ڄڻ قدرت کي سڪون اچي ويو هجي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪاريءَ جي ٻار جي روئڻ جو هلڪو هلڪو آواز ايندو رهيو.

صبح جو ماٽس گهٽيءَ ۾ پاڳلن وانگر پئي ڦري. هن جا ڪپڙا ڦاٽي ويا هئا، هن جي وارن ۾ ڌوڙ پريل هئي، هن جي اکين ۾ ڪائنات جي سموري وحشت هئي ۽ هن جي هنج ۾ ڪاريءَ جي اڃي موچاري ڌيءَ هئي، جنهن کي ڇاتيءَ سان لڳايو هوءَ رڙيون ڪري رهي هئي: ”منهنجي ڪاري مري وئي، هاءِ منهنجي ڪاري مري وئي – مون سان ظلم ٿي ويو – مون سان ڪِيس ٿي ويو.“ هوءَ ڪاريءَ جي ڌيءَ کي هنج ۾ کڻي وچ گهٽيءَ ۾ ويهي رهي، لڙڪن جي قطار ڳلن تي پکڙي آيس. ڪاريءَ جو ناڻُ هن جي سڪل نوٽ چپن تي اٽڪيل هو. ماٺهو اهو نئون تماشو ڏسڻ لاءِ هن جي چوڌاري ٻينا هئا. هوءَ هر ڪنهن کي ڪائنات جو سڀ کان وڏو الميو ٻڌائي رهي هئي. ”ڪاري مري وئي.“ هن جي هنج ۾ ڪاريءَ جي ڌيءَ ٻک کان روئڻ لڳي. هن روئندي روئندي هن ڏانهن نهاريو، پوءِ اوچتو هن کي ڇاتيءَ سان لڳائي چوڻ لڳي: ”منهنجي ڪاريءَ کي ٻک لڳي آهي – ڪاري ماني کائيندي – ڪاري ڪير پيئندي.“ هن پنهنجو ڦاٽل چولو مٿي ڪنيو ۽ پنهنجي سڪل پوڙهي ڇاتي ڪاريءَ جي ڌيءَ جي وات ۾ وجهي ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com

انسان

سج ماڻهوءَ جي من جيان هوريان هوريان ٻڏندو آهي —
ٻڏندڙ سج جي آخري ڪِرڻي ڪن لاءِ تمڪو ڪيو ۽ اُجهامي ويو.
ساڻ ئي اُجهاڻو هو روڊ جي ڪاري ماتمي چاتيءَ تي ڦهليل سندس پاچولو —
هو پنهنجي سڄاڻپ ڪان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي —
ائين ڀائيندو آهي ڄڻ سندس سڃاڻپ ڪنهن تيز رفتار بس هيٺ اچي چيپاڻجي مري چڪي —
”ڪير آهيان مان!!؟“
”هن شهر ۾ ڪهڙو نڪاڻو آهي منهنجو!!؟؟“
هو ڪلهن تي پنهنجي صليب ڪنيو پيو هلي —
هن ڌرتيءَ جي اهڙي ڪهڙي ڪنڌ آهي جتي هو اهو ڀاري صليب ڪوڙي سگهي —
(پنهنجو پاڻ مصلوب ڪرڻ لاءِ- ۽ هر ماڻهو صليب تي ٽنگيو پيو آهي)
ڌرتيءَ جي هر ڪنڌ تي جنگ جو خطرو آهي —
امن ناهي —
ماڻهوءَ جي سڙندڙ رت ۽ ماس جي باس آهي —
گهر — خوبصورت ۽ سجايل گهر —
ٻار — گلن جهڙا
عورتون — جن جي انگ انگ ۾ مٽيءَ جي سُڳنڌ آهي —
مڙد — جن جي ٻانهن جي گهيري ۾ ڪائنات آهي —
ڇا سڀ ڪجهه ناس ٿي ويندو!!؟
او خدا!!
ڇا سڀ ڪجهه ناس ٿي ويندو!!؟
ڌرتيءَ جي اُجاڙ — پوڙهي ڇاتيءَ تي بس رهجي ويندا مئل ماڻهن جا هڏا!!
هڏا، جيڪي هوريان هوريان مٽي ٿجي ويندا —
مٽي ماءُ آهي —
هو پنهنجي سڃاڻپ ڪان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي —

www.sindhsalamat.com

سندس اکين منجهہ جنمن جا اوجاڳا آهن –
شهر جي سمورن رستن ۽ گهٽين ۾ هن جي پيرن جا نشان آهن –
سمورن بند دروازن جي ڪنور چاتين تي هن جي هٿن جا نشان آهن –
(گهر – قبرن سمان بند آهن. هر گهر ۾ جيئرا ماڻهو مئا پيا آهن) –
هو آهي جو نہ جيئي ٿو نہ مري ٿو ۽ هي جيئڻ بہ ڀلا ڪو جيئڻ آهي!! (سوچي ٿو!!)
گگهہ اونداهي آهي، جنهن منجهہ عالمي طاقتن جا ڪارا ايٽمي ڏند ڪرت – ڪرت ٿا ڪن –
نيوٽران بم جو زهر سندس رڳ رڳ ۾ لهندو ٿو اچي –
سندس هرڪا وک اوجها سيني توريئم ڏانهن ٿي کڄي –
۽ هو روز تصور ۾ U.N.O جي عاليشان بلڊنگ کي باهہ لڳائيندو آهي–
هو روز تصور ۾ هائيڊ پارڪ ۾ مظاهرو ڪندو آهي –
(سندس ملڪ ۾ اهڙن مظاهرن تي پابندي آهي) –
دنيا جي گولي تي رت سِيرون ڪري وهي ٿو –
ماڻهو ماڻهوءَ کي چاٻا ڏئي کائي رهيو آهي –
سڀ ڪجهہ ناس ٿي رهيو آهي –
تصور ۾ ايري ايندو آهيس آفريڪا جو ٻکيو – اُجيو – هڏن مٺ جهڙو ٻار –
بک موت ٻڌجي ڦڙڪائي وئي آهي سندس ماءُ کي –
هو ماءُ جي پگهرندڙ لاش جي سرانديءَ چا وينو سوچي!!؟
چا مان پنهنجي منڙي امڙ – پياري امڙ جي گوشت سان پنهنجو پيٽ ڀري سگهان ٿو!؟
مون کي بک بہ تہ ڏاڍي لڳي آهي –
مون کي بک بہ تہ ڏاڍي لڳي آهي –
هن ٻار کي ڪوئي آهي جو ايٽمي بارود ڪارائي هن جو پيٽ ڀري!!؟
ٻار اٿي ٿو ۽ ماءُ جي چاتيءَ ۾ کپائي ٿو چڏي پنهنجا ڏند –
هو پنهنجي سڃاڻپ ڪان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي –
سندس پيٽ ۾ ڳالهين جا گهاٽا – ڍڳها وڻ آهن جي وڌندا ٿا وڃن –
سندس وات ۾ هڪڙي ڄڀ بہ آهي –
(خدا ماڻهوءَ کي زبان ڏني آهي ڳالهائڻ لاءِ)
ڪوئي اندر ئي اندر ڏونڌاڙيندو آهيس –
ڳالهاءِ – ڳالهاءِ – ڳالهاءِ –
ڇوَ تہ منهنجي آتما آزادي ٿي چاهي

www.sindhsalamat.com

چؤ تہ مان جيئڻ ٿو چاهيان –
چؤ تہ....!!؟؟؟
چؤ تہ....!!؟؟؟؟
هو ڳالهائڻ لاءِ وات کوليندو آهي هوريان – هوريان – ڪو لفظ اڃا ٻولڻ چاهيندو آهي تہ اوچتو وات رت سان ڀرجي ايندو اٿس –
جيڪي ڪجهہ اچي هٿ ترڻ تي ڪِرندي اٿس –
هو ڪيپيل جي هٿ ترڻ تي ڪنيو شهر جي سنسان رستن تي پيو رلندو آهي –
ڪيپيل جي تيسين ناهي ٻيهر جڙي سگهندي،
جيسين تائين هو ڪجهہ بہ نہ اکڻ جو وچن ناهي ڏيندو –
ڪنهن جُڳ ۾ هو "سچ" جي نانءُ سان ڪهاڻيون بہ لکندو هو –
اڄڪلهہ تہ سندس سپئي هٿ آڱريون وڍيون پيون آهن –
هو سڀ ڪجهہ اکيون مڇڪائي مڇڪائي ڏسندو ئي رهندو آهي –
اندر ئي اندر پيو ڪامندو ۽ سڙندو آهي –
(جاڻي ٿو تہ ائين سڙندي پڄرندي مري ويندو هو) –
لوڪ جو خيال آهي تہ شايد هن جا پير وڍيا پيا آهن –
تڏهن ئي تہ هو هڪڙي ئي دائري ۾ پيو ڦرندو آهي –
نستو ٿي ڍهي پوندو آهي –
ساهہ پٽڻ چاهيندو آهي جو پنن تي ڇهڪ جو سٽڪو ٿيندو آهي – هو ٻيهر اٿي ڦرڻ لڳندو آهي –
پڳهر ۾ شم ٿي ويندو آهيس تن ۽ ساهہ ڀرجي ايندو آهيس –
سندس سهڪي جو پڙلاءُ پوڻ ساريءَ تي گونجندو آهي –
(پر لوڪ تہ ٻوڙو آهي ۽ لوڪ ڪي ڪانهي سڌ تہ هر ڪنهن جو ساهہ ڀرجي آيو آهي) –
هن جي اکين تي ڪوپا چڙهيل آهن –
پر – هو انهن منجهان بہ ڏسي سگهندو آهي (۽ سوچيندو آهي)
ڪاش مان انڌو بہ هجان ها
پوڳيندو تہ بس اهو ئي آهي،
جنهن جون اکيون تہ هونديون آهن –
پر – جي ڪيپيل هوندي آهي –
هو پنهنجي سڄاڻپ ڪان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي –
اُجهاڻو پيو آهي اندر ئي اندر –

www.sindhsalamat.com

پيڙائون وک – وک تي سندس پيڇو ڪنديون آهن –
وٽس جيئڻ جو ڪوبہ ڪارڻ ناهي –
پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ تڏهن بہ وٽس هزارين ڪارڻ گهڙيا رکيا آهن. –
سوچيندو آهي: ڪڏهن تہ روشني ٿيندي.
(ءِ ڪيس اها بہ سڌ آهي تہ روشني ڪڏهن بہ نہ ٿيندي – ڪڏهن بہ نہ ٿيندي) –
سگريٽ جي ٻوٽ ۾ چرس پري – نشي ۾ الوٽ،
هو رات جي گگهہ اونداهي کان فرار ٿو چاهي –
ان گگهہ اونداهي ۾ هن قاڙي چڙيون آهن ڪاڳر جون سڀ ڏگريون. (قاڙي چڏيا آهن حياتيءَ جا انيڪ املهہ سال).
ءِ قاتل ڪاڳرن جا ٽڪر سندس من جي سنسان صحرا ۾ بہ اڏاٽا هئا –
سڀ بڪواس آهي –
ڪوڙ آهي – ڏوڙ آهي –
خوبصورت ذهنن کي تيلي ڏيو ساڙيو پيو وڃي –
باهہ جي مچ ۾ جلائي پئي وڃي هر ڪا ڌڙڪندڙ دل –
بند دروازا ڪڙڪائي ڪڙڪائي نيٺ بہ تہ هٿ ڇٽي پوندا –
هو No Vacancy جو پوسٽر سيني تي سجائي مري ويندو –
ائر ڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ وينل خوبصورت ذهنن جا واپاري، ڪڏهن ڪونہ مرندا –
شڪست مسلسل شڪست –
بي وسيءَ جي عجيب ڪيفيت هيٺ پيڙهجندو رهندو آهي –
سوچيندو آهي: ڇا اسان جا هي ڇٽيل هٿ،
سڙي رک ٿيل خوبصورت ذهن،
ءِ ڌڙڪندڙ دليون،
سڀ عجائب گهرن جي شوڪيسن ۾ سجايا ويندا! .
صدين تائين نسلن جا نسل ڏسڻ ايندا انهن کي –
ڏاها، پنهنجي پنهنجي دور جا، ڪتابن ۾ لکندا،
هٿ ڪپي ڇڏيو پنهنجا، ان کان اڳ جو اوهان جا هٿ ڪپيا وڃن –
چپ سبي ڇڏيو، ان کان اڳ جو چپ ڪپي وڃي اوهان جي –
اکين تي ڪوپا چاڙهي ڇڏيو، ان کان اڳ جو پيڙائون اوهان جو نصيب ٻڻجن –
اندر ئي اندر مري وڃو – مري وڃو – مري وڃو –
تڏهن بہ سوچيندو آهي،

www.sindhsalamat.com

ڪڏهن تہ روشني ٿيندي!!
(۽ ڪيس اها بہ سڌ آهي تہ روشني ڪڏهن بہ نہ ٿيندي – ڪڏهن بہ نہ ٿيندي) –

هو پنهنجي سڄاٽپ کان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي –
سندس سانوري تن جو رت ۽ ست سڪندو ٿو وڃي –
تنهنڻ اُس ۾ ڪارانجي ويو آهيس رنگ –
آڪاس سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگن هيٺان لنگهندي، سندس پاڇولو بہ ڪانئس ڪوئجي ويندو آهي –
(هو تصور ۾ روز انهن بلڊنگن کي باهہ ڏيندو آهي ۽ ڪيس روز انهن هيٺان لنگهڻو پوندو آهي) –
ساهہ گهٽيندڙ باس ايندي آهيس انهن مان –
رت جي باس –
پگهر جي باس –
پگهرندڙ ماس جي باس –
سيڪجهہ ائين ٿيڻ نہ گهرجي جيئن ٿيندو پئي آيو آهي –
هو رستي هلندي پگهر ۾ شم مزدور کي ٻانهن کان پڪڙڻ چاهيندو آهي –
ٻڌ!! – او – ٻوڙا – ٻڌ!! غور سان ٻڌ!! –
تنهنجي رت جي هر بوند – پگهر جي هر بوند – تنهنجا سپنا – او – سڀ ڪجهہ،
چؤواٽي تي نيلام ٿي رهيو آهي –
پاڳل!! – وگهري – وگهري مري ويندين –
تنهنجي گهر جي ڇت برسات ۾ تمندي ئي رهندي –
او – گونگا!! ڪجهہ تہ بول – ڪجهہ تہ بول –
پنهنجي رت جا سڏڪا نٿو ٻڌين انهن ديوارن مان!!؟؟
۽ پوءِ ڪيس اها سڌ پئي هئي،
جيءَ تہ هر ڪنهن جي ڪپي پئي آهي –
آکڻ لاءِ لفظ تہ ڪوڙ آهن –
پر اسان لفظن کي سوريءَ چاڙهي ڇڏيو آهي –
گونگا – ٻوڙا – انڌا ماڻهو،
لاش – لاش ماڻهو،
گمنام لاشن جو هجوم آهي –

www.sindhsalamat.com

گمناميءَ جو سنسان قبرستان آهي –
حياتيءَ جو ڪوڙو – بوگس – فلاپ ناٽڪ آهي –
بلڊنگون تهائين اوچيون ٿينديون ٿيون وڃن –
۽ انهن هيٺان لنگهندي ڪائنس سندس پاڇولو بہ ڪوئجي ويندو آهي –

هو پنهنجي سڄاٽپ کان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي –
سوريءَ تي ٽنگيل پنهنجي آتما جو ماتمي –
هن شاندار جيٽ ايج جي رڳن ۾ ڪينسر جيان ڦهلجندو ٿو وڃي –
ياري ٽرائين چپ هيٺان دفن سندس آتما –
هر ڪنهن رڙ جو جيتوڻيڪ ڳلو گهٽي ڇڏيو آهيس،
تڏهن بہ سندس اندر جي ايوانن ۾ راڙو راڙ متي پئي آهي –
هو ڄڻ ڪو ماتمي آهي –
رنگ ۽ نسل جي فرق تي ڏڪاريل ماڻهن جو ماتم –
اسپتالن جي ڏاڪڻين تي مرندڙ هزارن لکن انسانن جو ماتم –
ايٽمي طاقتن جي پاڇولن ۾ بک وگهي مرندڙ انسانن جو ماتم –
ايڏي گگهہ اونداهي ۾،
هو ڪربلا جي وشال ميدان ۾ بيٺل اڪيلو ماتمي آهي –
(هاءِ – هاءِ – هاءِ) –
هو سيني تي هٿ هڻندو آهي ۽ پنهنجن سڏڪن جو ڳلو گهٽيندو آهي-
(هاءِ – هاءِ – هاءِ) –

هو پنهنجي سڄاٽپ کان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو آهي –
پاڳل خانن جي ديوارن سان سر ٽڪرائيندو آهي اڄڪلهہ –
(ساري پاڳل خاني ۾ هو اڪيلو ئي پاڳل آهي، جيڪو پاڳل ناهي) –
خوبصورت ذهنن جا واپاري ڪيس انهن ديوارن ۾ پوري ويا آهن –
اٽيهہ ئي لاءِ – دروازن تي ياري قلف چاڙهي ويا آهن –
چائنٽ تي ڪنڊا پوکي ويا آهن –
سندس ڇٽيل هٿ ۽ جيب ميوزم جي شوڪيسن ۾ رکيا ويا آهن –
سندس روشن اکيون اونداهي ۾ انڌيون آهن ڄڻ –
شهرن جا شهر آهن، جي اجڙندا ٿا وڃن –

www.sindhsalamat.com

ماٺهو هڪ ٻئي جو سمورو رت چوسي چڪا –
ڳجهون (عالمي ايٽمي طاقتون) ماڻهوءَ جو ماس پٽي چڪيون –
ٻڪ جو پوت ماڻهوءَ جي پيٽ تي قبضو ڪري چڪو آهي –
کائڻ لاءِ ڪجهه به نه رهيو آهي –
(پيٽ کي پٿر ٻڌي ڇڏيو –
ماني بارود آهي جا ايٽم بم جي پيٽ ۾ پري پئي وڃي.
پيٽ کي پٿر ٻڌي ڇڏيو)
ڪتاب سيئي ساڙي ڇڏيو –
سچ ڪڏهن به نه ايرندو – ڪڏهن به نه ايرندو –
پنهنجين پنهنجين قبرن ۾ دفن ٿي وڃو –
رات ڏکي آهي،
۽ انهيءَ رات جي پڃاڙيءَ تي قيامت جو رقص آهي –
قيامت، جنهن جي ٻانهن ۾ رقص ڪرڻ وارن جي ڏکي قطار آهي –
بکين اگهاڙن انسانن جي قطار –
جن جا گهر اجڙي چڪا –
سک جا سپنا بک جي چرنن تي دان ٿي چڪا آهن جن جا –
قيامت جون ٻانهون ڏاڍيون ڏکيون آهن.
(۽ - اهو سڀ هو پاڳل خاني جي بند ديوارن ۾ پيو سوچيندو آهي) –
لوڪ ته ٻوڙو آهي ۽ هاڻ ته هن جا سڏ پڙاڏا پاڳل خاني جون ديوارون به اُڪري نٿا سگهن –
هو بس سوچيندو پيو آهي.
(۽ هر سوچ کي سوريءَ پيو چاڙهيندو آهي) –
سوچيندو آهي: ڪير آهيان مان!!؟
ڪهڙيءَ ڏوش ۾ هتي پوريو ويو آهيان!!؟
ڪيس بس پنهنجو هڪ ئي نالو سجهي ٿو (انسان) –
ڪيس بس پنهنجو هڪ ئي ڏوش سجهي ٿو (سندس انسان هئڻ) –
۽ هو پريل ڪائنات ۾ لوڪ جي هجوم ۾ اڪيلو انسان آهي،
(سو به پاڳل خاني جي ديوارن ۾ بند، اڪيلو – مئل) –
۽ ڪيس پاڳل خاني جي ديوارن ۾ پورڻ ڪان پوءِ،
ڪائنات ۾ موت ۽ بک جو رقص تهائين تکو ٿي ويو آهي –

www.sindhsalamat.com

ڪيس سڀ سڌ آهي،
پر هو ايڏي گگهه اونداهي ۾ ڪري به ڇا ٿو سگهي!!؟؟
روشنين جا سپئي ڏيئا هو ڪانئس ڦري ويا آهن –
سورج جي اک انڌي ڪري ويا آهن –
(انڌو سورج ايرندو به آهي پر هن جي روشنيءَ ۾ به گگهه اونداهي ٿيندي آهي) –
هو چپ چاپ مري رهيو آهي –
اُجهامي رهيو آهي –
۽ جنهن ڪوٺيءَ ۾ ڪيس پاڳل سمجهي پوريو ويو آهي،
ان ڪوٺيءَ جي ٻاهران امن – آزادي ۽ سک جو سورج،
آس جي شهزادي،
۽ سچ جو نوجوان شهزادو،
آدجڳاد کان ڇڻ سڏڪا ڀري روئن پيا –
ديوارن سان سر ٽڪرائين ٿا –
(انسان – انسان – او – انسان
هو سڀ ڪيس رڙيون ڪري پڪاريندا آهن) –
پر هو اندر مئو پيو آهي –
هوريان هوريان سندس بدبودار لاش وگهري رهيو آهي –
۽ جڏهن جڳن پڇاڻان پاڳل خاني جا دروازا کلندا ته،
ڪجهه به نه هوندو اتي –

هو پنهنجي سڄاڻپ کان ڪٽيل شهر جو اڪيلو ماڻهو هو –

www.sindhsalamat.com

ڪربلا

پتڪڙو هئس. تڏهن، اسڪول ويندو هئس قاتل ڳوٺڙيءَ ۾ ڪتاب وجهي. رات جو جڏهن امان ڪان ماني گهرندو هئس – تڏهن امان مون کي ماني ڏيڻ بدران آسمان تي تارا ڏيکاريندي هئي.

هو ڏس پٽون – هو آهي ٽيڙو - ۽ هوءَ ڪٽ آهي.

ائين تارا تڪيندي تڪيندي، نجاڻ ڪهڙي مهل اک لڳي ويندي هئم. صبح جو چوندي هئي تہ تون اسڪول هل، آئون ڪنيو تي اچان ماني. آئون سڄو وقت در ۾ اکيون اٽڪايو وينو هوندو هئس. منهنجي پيٽ ۾ جڻ ٻليون پيون وڙهنديون هيون، پر امان ڪانہ ايندي هئي. منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئا ۽ آئون انهن کي لڪائڻ لاءِ اکين آڏو ڏئي ڇڏيندو هئس قاتل – ساٿل ڪتاب.

منهنجي هڪ وڏي ڀيڻ بہ هوندي هئي. سڄو وقت نجاڻ ڇا پئي سوچيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي سوچيندي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئس. شايد امان انهيءَ ڪي بہ مون وانگر مانيءَ جا آسرا ڏيندي هوندي. ڀيو هڪڙو پتڪڙو ياءُ بہ هوندو هئم. چنل ڪٽ جي جهول ۾ پيو هوندو هو. هن جي تن تي جڻ ماس هوندو ئي ڪونہ هو. بيمار هوندو هو شايد. مون کي ياد آهي تہ هن جي وات تي سدائين مکين جا ميڙ هوندا هئا. هو انهن پڻ پڻ ڪندڙ مکين سان ڳالهائيندو هو شايد، آغون – آغون ڪري. بابا صبح ساڻ نڪرندو هو گهران ۽ لوڪ ستي موٽندو هو. امان ڳل تي هٿ رکيو پئي بابا جو اوسيئڙو ڪندي هئي. نجاڻ ڇا پئي پٽڪندي هئي ۽ روئندي ويندي هئي ۽ جڏهن بابا موٽندو هو، تڏهن هوءَ جڻ سڏڪن ۾ پئجي ويندي هئي. آئون پنهنجي مٿان پيل قاتل ڳوڻ جي ڳڙڪ مان پيو ڏسندو هئس. بابا پٽ تي ڪنڌ لاڙي اکيون پوري ڇڏيندو هو ۽ هوءَ سڏڪندي ويندي هئي، ڳالهائيندي ويندي هئي – نجاڻ ڇا ڇا پئي چوندي هئي – پر هن جون ڳالهيون ٻڌي ڳوڻ اندر منهنجون اکيون بہ لڙڪن سان پرجي ويندون هيون. نيٺ بابا بہ سڏڪي پوندو هو. ٻئي هٿ ڪٽي امان آڏو جوڙيندو هو – چوندو هو: ”جنت! تون روز روز چو ٿي منهنجن ڦٽن تي لوڻ برڪين – آئون پلا ڇا ڪريان – ڪيڏانهن وڃان – منهنجي پيرن ۾ تہ لڦون پئجي ويون آهن هاٽي – ڪٿي بہ روزگار نٿو ملي – تون سمجهين ٿي منهنجو هانءُ نٿو جهُري، هنن کي ٻکيو سمهندو ڏسي – آئون تہ اوهان جي ڪري آپگهات بہ نٿو ڪري سگهان جنت! نہ تہ خدا شاهد

www.sindhsalamat.com

آهي — جيئڻ ڪاڻ دل نٿي چوي.“ ائين چئي هو سڏڪن ۾ پئجي ويندو هو، بلڪل امان وانگر. منهنجي دل چوندي هئي ته آئون بابا جا لڙڪ وجي اگهان، پر آئون چپ چاپ بي ستو پيو هوندو هئس قاتل گوڻ جي اندر ۾ بک جو احساس تهائين وڌي ويندو هو.

اسان جو گهر هڪ اونداهين بدبودار گهٽيءَ جي چيڙي تي هوندو هو. بيحد پراڻو — سوڙهو ۽ اونداهو ڪمرو، جنهن ۾ ڪاٻه دري ڪانه هوندي هئي. امان چوندي هئي: ”هي گهر ٿورو ئي آهي — هي ته جيل جي ڪولي آهي — انهيءَ کان به ابتر.“ هڪڙو ننڍڙو اڱڻ به، جنهن جي هڪڙي ڪنڊ ۾ رڌڻو (جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ئي آباد ٿيندو هو) ٻي ڪنڊ ۾ ڪاڪوس ۽ ٽين ڪنڊ ۾ وهنجڻ جي جاءِ (جتي پاڻيءَ جي بي پناهه کوٽ جي ڪري ڪير وهنجندو به ڪونه هو) ڏاڍي ٻاس هوندي هئي اسان جي گهر ۾. اهڙا انيڪ گهر هوندا هئا پاڙي ۾. شام ٿيندي هئي ته اسان پاڙي جا ٻار گهٽيءَ ۾ ڦهليل اونداهيءَ ۾ لڪ لڪوٽي راند رهندا هئاسون.

اسان جن گهرن جي پويان پڪو پختو ڏامر جو ڪارو روڊ هو ۽ روڊ جي هن پار نجاڻ ڇا جو ڪارخانو هو، جنهن جو ڪارو دونهون سڄو ڏينهن رات پيو اسان جن گهرن مٿان لنگهندو هو..... پاڙي جا گهڻا پاڳي مڙد انهيءَ ڪارخاني ۾ مزدور هئا. مون کي خواب وانگر ساروڻا آهن ته بابا به انهيءَ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. تڏهن اسان به ويلا ماني کائيندا هئاسون.

پوءِ هڪ ڀيرو انهيءَ ڪارخاني ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو هو. ماڻهن جو هجوم هو، جيڪو ٻانهون لهرائي لهرائي رڙيون ڪري رهيو هو. انهن جا منهن ٽپي ٽامو ٿي ويا هئا ۽ انهن سيني جي اڳيان اڳيان هو منهنجو بابا. هن جي هٿ ۾ ڪارو جهنڊو هو ۽ هو ڪجهه ڳالهائي رهيو هو. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ بابا ڪڏهن به ڪارخاني ڪونه ويو. سندس نوڪري ختم ٿي وئي هئي. بس اهو ڏينهن هو، جڏهن کان اسان به ڏينهن ماني کائڻ ڇڏي ڏني هئي. شروع شروع ۾ آئون ۽ ڀيڻ ڏاڍو روئندا هئاسون، پر پوءِ اسان کي عادت پئجي وئي هئي انهيءَ بک جي. جيڪڏهن بک لڳندي به هئي ته تارا ڳڻڻ لڳندا هئاسون. ائين اک لڳي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن امان ٻڪ ڪٽي انهيءَ ڪارخاني کي پٽيندي هئي: ”شل باهه لڳي انهيءَ ڪارخاني کي.“ پر باهه نه لڳي هئي انهيءَ کي.

انهن ئي ڏينهن امان جو پيٽ مٽ وانگر پرجڻ لڳو هو. آئون ڀيڻ کان پڇندو هئس: ”ڀيڻ! امان جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟“ ڀيڻ ڏاڍي عقل واري هوندي هئي. ڪي ڪن سوچي پوءِ چوندي هئي: ”پاڻُ آهي امان جي پيٽ ۾“ پر امان کي ڪابه خوشي ڪانه هئي پيٽ ۾ پاڻُ جي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ بابا سان گهڻو اٽڪندي هئي، تڏهن پيٽ تي مڪون هڻندي ويندي هئي ۽ چوندي ويندي هئي: ’انهيءَ مصيبت کي به هينئر اچڻو هو. آهي کائڻ لاءِ ڪڻو به ڪونه، هيءُ ڪيئن پلبو!‘ موت ۾ بابا گهٻرائجي چوندو هو: ”نه — نه — جنت! هرڪو پنهنجو روز پاڻ ساڻ ٺو آڻي. نه هڻ پيٽ تي مڪون، جو ٿي پاپ ڪرين.“ بس انهيءَ ڳالهه تي امان مچ ٿي

www.sindhsalamat.com

ويندي هئي – رڙ ڪري چوندي هئي: ”اسان ڪهڙو پنهنجو روز پاڻ ساڻ آندو جو هيءُ به آڻيندو.“

بابا چپ تي ويندو هو. هو ڪڏهن به امان سان پچي نه سگهيو. هڪ صبح جڏهن آئون ننڊ مان اٿيو هئس ته امان جي پير ۾ پاءُ پيو هو. بيحد پتڪڙو، ڪمزور ۽ هيڊو، بابا جي پراڻي گوڏ ۾ ويڙهيل. هن اکيون چنيي مون کي ڏٺو ڪن پل لاءِ ۽ پوءِ پوري ڇڏيون هئائين. ٻليءَ جي پونگڙي جهڙيون هيون هن جون اکيون. مون کي ته ڏاڍو وڻيو هو. سڄو سڄو ڏينهن پيو ڏسندو هوساس. هو چنل کٽ تي جهول ۾ پيو رڙندو هو – مکين جا ميڙا هوندا هئا مٿس، پر امان مڙي به نه نهاريندي هئي ڏانهنس – بس پيٽ پئي ڪڇ تي گهليندي هيس – بابا ايندو هو ته ڪاوڙبو هو امان تي ’تون ڪير جو نٿي ڏين هن کي!‘ امان سدائين جيان مڇ تي ويندي هئي، ’ڪٿان آٽيان ڪير؟ بک ۾ پاهه پئي ٿيان – ڪير اچيم ته ڏيانس.‘ بابا ٽٽو شوڪارو پري پاءُ ڏانهن نهاريندو ۽ اکيون پوري ڇڏيندو هو. امان بابا کي سدائين چوندي هئي ته اسان جو هيءُ حال تنهنجي ڪري ٿيو آهي – نه ڪرائين ها ڪارخاني ۾ گوڙ ته چو اڄ اسين بک مرون ها.

پيٽ ته ڪجهه ڳالهائيندي ئي ڪانه هئي. سڄو وقت ماٺ ماٺ ۾ هوندي هئي. پيٽ کي شيشي جون چوڙيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، پر ڪڏهن به اهي چوڙيون وٺي نه سگهي هئي. آئون گند جي دڙن تان هن کي پڳل چوڙين جا ٽڪر ڳولهي آڻي ڏيندو هئس. هن وٽ هڪڙي کوکي ۾ ڍڳ ڪن گڏ تي ويو هو، پڳل چوڙين جي ٽڪرن جو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اهو کوکو کولي ويهندي هئي. هرڪو رنگ ڌار ڪندي ويندي هئي ۽ اکين ۾ لڙڪ گڏ ٿيندا ويندا هئس ۽ جڏهن لڙڪ ڳلن تي لڙي ايندا هئس، تڏهن هوءَ کوکو بند ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ ڪانه ڳالهائيندي هئي، پر آئون ساڻس ڳالهائيندو ويندو هئس. هوءَ هون – هان ۾ پئي جواب ڏيندي هئي – شايد بک ڪان ڳالهائي ڪانه سگهندي هئي.

هڪ ڏينهن اسڪول ڪان موٽندي گند جي دڙن تي پيٽ لاءِ چوڙين جا ٽڪر ڳولهڻ لڳو هئس، جو نظر پئجي وئي هئم دڙي تي هاريل پاروتي پت تي. ڪتو سونگهي رهيو هو انهيءَ پت کي. ڪتي کي سروتو اڇلي پڃائي ڪڍيو هئم ۽ جهوليءَ ۾ ميڙي – سيڙي ڪٽي آيو هئس اهو پت. جڏهن گهر ۾ گهڙيس ته بابا وينو هو. انهيءَ ڏينهن نجاڻ بابا ڪيئن جلدي موٽي آيو هو.

”جهوليءَ ۾ چا اٿئي؟“ بابا پڇيو هو.

”پت!“ ڌڄندي ڌڄندي وراڻي ڏني هئم.

”ڪٿان آندو اٿئي؟“

www.sindhsalamat.com

”گند جي ڍڙي تان.“ آئون ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهيو هئس. پوءِ تہ بابا ڄڻ سڄاتو ئي نہ پئي. ڳچيءَ مان اچي پڪڙيو هئائين مون کي. ايڏو ماريو هئائين جو اڌ مئو ٿي پيو هئس. پٽ پٽ تي ڪِري پيو هو. آئون ڪنڌ ۾ ويهي روئڻ لڳس ۽ سدائين جيان امان اچي بابا کي ورايو هو. پريان وينل پيڻ ٽڪ ٻڌي پٽ تي پيل پَٽ کي ڏسندي رهي هئي. بابا سڏڪندي رڙ ڪئي هئي: ”منهنجو هانءُ تو جهُري جنت! هن جو گند جي ڍڙي تان پٽ آندو آهي.“ پوءِ الاءِ ڇا ٿيو هو جو هٿ جي پٺ سان لڙڪ اگهندي مون کي سڏ ڪيو هئائين – آئون ڏڄندو ڏڄندو ويجهو اچي بيٺو هوسانس.

”بک گهٽي لڳي اٿئي ڇا؟“

موٽ ۾ منهنجي اکين مان لڙڪ ڪِري پيا هئا. مون کي ٻانهن کان جهلي پٽ تي ويهاريو هئائين ۽ چوڻ لڳو: ”ڇڱو ويهہ کاءُ هي پٽ.“ مون ڏنل نظرن سان ڏانهس نهاريو – اعتبار ئي نہ پئي آيم.“

”ها – ها – پلي کاءُ پٽ.“

آئون لڙڪ اگهي پٽ تي پيل پٽ کائڻ لڳس. پرسان وينل پيڻ بہ اٿي آئي هئي.

”امان! تون بہ اچ نہ.“ مون امان کي سڏ ڪيو.

بابا کي چوڻ جي ڪنهن بہ سگهہ ڪانہ پي ساري. ڪي ڪن هو اسان کي پٽ ڪائيندو ڏسندو رهيو، پوءِ چوڻ لڳو: ”اڙي! مون کي بہ تہ پٽ ڪارايو.“ ائين چيو هئائين، ڄڻ روئندو هجي. هو بہ پٽ کائڻ لڳو ۽ ساڻ ساڻ روئندو ٿي ويو. ڏاڍي بانس هئي انهيءَ پٽ ۾ پر اسان سڀ ڪائي ويا هئاسون.

ٻئي ڏينهن جڏهن آئون اسڪول مان موٽيو هئس ۽ در تي پير رکيو هئم تہ اڱڻ ۾ وينل پيڻ چرڪي نهاريو هو، منهنجي خالي جهوليءَ ۾. ڪن کان پوءِ امان اندران نڪتي هئي. بي اختيار ٿي پڇيو هئائين: ”پٽ آندو اٿئي ڇا؟“ مون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ آندو هو. چپ چاپ بيٺو رهيس. انهيءَ رات بابا جڏهن آڌيءَ مهل موٽيو هو، آئون ڳوڻ ۾ ويڙهيو پيو هئس. امان کان سرباٽ ڪري پڇيو هئائين: ”ڪاڪي پٽ ڪونهي آندو اڄ؟“

”نہ.“ امان جو آواز ڏاڍو جهيڻو هو.

”اڇا!!“ ۽ پٽ تي ليٽي پيو هو بابا.

مون ۽ پيڻ انب جو ڪوئلو پوکيو هو اڱڻ ۾. روز ننڍ مان اٿي انهيءَ ڪنڌ جو رخ ڪندا هئاسون. سوچيندو هئس تہ جڏهن انب جو وڻ وڏو ٿيندو ۽ انب ڏيندو، تڏهن اسين ڪڏهن بہ بک کونہ مرنداسون. پيڻ بہ شايد ائين سوچيندي هئي. هڪ ڏينهن زمين مان منهن ڪڍيو هو انب جي ٻوٽي.

www.sindhsalamat.com

پوءِ هوريان هوريان وڏڻ لڳو هو اهو ٻوٽو. آئون هاڻ آسمان تي تارا ڳڻڻ بدران پهرن جا پهر انهيءَ ٻوٽي کي پيو تڪيندو هئس.

هڪ ڏينهن بابا آيو ته ساڻ آندا هئائين پنجاهه روپيا. بلڪل ائين، جيئن اوچتو عيد جو چنڊ ڏسي وٺجي. ڪٿان آيا هئا اهي پنجاهه روپيا — انهيءَ جي ته ڪنهن کي به ڪَل ڪانه هئي، پر انهيءَ ڏينهن اسان ڊوَ تي ماني ڪاڌي هئي. بابا نجاڻ ڇو سمورو وقت چپ چاپ اکيون پوريو پيو هو. ڪجهه به ته نه پي ڳالهايائين.

انهيءَ ڏينهن ڦهريون ڦيرو امان پيار منجهان بابا کان پڇيو هو: ”ڇو ائين پيو آهين؟ چاق ته آهين نه؟“

بابا ڪن لاءِ اکيون پٽي امان کي ڏٺو ۽ پوءِ وري اکيون پوري ڇڏيون هئائين.

”ماني نه کائيندين؟“ امان بابا جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي وري پڇڻ لڳي.

”نه.“ بابا ٻئي هٿ ڪٽي اکين تي رکيا هئا.

”ڇو؟“

”متو پيو ڦريم.“ بابا جا هٿ هوريان هوريان ڏکي رهيا هئا.

”ڪم ڪهڙو ڪري آيو آهين؟“ امان جو آواز تهائين منو ٿيندو ٿي ويو.

”چا ٻڌي ڪندينءَ جنت! تو ته اڄ ڊوَ تي ماني ڪاڌي آهي نه!“

امان ڪابه ورندي ڪانه ڏني هئي.

”جنت!“ اکين تان هٿ لاهي بابا امان ڏانهن اکيون پٽي نهاريو.

”چئو!“

”آئون پنهنجي — رت — جي ٻوتل وڪڻي آيو آهيان.“ بابا وري ڪٽي اکين تي هٿ رکيا هئا، پر مون پريان کان ئي بابا جي اکين ۾ ڪجهه جرڪندو ڏسي ورتو هو. لڙڪ هئا شايد ۽ بابا جي ڳالهه ٻڌي اسين سڀ چرڪي پيا هئاسون. آئون ته سمجهي به نه سگهيو هئس بابا جي ڳالهه. ها امان ۽ پيڻ کي نانگ سونگهي ويو هو ڄڻ. امان ته ڪيتري دير گوڏي تي متو رکيو بابا کي ڏسندي رهي هئي. لڙڪ نه ها امان جي اکين ۾، پر مون کي ائين لڳو هو، ڄڻ اجهو — هينئر امان روئي پوندي. پيڻ چلهه ٻارڻ ۾ لڳي وئي هئي، پاءُ چنل ڪٽ جي جهول ۾ پيو هو — اڄ انهيءَ به ڊوَ تي کير پيتو هو — انهيءَ ڪري هو به ڏاڍي گهري ننڊ ۾ ستو پيو هو.

”جنت!“ بابا امان کي چوڻ لڳو: ”ماٺ ڇو ٿي وئي آهين جنت؟“

امان ڪابه ورندي ڪانه ڏني هئي — هوءَ بس ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي هئي بابا کي.

پوءِ ٿيو ائين جو بابا ويو ٿي ڪمزور ٿيندو. هن جو سانورو رنگ هيڊو پوندو ٿي ويو. اکين هيٺ ڪارا دائرا پوندا ٿي ويس. بلڪل هڏن جو پڃرو لڳندو هو — پر هو اڪثر ساڻ پنجاهه

www.sindhsalamat.com

روپيا آٽيندو هو ۽ اسان ٻه ويلا ماني کائڻ لڳا هئاسون. بابا کي متي ۾ سور ۽ ڦيري ٽيڻ لڳي هئي. هاڻ ته هو ٻاهر به ڪونه نڪرندو هو – سڄو ڏينهن پٽ جي پاڙ ۾ پيو هوندو هو. اٿندو هو ته به وڪون ڪٽي ڪِري پوندو هو. چوندو هو ته منهنجين اکين اڳيان اونداهي ٿي اچي. امان زوريءَ ڪٽس مانيءَ جا گرهه وات ۾ وجهندي هئي. بابا ڪائيندو ئي ڪونه هو ماني. امان چوندي هئي: ”ماني نه کائيندين ته هيڪاري ڳرندو ويندين – ڪيئن منجهئي رت ٿيندو.“ ۽ ائين چوندي امان جون اکيون نمي وينديون هيون – بابا چرڪي نهاريندو هو امان ڏانهن. سندس اکين ۾ نجاڻ ڇا هوندو هو، جو انهيءَ پل آئون به ڏانهس نهاري نه سگهندو هئس. ائين ڪلي چوندو هو: (ڄڻ روئندو هجي) ”ڏاڍي خود غرض آهين – جنت!“ ۽ امان جون اکيون هيڪاري نمي ويندي‌ون هيون.
بابا ڳرندو ٿي ويو – ايترو، جو ڪٽس ڏسي ڊپ ٿيندو هو – هڪ ڏينهن ويو پر ساڻ پنجاهه روپيا نه آندا هئائين.
”ڇو – اڄ ائين پيو اچين؟“ سندس خالي هٿ ڏسي امان پڇيو هو. چلهه ۾ ٻاهه ٻاريندي پيڻ جا هٿ بيهي رهيا هئا – بابا ساٿو ٿي اچي ڪِريو هو پٽ جي پاڙ ۾.
”جنت!“
امان اٿي ويجهي اچي ويٺي هيس.
”ڇا – ٿيو؟؟“
”ڊاڪٽر چون ٿا هاڻ تومان رت نه ڪيندسين – نه ته مري پوندين ۽ خون پوندو اسان جي ڳچيءَ ۾.“
امان جي نرڙ تي گهنڊ پئجي ويو هو.
”ٻڌئي جنت! هاڻ ته رت به ڪٿي ويو آهي مون مان.“ ائين چئي بابا اوچنگارن ۾ پئجي ويو هو – ڄڻ ڪو مري ويو هجي – امان چپ چاپ ڏسندي رهي هئي بابا کي.
ٻئي ڏينهن بابا ٿڙندو ٿاٻڙندو نڪري ويو هو روزگار جي ڳولها ۾. ٻيو ڏينهن اچي ٿيو، پر بابا نه وريو. امان وري نجاڻ ڇا پٽڪڻ لڳي هئي ۽ ساڻ ساڻ روئندي ٿي وئي. انهيءَ رات آئون ڪيتري دير ڦاٽل ڳوڻ جي ڳڙڪ مان در ڏانهن ڏسندو رهيو هئس.
ٽين ڏينهن پاڙي وارو ڪو ماڻهو آيو هو، ٻڌائڻ لاءِ ته بابا اسپتال ۾ پيو آهي. ڪني پاٽيءَ جي نالي ۾ بيهوش پيو هو جو ماڻهو کڻي ويا هئس اسپتال. اسين ويا هئاسون بابا کي ڏسڻ لاءِ. پلنگن جي قطار ۾ هڪڙو اڇو اجرو پلنگ بابا جو به هو. ڇت ۾ اکيون اٽڪايو چپ چاپ پيو هو. اسان سيني کي تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو. ڪجهه به ته نه ڳالهايو هئائين.
ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ بابا اسپتال مان موٽي آيو.

www.sindhsalamat.com

انهن ڏينهن جڏهن بابا اسپتال ۾ هو، امان روزگار لاءِ ٻاهر نڪري ويندي هئي. پر جڏهن بابا موٽيو تہ امان وجهہ ئي ڇڏي ڏنو ۽ اسان کي بہ منع ڪري ڇڏيو هئائين بابا کي ٻڌائڻ کان. نجاڻ ائين ڇو ڪيو هئائين، نہ تہ بابا اسان کي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪارائيندو هو، پر امان تي ويلا ڪارائيندي هئي. شايد امان ۾ بابا کان جهجهو رت هوندو. بابا آيو تہ اسين وري ڪيترا ڪيترا ويلا لنگهڻ ڪاٽڻ لڳاسين.
بابا اهو ئي پيو روزگار لاءِ پٽڪندو هو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن بابا کي روزگار ملي ويو. بابا فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو. انهيءَ ڏينهن بابا نما شام مهل ئي موٽي آيو هو. ڳالهہ تي ٽي ٽهڪ ڏنائين. اسين سڀ حيران ٿي بابا کي ڏسندا رهيا هئاسون تہ ڇو ٿو کلي بابا!! رات جو بابا اوچتو ٻڌايو تہ هو فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو آهي. آئون ڏاڍو خوش ٿيو هئس. مون کي فوجي ڏاڍا وڻندا هئا. بندوق ڪلهي تي، مٿي تي لوهي ٽوپ ۽ پيرن ۾ نڪ نڪ ڪندڙ ڪارو بوٽ. مون تہ بابا کي سدائين قاتل ڪپڙن ۾ ڏٺو هو. خوشيءَ منجهان مون بابا کي ڪٽي ڀاڪر پاتو هو. ڀيڻ مرڪي پئي هئي – هوءَ جڏهن خوش ٿيندي هئي تہ بس مرڪي ڏيندي هئي ۽ امان – اها تہ بابا کان بہ وڌا ٽهڪ ڏئي رهي هئي. سڄو پاڙو آيو هو مبارڪون ڏيڻ. اسان تہ ڪڏهن ماڻهن وانگيان عيد ملهائي ئي ڪانہ هئي، پر انهيءَ ڏينهن ڄڻ عيد اچي وئي. جيتوڻيڪ انهيءَ رات بہ اسان ماني ڪانہ کاڌي هئي، پر خوشيءَ مان اسين سڄي رات جاڳندا رهيا هئاسون. وچ ۾ بابا وينو هو ۽ انهيءَ جي چوڌاري آئون، ڀيڻ ۽ امان. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ امان ياءُ کي ڪچ ۾ ڪنيو ويني هئي.
”بابا! هاڻ تہ ٽئي ويلا ماني ملندي نہ؟“ مون پڇيو هو. بابا ڪٽي ڀاڪر پاتو هو مون کي.
”اڙي ها منهنجا راجا! هاڻي سمجهہ تہ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين تون.“
”بابا! تون هت ئي رهندين نہ؟“ ڀيڻ پڇيو هو. ڪن لاءِ بابا چپ ٿي ويو هو.
پوءِ چيو هئائين: ”نہ پر هاڻ اوهين بک ڪونہ ڪاٽيندا. هاڻ قاتل ڳوٺ ۾ ڪونہ سمهندا. هاڻ اهڙي گهر ۾ ڪونہ رهندا.“ بابا اسان کي ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو.
”بابا! آئون نوان ڪتاب وٺندس.“ مون چيو هو.
”اڙي! توکي انهيءَ خيراتي اسڪول مان ڪڍائي ڪنهن سني اسڪول ۾ ويهاريندس. هاڻ تہ پڪ ئي پڪ تون ڊاڪٽر ٿي ويندين.“
”بابا! آئون ريشمي ڪپڙا ۽ چوڙيون وٺنديس.“ ڀيڻ چيو هو.
بابا ٻي ٻانهن سان ڀيڻ کي ڀاڪر پائيندي چيو هو: ”توکي تہ آئون ڪنوار ڪندس.“ آئون ٽهڪ ڏئي کلي پيو هئس ۽ ڀيڻ کي چيڙائڻ لاءِ چوڻ لڳس: ”ڀيڻ! هاڻ تنهنجي شادي ٿيندي – تنهنجي ڄڃ ايندين – تون ڪنوار ٿينديئن.“ ڀيڻ شرمائجي بابا جي پويان لڪي وئي هئي.

www.sindhsalamat.com

امان تہ بس گوڏن تي ڪنڌ لاڙيو اسان سيني کي ڏسي مرڪندي رهي هئي. نجاڻ ڇا ڇا سوچيندي رهي هئي. سندس ڪچ ۾ پاڻ ستو پيو هو ۽ ننڊ ۾ مرڪي رهيو هو، شايد اسان جي ڳالهين تي.

پوءِ بابا هليو ويو، اسين بہ ويلا ماني کائڻ لڳاسون. مون اسڪول جا ڪجهہ نوان ڪتاب ورتا هئا. پيڻ چوڙيون ورتيون هيون. امان هاڻ پاڻ کي شيشي ۾ ڪير وجهي ڏينهن ۾ بہ ٽي ڀيرا پيارڻ لڳي هئي. بابا کي وئي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا هئا. اڱڻ ۾ لڳل انب جو ٻوٽو ڪجهہ اجا بہ اُڀري آيو هو – پر هاڻ آئون يا پيڻ گهٽ انهيءَ جي سار سنڀال لهندا هئاسون.

امان روز صبح جو اُٿي مون لاءِ نيرن ناهيندي هئي. اسڪول مان موٽندو هئس تہ ماني تيار رکي هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪٽ تي ليٽي تارا ڳڻيندو هئس ۽ امان رڙ ڪري چوندي هئي: ”چورا! نہ ڳڻ تارا – مٽي ۾ سور پوندئي.“

۽ مون تارا بہ ڳڻڻ ڇڏي ڏنا هئا – هاڻ تہ آئون دڙي تان پيڻ لاءِ ڀڳل چوڙين جا ٽڪر بہ نہ ڳولهيندو هئس – هاڻ تہ پيڻ چوڙيون گڏ ڪرڻ لڳي هئي ۽ سندس ٻنهي ٻانهن ۾ ڳاڙهيون ساوون چوڙيون پيون جرڪنديون هيون.

هڪ ڏينهن بابا جو پهريون خط آيو هو – لفافي ۾ بند خط ڪٽي آئون اڱڻ ۾ نچڻ لڳو هئس ۽ امان ۽ پيڻ منهنجي پويان پويان ٽي ٻوڙيون خط ونڻ لاءِ. انهيءَ خط ۾ بابا لکيو هو: ”آئون اوهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪريان، پر في الحال اچي نہ سگهندس. ڏاڍي سخت ٽريننگ آهي.“ موٽ ۾ اسان بہ بابا کي خط لکيو هو. پوءِ ائين بابا جا خط ۽ پيسا ايندا رهيا. جنهن ڏينهن پيسا ايندا هئا، اهو ڏينهن عيد جو هوندو هو. امان پيسا گڏ ڪري پاڻ لاءِ ننڍڙو پينگهو ورتو هو. هاڻ پاڻ انهيءَ پينگهي ۾ سمهندو هو. هاڻ هو تلهو ٿيندو ٿي ويو – پيڻ بہ هاڻ کلڻ ۽ ڳالهائڻ لڳي هئي – گهر بہ هاڻ صاف سٿرو هوندو هو.

هڪ نما شام جو بابا اچي نڪتو هو – بابا جي پويان پويان ٻاڙي جي ٻارن جو ميڙ هو. بابا تہ سڃاڻپ ۾ ئي نہ پي آيو. بدن ۾ پريل ڳاڙهو ڳٽول فوجي ورديءَ ۾، مٽي تي لوهي ٽوپ، ڪلهن تي بندوق ۽ پيرن ۾ نڪ نڪ ڪنڊڙ پاري بوٽ. بابا دروازي تي بيهي مون کي سليوٽ ڪيو هو ۽ منهنجو وات ڦاٽي ويو هو بابا کي ڏسي. امان تہ بابا جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي سڏڪن ۾ پئجي وئي هئي. بابا گهر جو نئون رنگ ڏسي مرڪي پيو هو: ”تہ ڇئبو تہ مزي ۾ آهيو.“ اسان سيني بابا کي اهي ننڍڙيون شيون بہ ڏيکاريون، جيڪي اسان بابا ڪان پرپٺ ورتيون هيون.

بابا هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات هو. سڄو پاڙو آيو هو ساڻس ملڻ لاءِ. انهيءَ ڏينهن بابا جون اکيون ڏاڍيون پئي چمڪيون.

www.sindhsalamat.com

بابا هليو ويو — ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو ته ساڻ ڇڻ عيد ڪنيو ايندو هو. آئون پڇندو هوسانس، ”بابا! تنهنجو ڪم ڪهڙو آهي؟“
”منهنجو ڪم! منهنجو ڪم آهي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ.“
”ملڪ جي حفاظت ڪيئن ٿيندي آهي بابا؟“ آئون سمجهي نه سگهندو هئس.
”جڏهن به هن ملڪ ۾ جنگ لڳندي، تڏهن آئون وڙهندس.“ بابا جا هٿ بندوق جي ناليءَ تي مضبوط پئجي ويندا هئا. مون جنگ جو نالو جڏهن کان ياد تو پويم، تڏهن کان ٻڌو هئم. جنگ ڇا ٿيندي آهي، اها نه سڌ ئي نه هئم. بابا ٻڌائيندو هو ته ڪيئن جنگ ۾ حملا ٿيندا آهن — ماڻهو مرندا آهن — بم ڪِرندا آهن — بندوقون، گوليون، موت، رت، تباهه ٿيندڙ شهر، ڳوٺ، گهر، بليڪ آئوٽ، آئون سڄو سراپجي ويندو هئس. منهنجين اکين ۾ نجاڻ ڇا اچي ويندو هو جو بابا ڪٽي ياڪر پائيندو هئم. مون کي ياد آهي — چلهه وٽ وينل امان جا هٿ ڏڪڻ لڳندا هئا ۽ پيڻ اتي هلي ويندي هئي.
”بابا!“ منهنجو آواز نڙيءَ ۾ گهٽجڻ لڳندو هو.
”جيءُ بابا؟“ بابا جو ياڪر هيڪاري تنگ تي ويندو هو.
”بابا! تون ته چوندو آهين ته ماڻهو مارڻ گناهه آهي — ها نه — بابا؟!!“ پوَ کان آئون بابا جي ٻانهن جي گهيري ۾ لڪندو ويندو هئس. بابا چپ ٿي ويندو هو — ڪابه ورندي نه ڏيندو هو.
انهن ئي ڏينهن مون کي سڄيون سڄيون راتيون ننڊ نه ايندي هئي — آئون بستري ۾ پئي پئي سوچيندو هئس، جيڪڏهن جنگ لڳي ته ڇا اسين سڀ مري ويندا سون؟ اسان جو گهر، جنهن جي اڱڻ ۾ پوڪيل ان جو ٻوٽو گهٽو اُيري آيو هو، جنهن جي ديوارن تي بابا تازو گلابي رنگ ڪرايو هو، جنهن کي هاڻ امان جيل جي ڪوليءَ جو نالو نه ڏيندي هئي. آئون سوچيندو هئس ڇا آئون به مري ويندس — پيڻ به، جيڪا هاڻ هر وقت پئي ڳالهائيندي هئي ۽ کلندي هئي — ياءُ به — جيڪو هاڻ سرڻ لڳو هو — ڳالهه ڳالهه تي پيو ٺهڪ ڏيندو هو — آئون چپ چپ رهڻ لڳو هئس.
بابا جڏهن به ايندو هو، منهنجو اندر سراپجي ويندو هو.
رات جو اڱڻ ۾ پيل کٽ تي بابا جي پر ۾ اچي ليٽندو هئس. مٿي آسمان تي تارا پيا جرڪندا هئا — بابا اُتي جون ڳالهيون پيو ٻڌائيندو هو، جتي هاڻ هو رهندو هو.
آئون پوَ کان بابا جي ياڪرن ۾ گهڙندو ويندو هئس.
”بابا! جنگ ڇو لڳندي آهي؟ ڏس نه بابا — ائين ته سڀ ماڻهو مري ويندا نه!“
بابا چپ ٿي ويندو هو. شايد جواب پيو سوچيندو هو. مون کي خبر هئي ته بابا کي منهنجي ڪنهن به سوال جو جواب نٿو اچي.

www.sindhsalamat.com

”بابا! تون بہ ماڻهو مارينديِن ڇا؟ تون نہ مارجئين بابا! نہ تہ انهيءَ ماڻهوءَ جا ٻار روئندا – ڪونہ مارينديِن – نہ؟“ آئون اميدن مان بابا ڏانهن نهاريندو هئس ۽ بابا اکيون پوري ڇڏيندو هو – الاءِ ڇو!!!

”بابا! تون بہ ماڻهن جي گهرن تي بم ڪيرائينديِن ڇا؟“

”بابا! ڇا اسان جن گهرن تي بہ بم ڪِرندا؟“

”مون کي ڊپ ٿو ٿئي بابا!“

آئون بابا جي پاڪرن ۾ پيو هوريان هوريان ڏڪندو هئس – بابا نجاڻ ڇا پيو سوچيندو هو – ڪڇندو ئي ڪونہ هو. امان رڙ ڪري چوندي هئي، ”چپ نٿو ڪرين ڇورا! مرڳو هاڻ ئي ڪڍيو رکين.“

آئون چپ تہ ٿي ويندو هئس، پر منهنجو ڊپ ويندو هو وڌندو.

بابا واپس هليو ويندو هو، پر آئون پيو سوچيندو هئس.گهر جي هڪ هڪ شيءِ کي ائين پيو تڪيندو هئس، ڄڻ قرجڻ واريون هجن مون کان. امان، پيڻ ۽ پاءُ بہ ڄڻ قرجڻ وارا هجن مون کان.

بابا جا خط پيا ايندا هئا. امان اهي خط ڪاٺ جي هڪ پراڻيءَ پيٽيءَ ۾ سانديو پئي رکندي هئي.

هڪ ڀيرو گهڻن گهڻن ڏينهن کان پوءِ بابا آيو. چپ چپ هو، نہ تہ اڳي ايندو هو تہ بابا جون ڳالهيون ۽ ٽهڪ ئي نہ کٽندا هئا. مون ڪيترو ڳالهائڻ چاهيو هو، پر بابا ڳالهايو ئي نہ. نجاڻ ڪهڙي ڳالهہ تي رٺل هو – آئون سوچيندو هئس.

بابا جي وڃڻ ۾ بہ ڏينهن هئا باقي. هڪ صبح ساجهر بستري ۾ پيو هئس اجا. بابا چلهہ جي اڳيان امان وٽ ڇانهہ جو ڪوپ هٿن ۾ جهليو ويٺو هو. امان ڳالهائي رهي هئي:

”هاڻ وري ڪڏهن ايندين تون؟“ امان پڇيو هو.

”الاءِ“ بابا جهيڻي آواز ۾ پڙڪيو هو. ڪي ڪن ٻئي چپ چاپ وينا رهيا. بابا هٿن ۾ ڪوپ جهليو نجاڻ ڇا سوچيندو رهيو.

”جنت!“ بستري ۾ پئي پئي بابا جو پڙڪو ٻڌو هئم.

”جنت! جنگ لڳڻ واري آهي. نجاڻ وري ڪڏهن اچڻ ٿئي! ٿي سگهي ٿو تہ هي پاڻ آخري ڀيرو ملندا هجون.“

امان جي هٿن مان ڪو ٿانءُ ڇڏائجي ويو هو شايد – هوءَ ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي هئي بابا کي. رليءَ مان سِير ڪري مون ڏٺو – امان جي اکين ۾ هوريان هوريان جيڪو پاڻي گڏبو ٿي ويو، سو سندس ڳلن تي لڙي آيو هو.

www.sindhsalamat.com

”روئين چو تي چري! مرڻ ته هونئن به هر ڪنهن جي مٿان رکيو آهي.“ بابا ڪلي چيو هو، پر الاءِ چو مون کي بابا جي ڪل ڪانه وڻي هئي. بابا سدائين ائين ٺوروئي ڪو کلندو هو.

”جنت!“

”هون.“

”جي آئون موٽي نه آيس ته اوهان کي حڪومت ٿورا گهڻا پيسا پئي ڏيندي. ڪاڪي کي به مُڇن جي ساوڪ ٻيني آهي. ڪنهن ڪم تي لڳرائي ڇڏجانس. پڙهڻ نه ڇڏرائجانس. منهنجو پٽ آفيسر ٿيندو.“ هن ڀيري به بابا کليو هو، پر هن ڀيري به مون کي بابا جي ڪل ڪانه وڻي هئي. امان ڪاٻه ته ورندي ڪانه ڏني هئي. انهيءَ صبح جڏهن آئون بستري مان اٿيو هئس ته سڄو پڳهر ۾ شم هئس ۽ منهنجو بدن هورئان هورئان ڏڪي رهيو هو.

امان مون کي اسڪول لاءِ اٿاريو هو. الاءِ چو آئون روئي پيو هئس. سڏڪندي چيو هئم، ”اڄ آئون اسڪول ڪونه ويندس امان!“

الاءِ چو امان سدائين وانگر اها ڳالهه ٻڌي دڙڪو نه ڏنو هو مون کي — بس ايترو پڇيو هئائين ته: ”چو اسڪول نه ويندين؟“

”نه — اڄ آئون اسڪول ڪونه ويندس — اڄ آئون بابا سان ڳالهيون ڪندس.“

منهنجي ٻانهن تان امان جو هٿ ڍرو پئجي ويو هو.

”اڙي چو اڄ اسڪول ڪونه ويندين؟“ پريان ڪان بابا رڙ ڪئي هئي.

”اڄ آئون توسان ڳالهيون ڪندس بابا!“

”چو؟!! آئون پڇيو تو وجان چا؟“

”الاءِ.“ منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هو ۽ نجاڻ چو امان به پوتي اکين تي رکي روئڻ لڳي هئي.

انهيءَ ڏينهن آئون اسڪول ڪونه ويو هئس. انهيءَ ڏينهن مون کي بابا پر ۾ ليٽائي ڪيتريون ئي آکاڻيون ٻڌايون هيون، بهادر ڇوڪرن جون.

نجاڻ ڪهڙيون آکاڻيون هيون — آئون ته بس بابا کي ڏسندو رهيو هئس. پاءُ کي به ڪٽي پيٽ تي ويهاريو هئائين. پوءِ جيترو وقت به بابا هو، مون امان کي سيني ڪان لڪي ڪندن پاسن ۾ روئيندي ڏٺو هو.

هڪ شام بابا هليو ويو — وڃڻ مهل امان اوڇنگارون ڏئي رني هئي. ڀيڻ به سڏڪي سڏڪي رني هئي. بابا پاءُ کي ڪڇ تي ڪٽي سندس نرڙ چميو هو. مون کي ۽ ڀيڻ کي پاڪر پاتو هئائين. امان ڏانهن نهاريو هئائين — ته ڏٺو هئم شايد لڙڪ هئا بابا جي اکين ۾.

www.sindhsalamat.com

ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا هئا بابا کي وئي. امان سڄو سڄو ڏينهن پئي ٽپالي جو انتظار ڪندي هئي. ڪو خط ئي نہ آيو هو بابا جو. هڪ اونداهين رات جو ننڊ مان اک پٽجي پئي هئم، عجيب قسم جي شور کان. مون کي ائين لڳو، ڄڻ زمين ڏٻي رهي هجي.

گهگهو وڄي رهيا هئا.

کٽ تي امان گوڏن ۾ منهن لڪايو رني تي شايد! پيڻ امان جي پر ۾ ويٺي هئي. گهور اونداهيءَ ۾ هو مون کي ڪنهن پاڇولي وانگر ٿي نظر آيون. آئون بہ کٽ تان لهي امان جي کٽ تي وڃي ويٺو هئس – مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ اسان جا بدن هوريان هوريان ڏڪي رهيا هئا.

”امان!“

”امان! هيءُ ڇا پيو ٿئي؟“ آئون روئي پيو هئس.

”جنگ لڳي آهي.“ امان جو آواز بہ ڏڪي رهيو هو. آئون سڄو سراپجي ويو هئس پوَ کان.

”هاڻ ڇا ٿيندو امان!“ هن پيري پيڻ سڏڪي هئي.

”امان! هاڻ پاڻ مري ويندا سون؟ پنهنجو گهر بہ ڊهي پوندو؟ بابا هاڻ ڪڏهن بہ نہ ايندو ڇا؟ تون ڳالهائين ڇو نٿي امان؟!!“ موت ۾ امان پنهنجو هٿ ڪٽي منهنجي وات تي رکيو هو.

رهيو رهيو تي نڪاءُ ٿيا.

سڄي رات اسان ائين کٽ تي ويهي گذاري هئي.

ائين لنگهڻ لڳا هئا ڏينهن هوريان هوريان.

بابا جو خط ئي نہ پي آيو.

پيڻ سڄو سڄو ڏينهن انب جي انهيءَ ايرنڊڙ بوٽي کي ڏسيو نجاڻ ڇا پئي سوچيندي هئي! ڪنهن ڪنهن مهل ڪبٽ ۾ رکيل ڪوڪي مان چوڙيون ڪڍي پئي ٻانهن ۾ لاهيندي چاڙهيندي هئي. امان نجاڻ ڇو تڪ ٻڌي گهر جي هر شيءِ کي پئي ڏسندي هئي. پاڻُ کي تہ ڪل ئي نہ هئي ڪنهن ڳالهہ جي.

سج لهندو هو تہ اونداهي ڦهلجي ويندي هئي. آئون بتي ٻارڻ چاهيندو هئس پر امان ٻارڻ نہ ڏيندي هئي ۽ مون کي اونداهيءَ ۾ ڊپ ٿيندو هو. کٽ تان هيٺ لهندو ئي نہ هئس. گهر جي پويان جيڪو ميدان هو، اتي خندقون کوٽجي ويون هيون. گهگهو وڄندو هو تہ پاڙي جا ڪيترا ماڻهو انهن ۾ وڃي لڪندا هئا. اسان جي گهرن مٿان جهاز زوزاٽ ڪندا لنگهندا هئا – منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳندي هئي. سوچيندو هئس، اڄهو هي جهاز بم ڪيرائيندو ۽ اسين سڀ مري ويندا سون. بابا جي ڪا خبر ڪانہ هئي – آئون سوچيندو هئس بابا ڪي ڪيڏو نہ ڏکاهہ ٿيندو، جو هو ماڻهو ماريندو هوندو. ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڇو ماريندو آهي!؟ مون کي سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو هو. سوچيندو هئس آخر اسان کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي

www.sindhsalamat.com

جو ٻي ملڪ وارا اسان کي مارڻ ٿا چاهين. آئون ته ٻي ملڪ وارن کي سڃاڻندو به ڪونه هئس. مون کهڙو ڏوهه ڪيو هوندو! گهٽ ۾ گهٽ منهنجي گهر ڀاتين ته نه بم ڪيرائين. مون کي ته نه مارين. پر شايد بابا کو ڏوهه ڪيو هوندو! ڪنهن جو پيءُ پڪ ماريو هوندو – پڪ ڪنهن جي گهر ڀاتين بم ڪيرايو هوندو، تڏهن ته هو زوزات ڪندا لنگهندا هئا اسان جي گهر جي ڀاتين ڪان.

هڪ صبح سرڪاري تار آئي هئي اسان جي گهر، انگريزي ۾ هئي. ٽپاليءَ امان کي پڙهي ٻڌائي هئي – بابا جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو – مون کي ياد آهي، امان گهٽيءَ ۾ ٻيهي پار ڪدي رهي هئي. مٽي ۾ ڏوڙ پري ڇڏي هئائين. ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪيا هئائين – پاڙو سڄو اچي ڀتانس گڏ ٿيو هو. آئون چپ چاپ در تي ٻينو رهيس – ڪيترين ئي ڳالهيون سوچيندو رهيو هئس. انهيءَ پل گهگهو وڳو هو – امان جي چوڌاري گڏ ٿيل ماڻهو ڊوڙي وڃي خندقن ۾ لڪا هئا – گهٽيءَ ۾ امان اڪيلي رهجي وئي هئي ۽ ڀتان جنگي جهاز زوزات ڪندا لنگهيا هئا – امان ڪنڌ کڻي انهن کي ڏسندي رهي هئي – سڪل نوٽ اکين سان چوڻ لڳي، 'آ – ڪهڙو ظلم ڪيو اٿوَ مون تي، منهنجا هيڏڙا پسون يتيم ڪري ڇڏيانو! – اڙي! مون کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيانوَ – ڪهڙو ته ڏوهه ڪيو هو مون اوهان جو؟؟' جهاز بنا ڪا وراڻي ڏيڻ جي لنگهي ويا ها.

انهيءَ شام ڀيڻ اڱڻ ۾ ويهي پٿر سان ٻانهن ۾ پيل ڳاڙهيون ساديون چوڙيون ڀڃي پور ڪيون هيون – امان سڄو ڏينهن پار ڪدي رُني هئي. سندس چوڌاري پاڙي جي عورتن جا ميڙا هئا.

پر امان ته جڻ پاڳل ٿي پئي هئي – ڀيڻ جي اکين ۾ لڙڪ ئي نه هئا – هوءَ ته بس چپ چاپ اکيون ڦاڙي سيني کي ڏسندي رهي هئي. مون کي بابا ٻڌايو هو ته جنگ ۾ مرڻ وارا شهيد ٿيندا آهن ۽ شهيد مرندا ناهن، جيئرا هوندا آهن – بس ٻين کي نظر نه ايندا آهن.

انهيءَ رات، جڏهن امان پٽ ۾ پئي شوڪارا ڀريندي رهي هئي – ڪونيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ڀيڻ جو سڏڪو ٿي ٻڌڻ ۾ آيو ۽ آئون سڄي رات جاڳي بابا جو، اکيون پٽي انتظار ڪندو رهيو هئس. بابا شايد سچ پچ مري ويو هو، تڏهن ته نه آيو هو – مري نه ها ته ضرور اچي ها امان کي ائين روئندو ڏسي.

بابا نه آيو –

ٻي ڏينهن به نه آيو –

امان کي شايد پڪ هئي ته بابا ڪونه ايندو – تڏهن ته هوءَ روز صبح جو ائين پار ڪدي روئندي هئي جڻ بابا اڄ مئو هجي.

www.sindhsalamat.com

مون کي ياد آهي بليڪ آئوٽ جي اُها اونداهين رات – ڪجهه به نه رڌو هو اسان جي گهر. امان گذريل ڪيترين راتين جيان پٽ ۾ پئي هئي – سندس شوڪارا ۽ سڏڪا اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ پئي گونجيا. پيڻ کٽ تي اونڌو ڪنڌ ڪيو پئي هئي – سندس چوڙين کان ٻُتي ٻانهن کٽ کان هيٺ لٽڪي رهي هئي. ياءُ پينگهي ۾ پيو هو.
آئون اونداهيءَ ۾ اڪيون ڦاڙيو وينو هئس. شايد بابا مئو نه هجي ۽ ڪنهن مهل اچي نڪري – ننڊ منهنجي اکين ۾ مرچ پري چڏيا هئا جڻ، پر اکيون نه پوريون هئم تڏهن به.
انهيءَ لمحي گهگهو وڳو هو – گهٽيءَ ۾ ماڻهن جي ڊوڙڻ جا آواز اچڻ لڳا هئا- شايد خندقن ۾ لڪڻ تي ويا – نجاڻ چو منهنجي دل چئي رهي هئي ته اسين به خندقن ۾ وڃي لڪون – امان کي چيو هئم: ”مون کي ڊپ ٿو ٿئي امان! هل پاڻ به هلي خندقن ۾ ليٽون – هل نه امان!“ موٽ ۾ امان هڪ ڏکهو ٽڏو ساهه پريو هو – جڻ سڏڪندي هجي – چوڻ لڳي، ”هاڻ ڪهڙا ڊپ – جنهن ساڻ جيئڻ هئا سو ئي ويو هليو.“

ماٺ ڇانئجي ويئي هئي چوڌاري ۽ انهيءَ ماٺ ۾ جنگي جهاز زوزات ڪندا لنگهيا هئا اسان جي گهرن جي مٿان کان.
ياد اٿم مون کٽ تان لڙڪندڙ پيڻ جي ٻي ٻانهن پڪڙي ورتي هئم. انهيءَ لمحي جڏهن ايڏو زبردست نڪاءُ ٿيو هو – جڻ زمين ڦاٽي پئي هجي ۽ هر شيءِ منهنجي مٿان اچي ڪِري هجي. مون رڙيون ڪري پڪارڻ چاهيو هو سيني کي، نجاڻ ڇا ٿيو جو ڪنهن به ورندي نه ڏني هئي مون کي.

نجاڻ ڪنهن مهل اکيون پٽيون هئم – جڻ قبر ۾ پيو هئس – سوچيو هئم مري ويو آهيان شايد – مون کي روئڻ اچي ويو هو – سوچيو هئم چو مئو آهيان آئون – مون کي ته اجا جيئڻو هو نه – وڏو آفيسر بڻجڻو هو – وڏو ٿي مون کي ته اجا سڄي دنيا مان جنگ بند ڪرائڻي هئي – ڇا ڇا نه ڪرڻو هو مون کي – پر مون ائين محسوس ڪيو هو جڻ آئون مري ويو آهيان – پيڻ به شايد انهيءَ قبر ۾ هئي – جو سندس ٻانهن اڃا تائين منهنجي هٿ ۾ هئي.

”پيڻ!“ مون قبر جي اونداهيءَ ۾ پيڻ کي سڏ ڪرڻ چاهيو – پيڻ ڳالهايو ئي نه – شايد هوءَ به سوچيندي هوندي ته آئون چو مري وئي آهيان؟!

www.sindhsalamat.com

نجاڻ ڪهڙي مهل هئي – جو قبر جي ٻاهران مشينن جو آواز ۽ ماڻهن جو آواز اچڻ لڳو – الائي ڪيترين قبرن هيون منهنجي قبر جي پاسي ۾ - مشينن جو آواز ڇا جو هو؟ ڇا قبرن اندر به جنگ لڳندي آهي؟؟ پوَ ڪان اڪيون پوري ڇڏيون هئم.

منهنجي مٿان قبر جي مٽي هٽڻ لڳي هئي – ماڻهن جا ۽ مشينن جا آواز ويا ٿي اوچا ۽ ويجها ٿيندا. مون کي ڏسي ڪنهن رڙ ڪئي هئي، ”اڙي! هي ته جيئرو آهي.“ مون کي ڇڪي قبر مان ڪڍيو ويو – پيڻ جي ٻانهن منهنجي هٿ مان ڇڏائجي وئي - ۽ آئون جيئرو هئس – پيڻ اندر قبر ۾ رهجي وئي هئي.

”اندر – منهنجي پيڻ به آهي.“ پر ۾ بينل فوجيءَ کي رڙ ڪري چيو هئم – هو قبرون کوٽڻ لڳا – پر اُهي قبرون ته نه هيون – گهر هو منهنجو – مٽيءَ جو ڍڙو – ڪجهه دير ڪان پوءِ هنن پيڻ کي ڇڪي ڪڍيو هو – پٽ تي پئي هئي مون نهاريو اُها پيڻ نه هئي.
پيڻ جي ٻانهن هئي – ڪپيل - ۽ ٻُسي.

ياءُ جو صرف پينگهو نڪتو هو – پگل – پور پور ٿيل ڪاٺيون.
۽ امان – سا ته نجاڻ ڪيڏانهن گم ٿي وئي هئي – بس سندس پوتي پئي هئي ڍڙي اندر – اچي ڦاٿل پوتي.

www.sindhsalamat.com

پيڙا

دور – دور تائين ماڻهوءَ جو رت وهندو ٿو وڃي.
شانتي ڪانهي.
(سرور دڪم دڪم – سڀ ڪجهه دک آهي – سڀ ڪجهه دک آهي)
ڪيڏي اُسات آهي.
دونهين جا بادل چوڌس ڦهليل – (هاءِ) منهنجو ساهه ٿو ٻوساتجي. (ڇا مان مري رهيو آهيان!!) ائين ٿو لڳي ڄڻ پيڙا جي هن رات جو ڪوبه ڪنارو ڪونهي، پر مان هن پيڙا پريءَ رات مان ٻانهن ڏگهاري، پولار جو سينو چيريندي ستين آسمان جو ڪنارو ٿو ڇهڻ چاهيان.
راڻا!!
مهل ڪڏهن به بيهي نه سگهندي – هاڻي.
سندس واڳون اسان جي هٿن مان ڇڏائجي چڪيون آهن.
(راڻا!! تو ڏٺو ته ڪيئن اسان جي ڪومل هٿن جون ريکائون مٽايون پيون وڃن.)
تو پنهنجن نيڻن تي چو هٿ ڌري ڇڏيو آهي؟! ڇا تون هن هٿ جي آر پار ڏسي سگهندين!
ايڏو نراس چو آهين؟ ايڏو ڪنور ٻڌجي چو ٿو سوچين!؟ ڇا تنهنجو ويساهه نه رهيو آهي پنهنجي اندر جي سگهه ۾ - اکيون پٽ نه – راڻا!! ٻانهن ڏگهاري چو نٿو وقت جي سرڪش گهوڙي جا ڳس جهلين – تو ڪي ائين جهول ڪٽ تي پئي پئي مرڻ نه گهرجي.
اکيون – پٽ – نه – راڻا!!
مان اڪيلي شهر جي سنسان گهٽين ۾، بند دروازن ڪي ڪڙڪائيندي ڊوڙي رهي آهيان.
جاڳندڙ اکين سان سپنا ڏسي رهي آهيان – پر ڇا ڪڏهن به اهي بند دروازا کلي نه سگهندا؟.
ڄاڻان ٿي، ماڻهو انڌا به ناهن – ماڻهو گونگا به ناهن – ماڻهو ٻوڙا به ناهن، پر ماڻهن جي دروازن جي ٻاهران ڪٽ چڙهيل قلف چاڙهيا ويا آهن ۽ ماڻهو اندر پوريا پيا آهن.
(نه پر مُئا پيا آهن ۽ ڪيڏي ٻانس آهي سڙندڙ آتمائن جي.
صدين جي سُڪ لاءِ)
صدين جي جنگ جوٽي پوندي آهي ماڻهوءَ کي)
تو لکيو آهي ته: ”اسان پن پن تي ڇٽي رهيا آهيون.“

www.sindhsalamat.com

پر راڻا!! جڏهن به گهٽائون گجگوڙ ڪري وسنديون ۽ جڏهن به امن جي گلابي مند موٽي ايندي – تڏهن ڪنهن تارن پري رات ۾ اسان جي اجهاٽل مرڪ ۾ نئين چٽنگ دکندي ۽ اسان اهو پن پن ميڙي جيون – جنگ ۾ بيهر ڪاهي پونداسين (ها نه – راڻا!!).
تو اهو به لکيو آهي نه ته ساوڻ جهڙو جيءُ اسان جو – گجگوڙ ڪري وسندو.
اڄ پنيرڪي تائين توڪي ۽ مون کي ملڻو آهي – هن اونداهي رات مان بانهن ڊگهاري سورج ديوَ کان روشنيءَ جي بيک به مڱڻي آهي – پنهنجيءَ مٺ ۾ ساوڻ جهڙا لڙڪ سهي، پر تو ڪڏهن برسات کان پوءِ بادلن جي اوٽ مان سج کي اپرندو ڏٺو آهي راڻا!! ائين لڳندو آهي، ڪائنات ٻيو جنم وٺندي هجي – پر منهنجو ٻي جنم ۾ ويساهه به ڪونهي – ڏس نه ماڻهوءَ کي ٻي جنم جي آس تي نڱڻ بدران، انهيءَ هڪڙي جنم جا دائرا ٽوڙڻ گهرجن – تنهنجي سگريٽ جو ڦُلو وڌندو پيو وڃي، ڇا پيو سوچين؟ پوَ جا پاوَ نه ورائيندا اتئي راڻا، ته ڪٿي ائين سوچيندي سوچيندي ئي نه حياتي بند مُٺ مان لنگهي وڃي. ڇا تو ۾ حياتيءَ جي لهندڙ سج جي پاڇولن ۾ ويهي خالي (ڪوري ڪاڱر جهڙي) مٺ ويهي پَسڻ جي سگهه هوندي!؟ نه، نه. مان ته ائين سوچي ئي ڏُکي ٿي پوندي آهيان. بند مُٺ ۾ ڪجهه نه رهجي وڃڻ گُهرجي – ساوڻ جهڙو ڪو لُڙڪ، بسنت رُت جهڙي ڪا مُرڪ.
ياد نه ٿو پويم ته ڪڏهن، پر ڪنهن خط ۾ تو لکيو هو، ”سُڱنڌا! وقت ڏاڍو تکو ٿو ڊوڙي. ايڏو تکو – ايڏو تکو جو پل اپل ۾ ئي نيڻ نهار کان الوپ ٿيو وڃي. پوءِ اننڌن وانگر هٿوراڙيون ڏئي ماڻهوءَ کي هلڻو پوندو آهي. هزارين لکين سپنا ڏسندا آهيون، پر حقيقت اها آهي ته اسان اُتي جو اُتي رهجي ويندا آهيون. اسان جيون سوچون ۽ سپنا وقت جي تِکي ڊوڙ جو ساٿ ڏئي نه سگهندا آهن. پوڙها ٿي ويندا آهيون ۽ مري ويندا آهيون.“
تون ائين ڇو سوچيندو آهين، راڻا؟ ائين نه سوچيندو ڪر. جيون رڳو ٿي ٻي سيني ٿوريئم ته ناهي نه، جنهن ۾ صرف رت ٽُڪي ٽُڪي مري وڃجي. 1971ع ۾ جڏهن جنگ لڳي هئي ۽ اسان جي گهر ۾ بليڪ آئوٽ جي گهور اونداهي ڦهلجي ايندي هئي، مان گيلريءَ ۾ ويهي ٻاهر اونداهيءَ ۾ ٻُڏل ڪائنات کي ڏسندي، موت ۽ زندگيءَ جي فلسفي تي ڇا ڇا نه سوچيو هو. ماڻهو ڪيڏو نه ڪٽي موت جو آڙاهه ٻاري، پر هي ڇوڏهينءَ جو چنڊ اُجهامڻو ناهي. تارن پريو آسمان، اونداهيءَ ۾ جهومندڙ وڻ، وهندڙ سمنڊ جو وشال نيرو سينو، ماڻهن جي گهرن جي چمنين مان وٽ سٽ ڪائي نڪرندڙ دونهون، پاڙي جي گهر مان ايندڙ ٻار جي ٽهڪ جو مڌر پڙلاءُ. وقت جي تِکي ڊوڙ ته رڪجي نه سگهندي آهي، راڻا! پر ماڻهوءَ جا نيڻ به ڪڏهن سپنن کان خالي نه رهندا آهن. ماڻهوءَ جا نيڻ آباد شهر سمان آهن.
اڄ نه – راڻا!! ڪليل نيڻ ٻرندڙ سج ۾ ڪُپائي ڇڏيون.

www.sindhsalamat.com

ڪيسين تائين پيو ائين ويليم تي تڳيندين!؟ پسم تي ويندين راڻا! جيڪڏهن ائين پيو اندر ۾ سلو پوائزن اوتيندين. ائين ته سوچڻ سمجهڻ جون سموريون صلاحيتون مري ويندءِ. انيڪ ڏينهن کان پئي سوچيان ته گورين جي اُها شيشي دريءَ کان ٻاهر اچلي ڇڏيان. توکي کُلهن کان جهلي ايڏو ڌُونڌاڙيان، ايڏو ڌُونڌاڙيان جو تنهنجي رت جي هرڪا بُوند اُٿلي پوي. ڇو ايڏو بيحس تي ويو آهين!؟ ڪيترن ڏينهن کان دري نه کولي اٿئي، ڇا پاڻ کي اهو ويساهه ڏيارڻ ڪاڻ ته ائين پاڻ کي ٻين کان ڪٽي سگهڻ ۾ ڪامياب ويندين!! ڏس نه، ٻاهر ڪائنات پنهنجن سمورن هنگامن سميت سُجاڳ آهي. برسات جون بُوندون رستن تي ڄرڪي رهيون آهن. تو جهڙا انيڪ ماڻهو آهن، جيڪي مسلسل انهن رستن تي ڊوڙي رهيا آهن، جنم پل کان مرڻ پل تائين – تنهنجي بند دريءَ کان ٻاهر پوڪيل گلاب جي ٻُوٽي تي انيڪ گُل ٽڙي پيا آهن. مان تو لاءِ هڪ گُل ڇني اچان، راڻا!! هاڻ ته پلا سگريٽ اُجهائي ڇڏ، ڪٽي آڱريون نه سڙنئي. ائين گهوري ڇا تو ڏسين مون ۾؟

اڇ، راڻا!! بادلن کي پاڪرن ۾ ڀريون.

سنڌ جي سر مٿان ناڙيل نيل گگن هيٺ بلڪل تنها (پنهنجي سنسان ذات اندر) سوچيان ٿي راڻا!! اسان جن پيرن هينان وهندڙ وقت جو ڪارو – گهرو سمنڊ ڪٽي وڃي پڄاڻي ڪندو!؟ ڇا اسان سڀ (تون – مان ۽ هي موڳي من وارو لوڪ) ڪنهن اونهيءَ کاهيءَ ۾ ڪِرڻ وارا آهيون ۽ پوءِ ڇا اسان سڀ انهيءَ اونهيءَ کاهيءَ منجهه رڙيون ڪري ڪري Help) Help – Help – مري ويندآسين؟ ۽ ٻاهر ڪائنات جيئن جو تيئن موجود هوندي! تون ٻڌين پيو نه؟ الاءِ ڇو مون کي ائين تو لڳي جڻ تنهنجن ڪنن منجهه پٿر پريل آهن – ماڻهو چون ٿا ته تون پاڳل ٿي رهيو آهين – ماڻهو بڪواس ٿا ڪن، ها نه راڻا!! مان ڄاڻان ٿي ته تنهنجي اندر جو سچو انسان جيئڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي – مان سڀ ڄاڻان ٿي – ماڻهوءَ جا نيڻ ته ڪائي جي پت آهن، جنهن جي آر پار سڀ ڪجهه تو پسجي – ڪالهه تو چيو هو نه ته تون ان لاءِ نٿو دري کولين جو پريان کان پسجندڙ پاڳل خاني جي ڊگهي ديوار تنهنجن نيڻن ۾ ٿي چُڀي!! مان به انيڪ سالن تائين پنهنجي ڪمري جي دري ان لاءِ ئي نه کوليندي هيس جو سامهون (نيڻ نهار تائين) ڦهليل سنسان قبرستان نيڻن منجهه لهي ايندو هئم – پر راڻا!! اهي ته زندگيءَ جون حقيقتون آهن نه – ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پاڳل نه هوندي به پاڳل ٿي پوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جيئرو هوندي به مئل مئل پيو محسوس ڪندو آهي.

اچ نه راڻا!! ٻانهن ڊگهاري سج کي مٺ ۾ بند ڪريون.

ڪنهن هڪڙي ڏڳ تي ويهي ليڪا پائڻ کان، ڇا سڦل اهو ناهي راڻا! تون اهو ڏڳ ئي اورانگهي اچين – هي ڇا، لڙڪ!!؟ اوري آءُ – مان پنهنجيءَ پوتيءَ جي پلاند سان تنهنجا لڙڪ اگهان - اڙي – تون ته ايڏو اٿل هئين، نه پُرڻ جهڙو – ڇا ٿي ويو اٿئي راڻا؟ ان

www.sindhsalamat.com

سموري عرصي ۾ آرسي ڏني اتئي؟ ڪارا دائرا پئجي ويا اتئي نيڻن جي چوڌاري. ڪيڏو ڏٻرو ٿي ويو آهين – هڏ ٻه ماس تان اُڀري آيا اٿئي – اڃا ته جوان آهين راڻا!! پر هينئر ڪان ئي هٿن ۾ ڏڪڻي اچي وئي اٿئي – ڇا اهو سڀ تو جهڙي ماڻهوءَ لاءِ سڦل آهي!!؟ سمهڻ، ڪائڻ ۽ پوکڻ، رڳو اها ئي تنهنجي زندگيءَ جي روٽين نه هئڻ گهرجي راڻا!! مسلسل ننڊ جون گوريون کائڻ ڪان پوءِ هڪڙي اسٽيج اها به ايندي آهي، جڏهن جاڳڻ جا اوجاڳا ماڻهوءَ جو نصيب بڻجي ويندا آهن – مان ڄاڻان ٿي ته تون گذريل انيڪ راتين ڪان جاڳندو پيو اچين – راتين جي انهن اوجاڳن ۾ ڇا لوچيندو آهين راڻا؟ مان ماڻهن منجهان ناهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن مون کي به ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ تنهنجي سڏڻ، آکڻ، سوچڻ جي سگهه مرندي ٿي وڃي ۽ تون پاڳل ٿي رهيو آهين – جي ائين ناهي ته پوءِ تون ڇو نٽو ڪوريئڙي جي ان ڄار مان نڪري اچين –

اڄ نه راڻا!! سيئي نيئر ڇني ڇڏيون –

سانجهيءَ ويل، ڪارونجهر جي ڪناري تي اڪيلي بيٺل آهيان مان – آرسيءَ جهڙي پاڻيءَ منجهه اُڀري آيل منهنجو عڪس، اڃن پکين جي ڏکهي (۽ ٿهائين اوچائيءَ ڏانهن) اڏڪڻ اُڏام – پاڻيءَ منجهه پاڻ ڏاريندڙ اجوڪو سج، ڪي ڪن اڳ جڏهن اُجهاڻو هو، تڏهن من ئي من ۾ لوچيو هئم تولاءِ ته تون اڄ به هٿ ڏکاري سورج ديوتا کان روشني ڀيک مڱي نه سگهين - ۽ اونداهين جي ان غار جي پڇاڙيءَ جي سُڌ به اٿئي راڻا؟ جنهن منجهه روشنيءَ جو ڪو هڪ ترورو به ڪونهي ۽ تون جنمن ڪان هڪ ئي پٽ کي ٽيڪ ڏيو، نستو ٿيو پيو آهين – توکي ڪاڻه سڌ ڪانهي – توکي اها به سڌ ڪانهي ته ماڻهوءَ جي هٿ – ريکا گونگي آهي ازل کان . (اڄايو پيو ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ هٿ ريکا تڪيندو آهين). ٻولڻ جي سگهه ته ماڻهوءَ جي من ۾ هوندي آهي، راڻا!! جيڪو پل – پل پيو ڌڙڪندو آهي، پر تو ته ڪڏهن به ڌڙڪندڙ من جي آوازن تي ڪن ئي ناهي ڏريو. تون ائين پڃري، ڪامي، سڙي رک ٿي ويندين، اندر ئي اندر – مري ويندين، راڻا!!

مري ويندين – مري ويندين – مري ويندين.

(هوءَ ٻنهي هٿن ۾ مُک لڪائي سُڏڪا ٿي ڀري. سندس هٿن جون نرمل، ڪُومل آڱريون هوريان هوريان آليون ٿينديون رهيون ۽ هو اندر ئي اندر پٿر بڻيو رهيو)

اڄ نه راڻا!! لڙڪ سيئي روئي ڏيون. (سڏڪو)

ڏک سيئي اوري ڇڏيون. ائين چپ ڏندن هيٺ پيڙي ڇا ٿو سوچين!! ڪيترن ڏينهن ڪان شيوَ به نه ڪيو اٿئي. (صديون لنگهي ويون آهن ۽ تون منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ ڏري رُنو به ناهين) لُڙڪ سيئي روئي ڏيڻ ڪان پوءِ اندر ۾ نئين سگهه جنم وٺندي آهي. مان ڄاڻان ٿي ته ڪهڙو ڏک توکي اڌوهيءَ جيان اندر ئي اندر کائي ٿو. تون مون ڪان ائين لڪائيندو ڇو

www.sindhsalamat.com

آهين!؟ ڪونہ ڪو ڏک اسان سيني جي من ۾ پلجي پيو. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي پيڙا جي پولار ۾ هٿوراڙيون ڏئي ٻوڙون پيا پايون. پر ائين شڪستن جو ڪفر تاٽي سُمهي پوڻ اسان مان ڪنهن کي تہ جُڳائي، راٽا!!؟ جنهن پت کي تون ٽيڪ ڏيو (صدين کان) ائين نِستو ٿيو پيو آهين، ڄاڻين ٿو انهيءَ پت جي هُن پار ڇا آهي!؟ ڇو تنهنجين اکين منجهہ ايڏي ويراني لهندي ٿي اچي!؟ ڊاڪٽر غلط ٿا چون تہ تون پنهنجو دماغي توازن وڃائي رهيو آهين. ڊاڪٽرن کي کهڙي سُڌ تہ تون ڪيڏو اُتل آهين. پاڳل پڻي جي ڪيفيت مان تہ هرڪو لنگهندو آهي. جڏهن مان بہ (ڪڏهن ڪڏهن) پيڙا جون سموريون حدون اورانگهي ويندي آهيان، تڏهن مون کي بہ ائين پيو محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ پاڳل ٿي وئي هجان. ايڏا سگريٽ ڇو ٿو پيئين؟ چون ٿا تہ ان سان ڪينسر ٿي پوندو آهي. نہ، نہ. مان توکي ائين جهول ڪٽ تي پئي پئي مرڻ نہ ڏينديس، راٽا؟ اهو هڪ ئي پيرو جيئڻ جو آهي نہ، پوءِ ان ۾ جي انيڪ وار پيو مرندين تہ پوءِ ڀلا جيئندين ڪڏهن، راٽا!!؟ اُتي تہ ٻاهر برسات پئي پوي. جهڙالو آسمان آهي. ماڪ ڦڙن جهڙيون بُوندو آهن. هل ٻاهر ورانڊي ۾ هلي ويهون. مان تولاءِ گرم ڪافي ناهي ٿي اچان. وڻن جو پن پن ڏوٻجي ويو آهي. رستي تي ٻار قميصون لاهي برسات جي پاڻيءَ ۾ وهنجي رهيا آهن، نہ!!؟ ڀلا دري کوليان!؟ آخر ڇو راٽا! ڇا تون پنهنجن ڪليل نيڻن منجهہ ڪائنات جي اها سُندرتا نٿو پرڙ چاهين؟ حياتيءَ جي هنن ساون لهرائيندڙ کيتن منجهہ تنهنجو بہ تہ حصو آهي نہ!؟ ڇا ڳالهہ آهي، تون ائين يڪ ٽِڪ ڇا گهوري رهيو آهين، راٽا. راٽا!!

اڄ نہ راٽا!! حياتيءَ جي ساون ساون کيتن ۾ ٻوڙون پايون.

پڇاڙي: سالن پڄاڻان پاڳل خاني جي اوچي ۽ ڏکهي ديوار جي اڳيان کان لنگهندي من ائين پرجي آيو هيس، جيئن ڇُنندڙ ڦٽ اُتلي پوندا آهن.

”راٽا!“ بند چپن جو پُٽڪو.

ڪن ترسي، وارن ۾ لڳل گُلاب جو گُل ڪڏي پت جي هن پار اُڇلي ٿي، پاڳل خاني جي اندر.

www.sindhsalamat.com

تون ۽ مان ڪڏهن نہ ملنداسون

اسان مليا هئاسون سال جي شروعات ۾. جنوريءَ جي ڪهڙي تاريخ هئي؟ ياد نہ اٿم. پر اها شام ڪيڏي ٿڌي ۽ هيدي هئي! ان جو ساروڻو اٿم. وڻ سيئي بي لباس هئا تن ڏينهن. سج جي ڪِرڻن، پريتم جي ڇُهاوَ جيان تي جسمن کي گرمايو. ان شام جيتوڻيڪ اجا سج لهڻ جو سمو نہ ٿيو هو، پر آسمان ايترو تہ جهُڙالو هو، جو سَنجها جو سمو ٿي لڳو. زندگي ائين ئي روان دوان هئي، جيئن جُڳ جڳاندر کان رهندي پئي آئي آهي. نہ پر (شايد!) ان شام زندگي سدائين کان وڌيڪ هنگاما خيز هئي. سيمينار جي پڄاڻيءَ تي اسان ٻئي ڪافي شاپ ۾ اچي وينا هئاسون. لٽريچر، آرٽ، فلسفي ۽ دنيا جي بدلجندڙ حالتن ۽ انهن جي تهائين گهڻو بدنما ۽ ڀيانڪ پوڻ تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي، نجاڻ ڪهڙي پل سيئي موضوع ختم ٿي ويا هئا ۽ وچ ۾ آيل مانار جي وٿي، جڻ انت پولار ٻڌجي پئي هئي. هُن دريءَ کان ٻاهر نهاريو. سگريٽ دکايائين ۽ سگريٽ جو دونهون وٺ ست ڪائيندو، ڪن لاءِ منهنجي چهري کي گهيري بيهي رهيو، جڻ ڪو ڪوهيڙو ڇانئجي ويو هجي، اسان ٻنهي جي وچ ۾. ڪي ڪن پل پوءِ جڏهن ڪوهيڙو هٽيو هو اسان ٻنهي جي وچ تان، تڏهن منظر بدليل محسوس ٿيو هئم. اسان جي اندر جا منظر بدلجي ويندا آهن، اسان جي نيڻ نهار ۾، پر اڪثر احساسن جي رستي. بلڪل ائين، جيئن نيرو آسمان، ڪڏهن ڪڏهن، پنهنجي اندر ۾ سُرخ ٽامو محسوس ٿيندو آهي.

هن چيو: اسان ٻين جي اندر جي گهرائين ۾ لهڻ کان پهرين، پنهنجي اندر ۾ ڪيڏا اجنبي هوندا آهيون، ان هوندي بہ تہ، بظاهر ڪيترا منظر، ڪتاب، ماڻهو، خواب زندگيءَ ۾ شامل هوندا آهن. عجيب ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجو پاڻ، پاڻ کان وڌيڪ، ڪنهن ٻئي، ڪنهن نئين ۽ بلڪل اوپري شخص جي اندر ۾ احساس رستي ليندو آهي. اڄ توسان ڳالهائيندي ڳالهائيندي، بلڪل هينئر، اوچتو ۽ پهريون ڀيرو مون کي لڳو تہ مان پاڻ کي سڃاڻي سگهان ٿو!؟

مون چيو: شايد، اسان جي اندر ۾ دٻيل، احساسن ۾ ويڙهيل ڪجهہ منظر، اوچتو، ڪنهن اوپري شخص سان ٽڪراءَ کان پوءِ وڌيڪ چٽا ٿي نيڻ نهار آڏو ٿي بيهندا آهن. مان ان کي سڃاڻندي تہ هيس، پر ان سڃاڻپ ۾ حساسيت ۽ جذباتي پڻو مون کي پهريون ڀيرو محسوس ٿئي ٿو.

ڪافي شاپ مان اسان ٻاهر نڪتاسون تہ سج پڇ رات ٿي چڪي هئي. سياري جي ڪري ٽريفڪ تمام گهٽ هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ فوجي ٽرڪ ٿي لنگهيا. موڙ جتان اسان جا رستا الڳ

www.sindhsalamat.com

الڳ تيا تي، اُتي چيڪ پوسٽ گذريل ڪيترن مهينن کان قائم ٿيل آهي. ٻه فوجي مورچن ۾ نشانو وٺيو وينا هئا. ڪجهه مورچن کان ٻاهر، جديد هٿيار کُلهن ۾ لٽڪايو بيٺل هئا. هڪ اسان تي ٽارچ جي روشني وڌي ۽ هڪل ڪئي. ڪجهه پل پهريون ذهن جنهن جذباتي پٽي ۾ ٻڌل هو، اُهو پوَ جا پاوَ ٻڏجي، لونءِ لونءِ ۾ چيڻ لڳو. فوجيءَ اسان جي تلاشي ورتي. منهنجي پرس ۾ ڪنهن هٿيار بدران اهو نظم هو، جيڪو سيمينار جي شروعات ۾ پڙهيو هئم.

آءُ
پاڳلن جيان
ڪڏهن پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽي
منهن تي مليان ٿي
ڪڏهن پنهنجن هم وطنن جا چهرا
ڪنهن جلاوطن جيان نيڻن ۾
جڻ آخري ڀيرو ڀريان ٿي
جنهن درياهه جو پاڻي، جنم کان ئي ماءُ پياريو اٿم
انهيءَ ۾ آگريون ائين ٻوڙيان ٿي
جڻ جنم کان ئي اڃايل آهيان
۽ پيئڻ لاءِ مون وٽ بس اڪ جو پاڻي آهي
هر صبح کي — هر شامَ کي
ٻارن جيان حيرت مان پسان ٿي
پنهنجي ئي جنم شهر جي گليِن ۾
اجنبين جيان ڦرندي
پنهنجي ئي گهرَ جو ڏس پڇان ٿي.

جڏهن کان منهنجي ڏيهه تي
ڌاريئين ڪاهه ڪئي آهي تڏهن کان
پاڳل پڻي جي اهڙين ئي ڪيفيتن ۾ آهيان.

فوجيءَ هڪ اُچاتري نهار نظم تي وڌي. شڪ ٻُڏاٽل نوع ۾ مون ڏانهن نهاريائين ۽ نظم وارو ڪاغذ ڦاڙي، پُرزا پُرزا ڪري هوا ۾ اڏاري ڇڏيائين. ڪاغذ جا پُرزا ڪي ڪن اُڏاڻا، پوءِ

www.sindhsalamat.com

نستا تي روڊ جي ڪاريءَ پترائينءَ چاتيءَ تي ڪِري پيا. ٻولي نه سمجهندي به فوجيءَ ڪي اندازو تي ويو هو ته اهو نظم ئي تي سگهي ٿو. آءٌ ۽ نظم ائين جدا ٿياسون، جيئن ماءُ ٻار کان جدا ٿيندي آهي. تلاشيءَ دوران هن جي ڪيسي مان اهو مقالو نڪتو، جيڪو هن سيمينار ۾ پڙهيو هو. 'منهنجي ڏيهه کي ڌارئين جي ڪاهه کان بچايو.' ان مقالي دوران هر هر پنڊال تاڙين سان گونجندو رهيو هو ۽ هن وقت مقالي جي ڪاغذن تي فوجيءَ جو ڀاري بوٽ رکيو هو. اسان جي ڊبيل ڊبيل احتجاج تي، چيندڙ لهجي ۾ فوجيءَ چيو: "آءٌ اندازو لڳائي سگهان ٿو ته هن دور ۾ اوهان جي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪابه شيءِ امن امان جي صورتحال ۾ بگاڙو آڻي سگهي ٿي."

ان موڙ تان، رستا الڳ ٿيڻ تي، موڪلائڻ کان پهرين، ڪي ڪن اسان چپ چاپ اسٽريٽ لائيٽ هيٺ بيٺا رهيا هئاسون. نه هن ڳالهايو ۽ نه مون – بنا ٻيهر ملڻ لاءِ ڪجهه چوڻ جي.

چڱو.......

چڱو.....

چئي الڳ الڳ رستن ڏانهن مڙي ويا هئاسون. اِها اسان جي پهرين ملاقات هئي.

ان کان پوءِ اڪثر روڊ تي ڪڏهن پنڌ، ڪڏهن بس ۾، دل چاهيو ته ڪاش ڪٿي اوچتو، هڪٻئي جي سامهون اچي بيهون. ان رات جي تلخيءَ ۾ جيترو ڪجهه اٿپورو ۽ بي معنيٰ ٿجي پيو هو، اُهو ٻيهر محسوس ڪندي، هلڪهڙي ڇُهاءَ جي احساس سان بس مان لهي، روڊ چڙي، فوٽ پاٿ تي ساڻ ساڻ هلندا رهون.

تن ڏينهين شهر ۾ ڌاڙي چڪتاڻ هئي. ناحق ۽ ڌاڙ جو سلسلو، ڌاڙي طبقي طرفان هيٺي طبقي يا قوم تي بنا روڪ ٽوڪ جي هلندو رهي، ته نه رڳو اُن ڌاڙ ڪندڙ طبقي جي صفن ۾ سڪون رهندو آهي، پر حڪومت جي معمولات به پرسڪون نوع ۾ جاري رهندي آهي. رياست جي سرد مهر خاموشيءَ ۾ طوفان جون لهرون تڏهن اٿنديون آهن، جڏهن پيڙجندڙ طبقو يا قوم اوچتو احتجاج جي پهرين دانهن ڪندي آهي. ان کي رياستي ٻوليءَ ۾ امن امان ۾ بگاڙو چئبو آهي. ان امن امان جي بگڙيل صورتحال تي قابو پائڻ لاءِ ناحق ڪندڙ جي بدران، احتجاج ڪندڙ جي وات تي حڪومت کي لت رکڻي پوندي آهي. ملڪ جي سلامتيءَ جي نالي تي رچايل ناٽڪ ۾ احتجاج ڪندڙ ڪردار جي وات تي لت رکڻ جي اُن ڪُڌي فعل کي قانوني جواز ۾ حق مليل آهي.

وات تي رکيل لت

ان رد عمل ۾

احتجاج ڪندڙ طبقو چتو ٿجي پيل.

www.sindhsalamat.com

اسان جي ٻي ملاقات اهڙين ئي حالتن ۾ ڪيتري عجيب ۽ اٽپوري هئي، جيئن وات تائين آيل پاڻيءَ جو گلاس ڪوئي ڦري وٺي.

روڊ جي هِن پار مان ۽ هُن پر هو، وچ تي مچريل جلوس، احتجاج ڪندڙن جو ۽ ان تي پوليس ۽ فوج جي ڪاهه — لٺيون، لتون، پهرين هوائي فائرنگ ڪان پوءِ سڌو هجوم ڏانهن رائفلن جا منهن ڪجي ويل. آخر ۾ ٽيئر گيس ۽ اکين تي هٿ ڏري مختلف ڏسائن ڏي ڊوڙندڙ هجوم. ان سموري واردات دوران، اسان هڪ ٻئي کي روڊ جي هِن پر ۽ هُن پر اکين ئي اکين ۾ پائي ورتو هو.

پوءِ وچ وچ ۾ هڪٻئي کي پائڻ جي جتن دوران، هڪٻئي جي نيڻ نهار کان الوپ ٿي ويا هئاسون. ان کان پوءِ قيامت جهڙي شور ۾، ٽيئر گيس کان گهٽجندڙ ڳلي ۽ سڙندڙ اکين تي هٿ ڏري، پاڳلن جيان ڀڄندي، هڪ ڊگهي عرصي لاءِ جدا ٿي ويا هئاسون.

شهر ۾ ڊگهو عرصو ڪرفيو لڳل رهيو. ڪرفيو فقط سڙڪن ۽ ڳلين ۾ نہ لڳندو آهي، ڪرفيو ذهنن تي بہ لڳندو آهي. احساسن، اميدن ۽ ويساهہ کي ٽڪائي شل ڪرڻ لاءِ. منهنجا احساس سڄي سڄي رات لاش جيان منهنجي بستري ۾ پيا هوندا هئا. لاش، جنهن تي ڪڏهن هن جي جسم جو گمان ٿيندو هئم ۽ ڪڏهن پنهنجي جسم جو. جن حالتن ۾ مون ايترا ذاتي ۽ حساس خواب ڏسڻ شروع ڪيا هئا، اهي حالتون ئي اهڙيون هيون، جن ۾ مان ڪنهن زنده انسان بدران لاش سان ئي وصل ماڻي سگهيس ٿي.

گهٽ ۾ گهٽ لاش جهڙو جيئرو انسان.

اُميد ۽ ويساهہ تہ هُئن بہ ٽڪجي شل ٿي پيا هئم.

ان کان پوءِ مليا تہ هئاسون، ساڳي ڪافي شاپ جي ساڳي ڪارنر تي. وٽن تي ساوڪ پنهنجو رنگ هاري، انهن جي ننگاٽپ کي ڍڪي ڇڏيو هو. پهريون پيرو جڏهن اتي اچي وينا هئاسون، تڏهن سامهون ڳڙکيءَ مان پسجندڙ پيلي پٿر جي اُها مُني صدي پراڻي بلڊنگ، جنهن ۾ شهر جي اصلوڪن رهواسين جا فليٽ هئا، جيئن جو تيئن بيٺل هئي. جيتوٽيڪ، مُني صديءَ جو عرصو لنگهڻ کان پوءِ بيحد بدصورت ۽ کنڊر بڻجي چڪي هئي، تڏهن بہ منجهس زندگيءَ جا آثار ڪر ڪنيو بينا هئا. مثلاً گيلرين ۾ سُڪندڙ آلا ڪپڙا (مون کي اجا تائين ڪنهن هڪ گيلري ۾ سُڪندڙ ڪنهن نئين جاول بار جو ڳاڙهو سوئيٽر ۽ بہ پتڪڙا جوراب ياد آهن) بلڊنگ جي ڳڙکين مان ليئا پائيندڙ چهرا ۽ آواز، جڻ زندگيءَ جي موجودگيءَ جا ثبوت هئا ۽ هينئر ساڳي بلڊنگ قبر مان نڪتل ڪنهن پوائتي هڏائين پڃري جيان ٿي محسوس ٿي، جنهن جو بد روح آڌيءَ آڌيءَ رات جو قبر مان نڪري، شهر جي سڙڪن تي پنهنجي قاتلن جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو هجي. احتجاج ڪرڻ جي ڏوهہ ۾، جتي شهر جي اصلوڪن رهواسين جو ڪيترو ڪجهہ ماريو، ساڙيو ۽ برباد ڪيو ويو هو، ان ۾ اها

www.sindhsalamat.com

بلڊنگ بہ شامل آهي. پهريون پيرو ملڻ تي اسان ڪيترو ڪجهہ ڳالهايو هو ۽ اڄ جڻ اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي. ادب، آرٽ، فلاسافي — ڪٿي ڪٿي انهن جي حد بہ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي دل صرف رڙيون ڪرڻ چاهي ٿي.

گهري خاموشي، رڙين ۽ دانهن جو پس منظر يا ردعمل آهي.
ڪافيءَ جا مگ ائين ئي اسان جي وچ ۾ پيا رهيا ۽ انهن مان ٻاڦ اٿندي رهي. ڊگهي خاموشيءَ ڪان پوءِ اسان ڳالهايو هو.
هن چيو: انهيءَ وچ واري عرصي ۾ توساڻ ملڻ لاءِ دل ڏاڍو ٿي چاهيو، پر ائين ٿي لڳو تہ تنهنجي آفيس جي وچ ۾، جيڪو ويهن منٽن جو فاصلو آهي، انهيءَ ۾ ٻن مهاڀاري لڙائين جي تباهيءَ جيترو ڦهلاءُ آهي. اسان جيون زندگيون بس ائين ئي آهن. ڪنهن اڄاتي ٽائم تي فڪس ڪيل ٽائم بم مٿان رکيل. زندگيءَ جي سموري گول ڦرندڙ ڦيري دوران، اسان بم بلاسٽ ٿيڻ جا منتظر آهيون. توسان مِلان بہ تہ ڪيئن!؟ ڪڏهن ٽيئر گيس ڪوهيڙو بڻجي منهنجي اکين مان منهنجا سيئي گس پنڌ وڃايو ڇڏي، ڪڏهن گولين جو وسڪارو، ڪنهن پڄي نڪتل رنگروٽ جيان موت جي پوَ هيٺ ابتن پيرن ڊوڙڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي. مان موت ڪان لڪندو وتان يا توساڻ ملڻ جون راهون ڳوليان!؟ نہ ئي مرڻ ٿو چاهيان، نہ توکي وساري ٿو سگهان، نہ ئي هن نفسياتي ۽ هٿياربند ويڙهہ ۾ نہ چاهيندي بہ ڦاٿل پنهنجي انفرادي سڃاڻپ کي اجتماعي حوالي سان شڪست جي ڪنهن اوڙاهہ ۾ ڦٽو ڪري سگهان ٿو. مثلاً مون وٽ هٿيار ڪونهي، پر مان وڙهڻ ٿو چاهيان ۽ جڏهن وڙهڻ جي سگهہ ڪني ڪرڻ جو جتن ٿو ڪريان تہ اها ڄاڻ ٿي پويم تہ وڙهي نٿو سگهان. مرڻ نٿو چاهيان، پر انهن خوابن تان هٿ کڻڻ منهنجي وس ۾ ئي ڪونهي، جن ۾ نہ رڳو تون آهين، پر اهو سڀ ڪجهہ آهي، جن کي ماڻڻ لاءِ رستا وري بہ گهمي ڦري انهيءَ مڙهيل نفسياتي ۽ هٿياربند جنگ تي اچي رسن ٿا — ڇا ڪجي!؟ مان بهرحال هيٺي طبقي منجهان آهيان ان ڪري چپ رهندي بہ احتجاج ڪندڙ آهيان ۽ ان ڪري ان مڙهيل جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ مجبور آهيان. انهيءَ ويڙهہ جي انت ۾ شايد مان ۽ تون جيئرا هجون! شايد اسان ٻنهي منجهان ڪو هڪ باقي هجي يا شايد اسان ٻئي نہ هجون! سچ پڇين تہ ايذاءَ جي ڊگهي سلسلي مان لنگهايو پيو وڃان. شهر جي هر چوڙنڪ تي بيٺل فوجين کي پنهنجي تلاشي ڏيندي ڏيندي، جڻ چور بڻجي پيو آهيان. اهو ڄاڻندي بہ تہ منهنجا کيسا خالي آهن، پوَ ڪان دل ٻيهڻ لڳندي آهي تہ نڄاڻ ڪهڙي شيءِ مون منجهان نڪري پوي ۽ مان پڪڙيو وڃان.
سڄ لهندي ئي ڪرفيو راڪاس جيان شهر جي ٻي گليءَ مان ڦري ويندو آهي ۽ زندگي ڪنهن ٻي ڏوهيءَ جيان مڙهيل قيد هيٺ، گهرن ۾ پورجي ويندي آهي. افسوس اهو آهي تہ

www.sindhsalamat.com

مان سڪون، امن ۽ انسان دوستيءَ جي ڪنهن شاندار دور ۾ نہ جنميو ويس. منهنجي حصي ۾ آڳ، خون، بربادي، تباهي، ماڻهوءَ جي هٿان ماڻهوءَ جي ڪوس ۽ هٿيارن جي ڀيانڪ ويڙهہ ۾ ٽڪائيندڙ مايوسيءَ جو جُڳ آيو ۽ مان ان ۾ ان لاءِ بہ جيئڻ لاءِ مجبور آهيان، جو مان بهرحال موت کان ڊڄان ٿو، اهو ڄاڻندي بہ تہ موت ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، ڪٿي نہ ڪٿي مون کي ڳڏجڻو ئي آهي. اها بہ پڪ اٿم تہ منهنجو لاش لاوارث حيثيت ۾ ڪنهن اونداهيءَ ڳلي يا ڪنهن گنديءَ ناليءَ مان لڀندو يا انيڪ ڏينهن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ اسپتال جي سرد خاني ۾ پيو هوندو، يا ماتم ڪرڻ لاءِ منهنجي ماءُ کي ڏنو ويندو ۽ هوءَ ماتم ڪندي بہ منهنجي چچريل چهري کي ڏسي هر هر شڪ منجهان سوچيندي تہ نجاڻ اهو منهنجو پُٽ آهي يا نہ؟ ان ڪان بہ وڌيڪ افسوس ان ڳالهہ جو اٿم تہ اهو سڀ ڪجهہ مان پنهنجي ئي وطن ۾، پنهنجي جنم شهر ۾ ڀوڳيان پيو، جنهن شهر جي گلين ۾ ٻاروتڻ ۾ اٽي ڏڪر ۽ لڪ لڪوٽي راند رهي آهي ۽ لغڙ اُڏايا آهن. جواڻيءَ جي نئين نڪور شروعات ۾ ڪيئي ڀيرا ڌڙڪندي دل سان ڪيئي محبتون ماڻيون اٿم، انهن ساڳين گلين ۾ ڪلندڙ ڳڙڪين مان توکي خبر آهي، سورهن سالن جي عمر ۾ پهريون پيار ڪنهن سان ڪيو هئم؟ ڪاهہ ڪري آيل انهيءَ ڏارئين لشڪر جي ڇوڪري سان، جنهن لشڪر طرفان مڙهيل ڏاڍ هيٺ اڄ اسين پيڙهجي رهيا آهيون ۽ پيڙهجڻ ڪان انڪار ڪرڻ لاءِ احتجاج جي ڏوهہ هيٺ، تهائين وڌيڪ پيڙهجي رهيا آهيون، سرڪار هٿان. پر تڏهن ان پهرئين پيار ۾ پنهنجي پنهنجي گهر جي ڇت تي وچ ۾ بيٺل ديوار جي هِن پر ۽ هُن پر بيهي، پيار جون ڳالهيون ڪندي اسان کي ڪڏهن خيال ئي نہ آيو تہ ايندڙ وقت رتوڇاڻ ٿيو، اسان جي پنيان بيٺو آهي. وقت ايندو، جڏهن هڪ ٻئي جي پر مان لنگهندي نفرت جو احساس نانگ جيان ڏنگيندو اسان کي . منهنجي پهرئين پيار جي پڄاڻي نفرت جي انهيءَ اظهار تي ٿي هئي. هن منهنجي قوم کي ٻُرو چيو هو ۽ مون هنن کي. ان لاءِ هن وٽ ڪيئي جذباتي ثبوت هئا ۽ مون وٽ بہ ڪيئي دليل هئا. ان ڪان پوءِ هوريان هوريان مان انهن ساڳين گلين ۾ اوپري ٻڻبي ويس. پنهنجي ئي اندر ڄڻ بي امان ٿي پئي آهيان، جو پنهنجي ئي گهر جي بند ڪمري ۾ سمهندي بہ ائين پيو محسوس ٿيندو اٿم، ڄڻ فٽ پاٿ تي الف اُگهاڙي آسمان هيٺ پيل آهيان ۽ چنڊ بہ ڪنهن دهشتگرد جي اک جيان ٿو مون کي گهوري ۽ توري تڪي.

مون چيو: وري ڪڏهن ملنداسون؟

هن چيو: تون ۽ مان هاڻي شايد ڪڏهن بہ نہ ملنداسون ۽ جي ملنداسون تہ بہ هر ڀيري اوپساهيءَ جي ان احساس هيٺ جدا ٿينداسون تہ شايد اها آخري ملاقات آهي، شايد ان ڪان پوءِ ٻيهر نہ ملون.

www.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ ڪيتري دير چپ چاپ وينا رهياسون. ڪافي ٽڏي ٿي چڪي هئي. مون محسوس ڪيو تہ اهڙي ئي ٿڌ اسان جي اندر ۾ آهي. ان خاموشيءَ دوران پنهنجي پنهنجي حصي جي ٿڌي ڪافي، زهر جي پيالي جيان هڪ ئي ڍُڪ ۾ پيئندي مون محسوس ڪيو تہ هو بہ سقراط آهي ۽ مان بہ سقراط آهيان، پر افسوس اسان جو سُور زهر پيئڻ سان بہ نٿو مري.

ان کان پوءِ

اهڙيون ڪجهہ پوريون/اڌپوريون ملاقاتون. انهن ۾ گڏيل پيڙائن، اداسين ۽ احساسن جو اظهار. اهڙو اظهار ڪڏهن خاموشيءَ جي رستي، ڪڏهن لفظن جي رستي. ڪڏهن ٿڌي ڪافي ۽ ڪڏهن گرم. ان کان پوءِ هڪ تهائين گهڻو ڊگهو عرصو دوريءَ جو وچ ۾ ڦهلجي بيٺل. ان ڦهلاءُ ۾ اهو ئي ناحق، ڏاڍ، ان جو ردعمل، احتجاج ۽ پڇاڙيءَ ۾ احتجاج جي وات تي لت رکيل ۽ ڪرفيو.

اسان جي آخري ملاقات ڏاڍي عجيب هئي. هڪ صبح بستري ۾ پئي اخبار کولي هئم. ڪٿي جيان چپ ڪيڏي سهڪندڙ اخباري بيان پڙهندي پڙهندي، هڪ فوٽوءَ تي اکيون اٽڪيون هئم ائين، جيئن جار ۾ ڪوريئڙو اٽڪي پوندو آهي. مون پنهنجي نيڻ نهار کي ڦاسندو، ڦٿڪندو ۽ نِستو ٿي سهڪندو محسوس ڪيو هو. 'فساد ۾ مارجي ويل لاوارث لاش سُڃاڻڻو' جي سري هيٺ هُن جو فوٽو ڇپيل هو.

ٻاهر ڪرفيو لڳل هو ۽ اندر مان بستري جي قبر ۾ دفن ٿيل.

www.sindhsalamat.com